سوکي بندر
۽
سامونڊي سُور

(سفر نامو)

منصور ٿلهو

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”سوکي بندر ۽ ساموندي سور“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هن ڪتاب جو ليکڪ ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ محقق **منصور ٿلهو** آهي. مهاڳ ۾ محمد علي مانجهي لکي ٿو:

”منصور ٿلهي جو هيءُ ڪتاب “سوکي بندر ۽ ساموندي سور” سفرنامو سچ پچ پڙهڻ وٽان آهي، ڇاڪاڻ ته هن بندر تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي. منصور اتي وڃي ڏينهن جا ڏينهن رهي احوال محفوظ ڪيا آهن. بندر جي آسپاس ڪي ووڙيو آهي، هتان لڏي مختلف هنڌن وڃي وينل ماڻهن سان اتي وڃي مليو، ساڻن رهاڻيون ڪري، سمورا احوال حاصل ڪيا آهن. جيڪي ماڻهو پنهنجا اباڻا گهر ڇڏي بين شهرن يا ڳوٺن ۾ وڃي وينا آهن انهن ڏکيا ڏينهن گهاريندڙن جا داستان اسان جي سامهون آندا آهن.

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سمبارا پبليڪيشن جي سرواڻ پياري ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪتاب نمبر 85
حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو:	سوکي بندر ۽ ساموندي شُور
موضوع:	سفرنامو
ليکڪ:	منصور ٿلهو
ڇاپو پهريون:	ڊسمبر 2017ع
تعداد:	هڪ هزار
ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ:	شاهزيب ميمڻ
ٽائيٽل:	عبدالفتاح هاليپوٽو
ڇپيندڙ:	سمبارا پبليڪيشن

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي ڳاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت 2020ع
www.sindhsalamat.com

ملهه: 250/_

SOKHI BANDAR AIN SAMONDI SOOR
(Traveling)

Writer:	**Mansoor Thalho**
First Edition:	**Dec 2017**
Quantity:	**One Thousand**
Composed By:	**Shahzaib Memon**
Title Design:	**Abdul Ftah Halepoto**
Published By:	**Sambara Publication Hyd**
	03003513966

ارپنا

ست سمنڊ پار
پنهنجن پارن
عادل، حنا، ثنا، راحيل
۽ ننڍڙي ڌيءُ **فاريہ**
جيڪا ڄڻ هينئر بہ
منهنجي ڪلهن تي
ويٺي آهي،
جي نانءُ

پبلشر پاران

سنڌ ۾ شايد آڱرين تي ڳڻڻ جيترا بہ اهڙا ليکڪ يا محقق نہ هوندا، جيڪي سنڌي ٻوليءَ خاص طور سامونڊي پٽيءَ تي آباد ماڻهن/مهاڻن جي ٻولي، اصل لکت ۽ رهڻي ڪهڻي متعلق کوجنا جي کوج ۾ عمر وڃائي بہ ٽڪا ناهن، اسان آڏو اهڙو هڪ وڏو مثال سائين منصور ٿلهو جي روپ ۾ موجود آهي، جنهن نہ فقط پنهنجي سادگيءَ ۽ سچائيءَ سان اڻ ڏٺي ماڳ ڏانهن اسهندي پنهنجا پير پٺون ڪري اهڙا تہ ناياب موتي تراشي سامهون آندا آهن، جن تي اڳ جي محققن جي چهري مٿان حيرت ۽ رشڪ جو ريڪائون ضرور نمودار ٿينديون، سنڌ جي سوڪي بندر کان آمريڪا جي سامونڊي ڪنارن تائين هن صوفي ۽ جوڳي منش انسان ڇا ڇا نہ پيڙهيو ۽ ڀوڳيو هوندو، ان جا ڪجهہ اولڙا تہ سندس اڳ آيل ڪتابن هر هڪ ”جيون ليڪا“(ناول)، ”جي هانءُ نہ هارين“ (چونڊ ڪهاڻيون)، ”زندگي ڀوڳ“ (ناول)، ”متي ۽ مهاڻا“ (ناول) ۽ ”ريڙهي مياڻ“ (ناول)، لاڙي ماڻهن جي گفتگو ۾ استعمال ٿيندڙ سنڌي ٻوليءَ جي نج لفظن تي ”اڪر پٽيءَ“ جي ’لغت‘ لکي چڪو آهي.

سچ تہ سائين منصور ٿلهو جي اڻٿڪ محنتن، محبتن ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب سان بي انتها عشق ۽ عقيدت جي ڀرپور اظهار جو هڪ ننڍڙو مثال آهن.

وارياسي وهندي يا جهر جبل جهاڳيندي منصور جي منصوري مرڪ تي ڪو فرق نہ ٿو پوي، هو اڄان بہ سامونڊي سورن ڪي پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪندي اتان جي رهڻ وارن ۽ سندن رهڻي ڪهڻي سان هڪ جهڙو ٿيڻ لاءِ اتاولو آهي، هو بنا دير اسهڻ جا سانباها ڪري لطيف سرڪار جي ”سر ڪاهوڙي“ جو هڪ اهڙو ڪردار پاسي ٿو، جنهن لاءِ پاڻ فرمائي ويا تہ

پيئي جن پَر ڪَ، گَنجي ڏُونگَرَ گامَ جي،
واري سَپُ وَرقَ، لوچي لاهُوتيِ ٿيا.

اڄ جي دور ۾ جتي مفاداتي ويڙهہ ۾ پاڻ وڃائڻ جي مشق ۾ خوديءَ ڪي

پستيءَ طرف ڏڪڻ جي ريت عام هجي اتي پنهنجي خواهشن جو ڳلو گهُٽي ۽ زندگيءَ جي مڙني آسائشن کي در گذر ڪري پنهنجي ٻولي ۽ ادب لاءِ پاڻ پتوڙڻ واري سائين منصور ٿلهي جي انهيءَ جذبي کي پلا کهڙو نانءُ ڏئي ٿو سگهجي؟. اها پنهنجي ڪم ۽ ڪرت سان سچائيءَ ۽ عشق جي انتها چئجي جو سندس اندر ۾ وينل هن فقير منش ليکڪ کي سروريت جو احساس اهو سڀ ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو. منصور ٿلهي جي مٿي ڄاڻايل ڪتابن کانسواءِ ساڳئي موضوع تي ٻيا انيڪ ايندڙ ڪتابن جي لسٽ ۾ شامل آهن، هي ڪتاب ”سوکي بندر ۽ ساموندي سور“ پڻ ساڳئي تسلسل جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن کي سفرنامي جو نالو تہ ڏنو ويو آهي پر هن ڪتاب ۾ سوکي بندرگاهہ تي موجود هاڻوڪن ڪردارن سان ليکڪ جي ميل ملاقاتن پٽيان بہ انيڪ کهاڻيون جهاتيون پائيندي نظر اچن ٿيون، سائن منصور ٿلهي لاڙي لهجن ۽ مهاڻن جي مادري ٻوليءَ جو ذڪر پنهنجي منفرد انداز سان ڪرڻ سميت اتان جي تاريخي منظر ۽ پسمنظر کي جيئن جو تيئن بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، بلڪل لاڙي پهاڪي جيان تہ ”بندر ڦٽو، سوکي وٺي“ يعني شاهہ بندر ڦٽڻ يا ويران ٿيڻ بعد سوکي بندر وڏيڪ آباد ٿي ويو آهي، جي هوبهو عڪاسي محسوس ٿيندي. سمبارا پبليڪيشن جي طرفا منصور ٿلهو جي ڪتاب ”سوکي بندر ۽ ساموندي سور“ جي اشاعت تي نهايت سرهائي محسوس ڪندي هي ادارو سندس اڻ ڇپيل ٻين ڪتابن کي پڻ شايع ڪرڻ جي خواهش کي جلد پورو ڪندو.

ساجد سنڌي
سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
03003513966

سوکيءَ جو مسافر منصور ٿلهو

سنڌ ساڻيهہ واپار جي لحاظ کان جڳ مشهور رهيو آهي، اُن جا خاص سبب هي رهيا آهن: هڪ تہ هِيءُ ملڪ وسيلن سان مالا مال رهيو آهي، جيئن اناج، ڪپڙو، چوپايو مال گيهہ چمڙو، صنعت (Industry) وغيره جي گهڻائي، ٻيو تہ هن ملڪ جو وسيع ساموندي علائقو، ٽيو تہ سڀاجهو سنڌو هن ملڪ جي سِري واري علائقي کان پوري وچ تان سُهڻي سينڌ وانگر سوين ميل سفر ڪندو اچي، آخر ۾ مختلف وهڪرن جي شڪل ۾ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو/آهي. آڳاٽي دور ۾ تہ هوائي اڏامون هيون ئي ڪونہ، نہ ئي ڪي لاريون موٽرون يا ريلون هيون، سو ملڪي ۽ ڏور ڏيهن تائين وڏا سفر ۽ واپار ڪرڻ جو وسيلو فقط سمنڊ ۽ ساموندي ٻيڙا هئا. سنڌ ۾ سنڌوءَ جي ڪري شروع کان آخر تائين ٻيڙين وسيلي سولائيءَ سان سفر ڪري سگهبو هو. ايئن سنڌوءَ رستي آيل ٻيڙين ۾ سامان وغيره ڇوڙ تائين پهچي، وري ساموندي ٻيڙين ۾ سٿبو هو ۽ پوءِ ڏور ڏيهن ڏانهن روانو ٿيندو هو. اهو نظام هزارين سالن کان هلندو رهيو. هيءَ بہ حقيقت آهي تہ اهڙي رحمت دنيا جي گهٽ ملڪن ۾ رهي آهي. اُنهي نظام کي هلائڻ لاءِ آڳاٽي زماني ۾ ڪيترائي دريائي ۽ ساموندي بندر موجود هئا، جيڪي جڳ مشهور رهيا آهن. دنيا جي ملڪن جي ماڻهن جون لکيل تاريخون ۽ سفرناما اُنهن حقيقتن جون اڄ بہ گواهيون ڏين ٿا. سڪندر اعظم جون تاريخون لکندڙن موجب انهيءَ زماني ۾ پٽالا، بارباريڪان، منها تاڙ ۽ ٻيا وڏا بندر موجود هئا. عيسوي سن جي شروعاتي دور کان ديبل بندر جون واڪاڻون سڄي جڳ جا تاريخي ڪتاب ڪن ٿا. ديبل کان پوءِ لاهري بندر، جاڪي بندر، اورنگا بندر، ڪراچي، شاهہ بندر، ڏارا جا بندر، سون مياڻي، ڪڙڪ بندر، وڪر بندر، ڪيٽي بندر، سنڌو بندر ۽ سوکي بندر بہ پنهنجي پنهنجي دور ۾ مشهور رهيا آهن. تاريخون ۽ تذڪرا شاهد آهن تہ سنڌ ملڪ جا اُهي بندر واپار جا وڏا مرڪز بہ رهيا. انهن ۾ سوکي بندر سچ پچ تہ سک ۽ سرهائيءَ وارو بندر هو.

سمنڊ ويجهو سنڌوءَ جي مک وهڪري تي سوکي بندر توڙي جو آڳاٽي زماني ۾ هڪ پتڻ رهيو هو، پر انگريزن جي دور ۾ هڪ بندر جي شڪل اختيار ڪيائين. ٻاڙهن، رتڙين، ڪارائي گنجن، سڱداسي سارين/ چانورن جي پلين ٻنين جي وچ ۾ سوکي وارو علائقو گهڻي زماني کان زرعي لحاظ کان تمام گهڻو خوشحال هو. سنڌوءَ جي جنهن وهڪري تي سوکي بندر هو سو اُهو ئي وهڪرو آهي جنهن جي اوپر ۾ ويجهو ئي شاهه بندر آباد هو، سنڌو ڪجهه ڪوهن تي اڳتي اولهه طرف هلي، ڪاري ۾ ڇڙي ڪارو ڇاڻ سڏبو و/ آهي. مختلف لکتن ۽ روايتن مان لڳي ٿو ته شاهه بندر جي اوج گهٽ ٿيڻ کان پوءِ سوکي اُسريو ۽ اوج تي پهتو. هيٺين چوٽي ٻه اجا تائين ٻڌائي وڃي ٿي، جنهن ما اندازو ڪري سگهجي ٿو ته سوکي ڪڏهن آباد ٿيو:

شاهه (بندر) ڦٽو سوکي وٺو.

جاگرافيائي لحاظ کان سوکي اهڙي علائقي ۾ موجود هو، جتي سنڌوءَ جو ڇوڙ پکڙي پالاٽون ڪري آس پاس وارا علائقا آباد ڪري، وڃي سمنڊ ۾ پوندو هو. تنهنڪري هتي تمر ۽ ٻين وڻن جا گهاٽا ٻيلا ٻه موجود هئا، ته ساڳ جو وڻ، سارپال ۽ ٻيون آباديون ٻه جام ٿينديون هيون، ۽ تڏهن مڇي ٻه جام هئي. سنڌوءَ جي مٿين علائقن تائين ٻه هتان ٻيڙيون سولائيءَ سان وڃي ۽ اچي سگهنديون هيون. هتان وري سمنڊ وسيلي مختلف ملڪن ڏانهن مال متا ٻه وڃي سگهندو هو. مليل انگن اکرن موجب هزارين آبادي تي مشتمل هن بندر ۾ ٿي سو هٽ ۽ ڪجهه نيلها وغيره موجود هوندا هئا. بندر تي هر وقت ننڍيون وڏيون ٻيڙيون اينديون وينديون رهنديون هيون، جنهن ڪري هر وقت ماڻهن جي گهڻائي هوندي هئي. شهر ۾ وڏا واپاري ۽ شاهوڪار ٻه رهندا هئا ته آسپاس وڏا زميندار ٻه آباد هئا. وسيع سڪيو ستابو علائقو رکندڙ سوکي بندر مان اناج، سڻي، ڪپڙو، ڪاٺ، چمڙو وغيره نه رڳو ملڪ جي ٻين علائقن ڏانهن ويندو هو پر ڏور ڏيهن تائين ٻه موڪليو ويندو هو.

هن بندر جا اسان جيڪي 1982ع ۾ آثار ڏٺا انهن کي ڏسي حيرت ٿي هئي ته هيڏو وڏو شهر ڪيئن اُجڙي ويو. سوين ڍِنل دڪان ٻه وڏيون رائس ملون، ٻيڙين لاءِ دڪان ۽ سوين اُجڙيل گهر وغيره اُجڙيل

صورت ۾ موجود هئا. تڏهن آسپاس وارن علائقن ۾ اهڙا تمام گهڻا ماڻهو حيات هئا، جن هن شهر جي بندر بازارين کي آباد ڏٺو هو. 80 واري ڏهاڪي کان پوءِ لڳاتار رڪاوٽون وجهڻ جي ڪري درياهه جي گهٽجڻ ڪري ۽ ٻي پاسي سمنڊ جي خشڪيءَ طرف وڌڻ جي ڪري سوکي بندر ٻه ٻين بندرن وانگر ساڻو ٿيندو، نيٺ اجهامي ويو.

نه سي ونئڻ وڻن ۾، نه سي ڪاتاريون
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.
(شاهه لطيف)

آس پاس جون زمينون تباهه ٿينديون رهيون. ڪاري وڌڻ ڪري، پنڌ پيچرا ٻه بند ٿي ويا، ماڻهو مايوس ٿي پنهنجا خوبصورت گهر گهاٽ هوريان هوريان ڇڏيندا، سنڌ جي مختلف علائقن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪندا ويندا رهيا. ايئن سنڌوءَ جي رڪجڻ سبب بندر برباد ٿيندو ۽ شهر اجڙندو رهيو. هاڻي ته اها صورتحال آهي جو انهن پٽن مٿان ٻيڙيون گذرندي نظر اچن ٿيون. باقي ڪو شهر وارو ٻه ٿورو ٽڪرو وڃي بچيو آهي، جيڪو ٻه آلاڻ ۾ آهي. البت جڏهن جڏهن ويرون گهٽبيون آهن ۽ پاڻي لهي ويندو آهي، تڏهن رڳو ڪن جڳهين وغيره جا آثار ڪر ڪڍي ڏيکائي ڏيئي وري پاڻيءَ ۾ الوپ ٿي ويندا آهن.

منهنجو پيارو دوست منصور ٿلهو گهڻي وقت کان ساموندي ڇوڙ واري علائقي تي ڪم ڪندو رهيو آهي. هو ڪو اُهو ڪم ڪو گهر ويٺي ڪو نه ڪندو آهي، پر اُتي وڃي هفتن جا هفتا رهي، ڪڏهن گاڏين تي، ڪڏهن ٻيڙين تي ته ڪڏهن وري پيرين پنڌ سفر ڪندو، اُتي جي ڳوٺن، واهڻن، وستين ۽ پراڻن پڊن جا احوال قلم بند ڪندو رهيو آهي. ڪجهه سال آمريڪا ۾ وڃي رهيو ته اُتان ٻه اوير سوير پيو فون وسيلي رابطو ڪري، اهڙا احوال سليندو هو. مطلب ته ڪيس اهو خفت اتي ٻه رهيو. وري جو واپس پنهنجي ماڳ موٽيو ته وري ٻه سندس ساڳيائي پنڌ ۽ پڇائون. سنڌ جي ساموندي ڪناري سان اهڙي ڪا لئون لڳي اٿس جو ٻئي ڪا وائي وات اٿس ئي ڪو نه. اڄڪلهه ٻه ان طرف ويندي يا ايندي ملندو. اُتان جڏهن واپس ورندو ته گهڻيون ئي حقيقتون ڳولي آڻيندي خوش ٻه ايڏو ٿيندو جو ڄڻ ته ڪي موتي ميڙي آندا هجنس. ها سچ پچ

موتي ئي ڪٽي ايندو آهي، ڪڏهن لفظن جا موتي، ڪڏهن واقعن جا موتي، ڪڏهن ڪن داستانن جا موتي تہ ڪڏهن وري ڪن منظرن جا موتي. ڪڏهن بہ نہ ٿڪجندڙ هن مسافر سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ لهجي جي لفظن کي گڏ ڪري پڌرو بہ ڪيو آهي، تہ انهن تي وڌيڪ ڪم بہ ڪري رهيو آهي. سامونڊي ڪناري واري علائقي جي پسمنظر ۾ ڪهاڻيون ۽ ناول بہ لکيا اٿس. صنفن واري سانچي کي هڪ پاسي رکي، حقيقتن کي ڏسبو تہ اُهي هن علائقي جون سچون رپورتون ۽ وارتائون ضرور آهن. سندس ڪتابن ۾ اُتي جي ماڻهن جا تلخ تجربا ۽ مشاهدا موجود آهن جيڪي تاريخ جو حصو آهن.

منصور ٿلهي جو هيءَ ڪتاب "سوڪيءَ بندر ۽ سامونڊي سور" سفرنامو سچ پچ پڙهڻ وٽان آهي، ڇاڪاڻ تہ هن بندر تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي. منصور اتي وڃي ڏينهن جا ڏينهن رهي احوال محفوظ ڪيا آهن. بندر جي آسپاس کي ووڙيو آهي، هتان لڏي مختلف هنڌن وڃي وينل ماڻهن سان اتي وڃي ملي، ساڻن رهاڻيون ڪري، سمورا احوال حاصل ڪيا آهن. جيڪي ماڻهو پنهنجا اباڻا گهر ڇڏي ٻين شهرن يا ڳوٺن ۾ وڃي ويٺا آهن انهن ڏکيا ڏينهن گهاريندڙن جا داستان اسان جي سامهون آندا آهن. منصور جن ماڻهن سان وڃي رهاڻيون ڪيون انهن ۾ چاچو عيسيٰ، محمد عمر خاصخيلي ڪيرواٽي، احمد خاصخيلي، حاجي ابوبڪر ڪٽي، حاجي بابو شولاٽي، الهڏنو ٻاهوٽ، ناڪو الهڏنو ميربحر، الهڏنو خاصخيلي ڪيرواٽي ۽ ٻيا شامل آهن. هن ڪتاب ۾ هن علائقي جي شاعر محمد هاشم لهر جو بہ ذڪر ملي ٿو. مشهور استاد محمد هاشم لهر اصل ۾ ڪيٽي بندر جو رهاڪو هو. ڪيٽي بندر ڦٽڻ کانپوءِ هو ٻُهارا ۾ اچي رهيو، اتي منهنجون بہ ساڻس ملاقاتون ٿيون هيون. انهي حوالي سان هي ڪتاب نہ رڳو سفر نامو پر سماجي حالتن جو منظر نامو بہ آهي تہ دربدر ٿيل ماڻهن جا درد ڀريا داستان بہ آهن، منصور هن ڪتاب ۾ بندر جي اوج جو بہ ذڪر ڪيو آهي تہ وري ڦٽڻ جا سور بہ سليا آهن. بندر جي ڦٽي وڃڻ کان پوءِ ماڻهن جي حالتن جا منظر بہ چٽيا آهن. ايئن هن بندر جي تاريخي حقيقتن کي اسان آڏو آندو آهي.

جڏهن بہ ڪنهن محقق هتي جي سماجي تاريخ لکڻ شروع

ڪئي تہ منصور جو هيءَ ڪتاب هڪ ماخذ جي صورت ۾ موجود هوندو. هن کان اڳ م گهٽ ۾ گهٽ هن انداز سان شايد ئي ڪنهن ڪم ڪيو هجي. هن بندر جي حوالي سان بہ هن کان اڳ هن نموني جو ڪو ڪم نہ ٿيو آهي. هيءَ ڪتاب منصور جي پيار جو پورهيو آهي ۽ پيار جو پورهيو جتي ڪٿي ۽ جڏهن ڪڏهن قبول ضرور پيو آهي. آئون ڪيس هن ڪتاب لکڻ تي مبارڪ ڏيان ٿو ۽ اسان جي نوجوانن کان اهڙي پيار جي وڌيڪ پورهئي جي اُميد ڪريان ٿو.

ڊاڪٽر محمد علي "مانجهي"
مڪلي_ٺٽو
10 آڪٽوبر 2017ع

ٻه ٻول چار ڳالهيون

لاڙ جو نالو وٺندي، ذهن ماضيءَ جي ماڳن ڏانهن هڪدم تيزيءَ سان "لاڙو" ڪائي وڃي ٿو، سنڌ ملڪ جي آڳاٽي وقت جا "بندر ۽ بازاريون اُنهن جا اوج وارا احوال ڪنهن چترڪار جي ناهيل تصويرن وانگر رنگن ۾ رنگجي روح رهاڻيون ڪن ٿا. سمنڊ جون ڇوليون ذهن جي ڪنارن کي ڇُهي وڃن ٿيون. پوءِ جن ڪتابن ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي سهڻن بندرگاهن جي باري پڙهيو هُيو، اُهي ڳالهيون ياد اَچن ٿيون. واهه.اُهي ماڻهو ڪيڏا پيارا هُئا، جن سنڌ جي ساموندي پٽيءَ جا سهڻا ڏينهن، بندرگاهن جا سهڻا اوج اکين سان ڏٺا هئا.

سائين مولائي شيدائي رحيم داد خان جنهن سخت پورهيو ڪري "جنت السنڌ" ۾ سنڌ جي تاريخ جو ذڪر ڪيو آهي. صفحي (2) تي لکي ٿو ته

"سن 1843 ع تائين سنڌ هڪ ڌار ملڪ هو. قديم زماني م سنڌ حڪومت جون حدون اُتر ۾ درياهَ جهلم تائين هُيون ۽ ڪشمير جا بعض هيٺيان ضلعا به اُن ۾ شامل هئا. اُتر ۾ درياءَ هيلمند اُن جي حد بندي ڪندو هو ۽ ڏکڻ اُلهندي ۾ سندس سرحد مڪران جي اُلهندي م نور منشور پکڙيل هُئي ۽ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ هوس ۽ ڏکڻ اُڀرندي ۾ راجپوتانا ۽ جيلسمير ريگستان ۾ ڪٿي وڃي ٿي ختم ٿئي. سنڌ ملڪ پنهنجي قديم تهذيب، ثقافت ۽ تمدن رکندڙ ملڪ هُيو، اُن جي شاهد خود سنڌ جا ماڳ، مڪان ۽ بندر هئا. جن تي ڏينهن رات ڏيتي ليتي وڻج واپار هلندو هو. سنڌ جي ساموندي پٽيءَ ۾ مشهور بندر هُئا اُنهن جو ذڪر دنيا جي سياحن پنهنجن سفرنامن ۾ احوال ڏنو آهي. اُنهن جي ڪتابن جا سنڌي ليکڪن ترجما ڪيا ۽ بندرگاهن جي حوالي سان اُنهن جو ذڪر قلم بند ڪيو آهي.

مولائي شيدائي ڪتاب "جنت السنڌ" جي صفحي نمبر 25، 32، 404 تي لکي ٿو ته: "ڀنڀور سنڌ جو قديم بندرگاهه هو، جتي سنڌو نديءَ جي جهازن ۾ سامان "ساموندري غورابن" م چڙهندو هيو. هاڪڙي تي "پارينگر" مکيه بندر هو، ازنسواءِ سندو ندي جهاز رانيءَ ۽ مغربي ملڪن

کي ويجهو هئڻ سبب سندس واپار هزار ها ورهين کان مغربي دنيا سان هلندڙ هو"، ڀنڀور جنهن جو نالو بطليموس پنهنجي تاريخ ۾ "باربائيڪا" ڏنو آهي. سو "تحفت الڪرام جي بيان موجب "راجا ڀنڀور راءِ تعمير ڪرايو هو. سنڌ جو قديم بندر پٽالا کان سمنڊ ڏانهن ويندڙ رستي تي گهاري کان ٻن ميلن جي فاصلي تي هو".

سنڌ جي بندرگاهن جي آس پاس ۾ ڪيتريون وسنديون هونديون هُيون. انهن وسندين ۾ رهندڙ ماڻهو رات ڏينهن بندرگاهن تي ڪم ڪارن ۾ مشغول هوندا هئا. سنڌ جي ديبل بندر جو گهڻو احوال ملي ٿو. مولائي شيدائي صفحن 103 ۽ 102 تي لکي ٿو ته:

"ديبل سنڌ جو مکيه بندر ۽ واپار جو مرڪز هو، سمنڊ شهر جي پٽين سان موجون هڻندو هو. "تاريخ طاهريءَ" جو مصنف سنه 1606ع ۾ ٺٽي ۾ آيو. بشاري سنه 375هه ۾ ديبل بندر جي چؤگرد هڪ سؤ ڳوٺن جو بيان ڪري ٿو، جنهن ۾ هندو واپاري هئا". مولائي شيدائي صفحي نمبر 204 تي لکي ٿو ته "سنه 132 هه (740ع) ڌاري بغداد جي بنياد پوڻ ڪري، چين تائين عربن جا جهاز وڃڻ لڳا، عباسي فرمانروائن بغداد ۾ ڪرفايا، عيسيٰ ۽ صر صر نهرون کوٽرايون، جن مان نَهر عيسيٰ وسيلي، جهاز "فرات" ۽ "دجلا" ۾ آسانيءَ سان اچڻ وڃڻ لڳا. اين واضح "يعقوبيءَ جي بيان موجب "بَصرو" دنيا جي واپا جو مرڪز بنجي ويو. جزائر مشرقي ۽ چين ۽ ڪاري منڊل جا جهاز " ديبل" تائين اچڻ لڳا ۽ سن 290 هه بصري جو واپار فرغانه ۽ "موراڪو" تائين هلڻ لڳو. ملبار جا مصالحا ۽ سنڌ جو عنبر قاهره جي مارڪيٽن ۾ پنجوڻ تي وڪامجڻ لڳو." ان وقت سنڌ جا شهر ديبل، نيرن ڪوٽ، سيوستان (موجوده سيوهڻ) خضدار، قنزپبون، منصوره ۽ ملتان تجارتي مرڪز هئا". ديبل جو آخري احوال سومرن جي ڏينهن ۾ چنيسر جي دؤر ۾ ملي ٿو. جڏهن هن ديبل کي تخت گاهه مقرر ڪيو هو پر ابن بطوطا جڏهن ديبل کي ڏٺو ويران هو. مصنف مولائي شيدائي مٿئين ڳالهه "جنت السنڌ" جي صفحي (373) تي لکي آهي ۽ صفحي 373 ۽ 374 تي لاهري بندر جو احوال هيٺين طرح قلم بند ڪيل آهي، "لاهري جنهن ديبل کانپوءِ ناموري حاصل ڪئي، سو "ديبل" کان پنجن ميلن جي فاصلي تي سمنڊ کان ويهه ميل اندرئين

پاسي مهراڻ جي هڪڙيءَ اُلهنديءَ واري شاخ تي واقع هو. شيخ ابوالفضل "آئين اڪبريءَ" ۾ لاهري جي تعريف ڪري ٿو. "مُصنف صفحي 431 تي لکي ٿو تہ:
قنڌار مرزا غازي بيگ جي جاگير هو، تنهن ڪري "هرات"، خراسان ۽ سمرقند جا رستا سنڌ سان واپار جي لاءِ کُليل هئا. سمنڊ رستي واپار لاهري بندر ۽ ٺٽي سان چالو هو". مصنف صفحي 102 تي لکي ٿو تہ:
ميجر جنرل هيگ جنهن جو ڪتاب "دي انڊس وئلي ڊيلٽا ڪنٽري" 1894ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو. تنهن "ديبل بندر" سنڌو نديءَ جي ڊيلٽا تي اُلهندي ڪپ تي ڏيکاريل آهي".
انگريزي سفير "سر رابرٽ شرلي" ايران ڏانهن ويندي، 1613ع ۾ ٺٽي کان جهاز رستي هڪ ڏينهن مسافريءَ ڪانپوءِ "ديبل" تي پهتو هو. ميجر ريورٽي عيسوي 17 صديءَ ڌاري "ديبل" کي ٺٽي کان 15 ڏينهن جي فاصلي تي بگاڙ جي چوڙ وٽ ڏيکاريو آهي."
"ڪپتان جان ووڊ، جنهن 19 صديءَ ۾ ڪراچي کان آمود نديءَ جي مُنهن تائين مسافري ڪئي هئي، "ديبل" کي پير پٺي وَٽ سنڌو نديءَ جي نقشي ۾ ڏيکاريو آهي."

لاڙ جا ٻہ مکيہ شهر آهن، ڪراچي ۽ ٺٽو ڪراچيءَ جي اهميت جو هڪ سبب هيءُ بہ آهي تہ اها هڪ سنڌائتي هنڌ تي آهي، جنت السنڌ صفحو 585، تي مصنف لکي ٿو تہ: ڪراچي ۽ سون مياڻي ٻہ ننڍڙا بندر مڇي مارڻ جون مياڻيون هيون. جت مهاڻن جا گهر هئا. هينئر لاڙ جو سامونڊي پٽيءَ وارو علائقو سمنڊ جي کاري ڏندن جي وَچ ۾ آهي. انهيءَ سمنڊ جي پيٽ ۾ ڪيترائي سنڌ جا سهڻا بندر گم ٿيل آهن. اهي "بندر" ڪجهہ فاصلن ۽ ها ميلن جي فاصلن تي هئا. هاڻ اُهي داستان لڳي رهيا آهن. سمنڊ جي ان پيٽ ۾ سنڌ جا "بندرگاهہ" سان گڏ شهر ۽ قديم ماڳ بہ گم آهن. سنڌ جي بندرگاهن جو اوج وارا خيال ذهن ۾ ايندي ئي هيءَ تصور اُڀري ٿو تہ.. ديبل، لاهري جي ڪنارن تي دنيا جي مختلف ملڪن کان آيل وڏا ٻيڙا، جهاز جن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو جيڪي پنهنجن مخصوص علائقن جي پوشاڪن ۾ بندر تي جهازن مان سامان لاهي رهيا آهن تہ مقامي مزدور بغير ٻانهن جون صدريون، قميسون پاتل

اٿن. اهي پرڏيهي جهازن منجهہ سامان وتائي (اچلائي) رهيا آهن. بندرگاهہ تي تيز هوائون گُهلنديون، سمنڊ جون لهرون اُنهن تيز هوائن تي تکائي ۽ تيزي سان اچي بندرگاهن تي بيٺل ماڻهن جي مٿان ۽ انهن آيل ڏيساورن جي مٿان پاڻيءَ جون هلڪيون بوندون وسائي هليون وڃن ٿيون. جڏهن اُهي سامونڊي لهرون آيلن جو آڌرڀاءُ ڪنديون هُجن. بندرگاهہ تي بيٺل ماڻهن جون مختلف ٻوليون هجن ۽ اُنهن جا آواز هڪٻئي سان ملندا، اُهي پاڻ ۾ ڳالهائيندا، مُرڪندا، انهن جي چهرن تي هڪ عجيب سُهڻي مسڪراهٽ هئي، ائين لڳا، جڏهن سڀئي پيار جي جوڃڻ (ونگ) ۾ ٻڌل هجن. جوڃڻ (ونگ) ها. تيز هوائن تي پاڻيءَ منجهہ بيٺل ٻيڙا، جهاز سي پينگهہ جيان لُڏندا رهيا ٿي. اُنهن بيٺل ٻيڙن ۾ لڳل وڏا سڙهہ" وارا ڪپڙا بہ ڦڙڪندا رهيا ٿي. اُنهن سڙهہ وارن ڪپڙن جو آواز پري پري تائين ٿي ويا، سنڌوءَ جي ماڳن ۽ بندرگاهن جا جڏهن گيت ڳائيندا هُجن ۽ ڪو سنڌو ماٿريءَ جي ڪُک مان ڄاوَل فنڪار پنهنجي فن جو سريلي آواز سان سپت سنڌوءَ جا گيت ڳائي رهيو آهي. انهن جهازن جا سِڙهہ هوائن تي ڦڙڪندا، وڏا شور ڪندا، موهين جي ماڻهن جا محبتن وارا گيت، لاڙ جي ماڻهن جون مِٺيون لاتوين، ڳائيندا هجن. ڪي سڙهہ وارا جهاز ٻاهرين ملڪن جا اُنهن جهازن تي مختلف نشانيون هجن، جيڪي اُنهن جي ملڪن جا نالا ٻڌائيندڻيون ۽ ڏس پتا ڏينديون هُجن.

بندر تي ڪم ڪندڙ ماڻهو جهازن مان سامان لاهڻ ۽ جهازن ۾ سامان وجهندڙ ماڻهو ڪنهن پهلوانن کان بُت ۾ گهٽ ڪونہ هئا. اُنهن جا قد بہ ڊگها هئا. بندرگاهن تي سنڌي ماڻهن جي لوڏ مان پتو چٽو پوي پيو.

بندرگاهن جو سهڻو نقشو اکين اڳيان وري غائب ٿي ويو. پاڻ کي سنڌو درياهہ جي هڪ ڪنڌيءَ تي بيٺل ڏسان ٿو. جنهن تي ننڍڙا ننڍڙا ڄار وارا وڻ هُجن ۽ ننڍڙيون پَٽَ تي ڪَنڌ لاڙيل وَليون هجن. جيڪي ڪنڌي جي ڦٽڻ واري شاهدي ڏيندا هجن. اُهي ڪنڌيون. جن کي سنڌو درياهہ سدائين سائون سر سبز رکندو آيو هو. جيڪو پنهنجي قوت سان سمنڊ جي کاري پاڻيءَ کي اڳتي وڌڻ ڪونہ ڏيندو هو.

سنڌو نديءَ جي پنهنجي سونهن سان لڏندي ڪڏندي سامونڊي

پٽيءَ ۾ ايندي هُئي، ان جي اها سونهن ڏسڻ وٽان هئي. سا پنهنجي مٽي پاٽيءَ سان لاڙ ڪي ملير ملڪ بڻائيندي هئي. ”جنت السنڌ“ ڪتاب جي صفحي نمبر يارنهن 11 تي ڪتاب جو مصنف مولائي شيدائي لکي ٿو تہ:

”رگ ويد جي ڏهين منڊل ۾ هِن نديءَ جي تعريف پنجهتر سلوڪن ۾ بيان ڪيل آهي. هيءَ عظيم شان ندي، هماليہ جبلن جي ڪيلاس پربت واريءَ ”مانسرو ڍنڍ“ مان نڪري، ڪشمير جي گلگت واري جابلو حصي کي لتاڙي، ٻارنهن هزار فوٽ بلنديءَ تان، جتي انسان جو لنگهہ مشڪل آهي. پهريان بنجيءَ تائين اُتر اولهہَ. تنهن ڪانپوءِ ڏکڻ اولهہَ جو رُخ اختيار ڪري ٿي. تنهن ڪانپوءِ پنجاب، سنڌ جي ميدانن کي لتاڙيندي 18 سؤ ميل وَهي، سنڌ جي شاهبندر وٽ اچي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي“. ياد رهي ٺٽي ضلعي ۾ شاهہ بند جيڪو هن وقت سنڌجي ٿو، اهو ڇوٿون ”شاهہ بندر“ آهي، جنت السنڌ جي صفحي)560(تي لکيل آهہ تہ ”ميان غلام شاهہ شاهبندر تعمير ڪرايو هو“.

پوءِ جيئن جيئن سنڌو درياهہ پنهنجا وهڪرا بدلائيندو ويو تہ نوان ”بندر گاهہ“ نهڻ لڳا ۽ پراڻن بندر گاهن جو ”اوج“ اجڙڻ ۽ مٽجڻ لڳو.

ڊاڪٽر محمّد علي مانجهي ”ڪلاچي“ تحقيقي جرنل ڪراچي ”سيپٽمبر 2002ع جي صفحي 89-90 تي لکي ٿو تہ: ”سنڌ جا سامونڊي بندر تہ ساري دنيا جي لاءِ دلچسپيءَ جو وڏو سبب رهيا آهن. بنهہ آڳاٽي بندرن کي ڇڏي ديبل بندر ۽ لاڙي بندر ڪانپوءِ هن ملڪ جو ”اورنگا بندر ۾ ڇگو مشهور ٿيو“.

ڊاڪٽر صاحب صفحي 190 تي لکي ٿو تہ: ”سنڌ ملڪ جي مشهور بندر ”لاڙي“ بندر وارو هنڌ جڏهن واريءَ سان ريتجڻ لڳو تہ اُتي جهازن جي اچڻ ۾ ڏکيائي ٿيڻ لڳي. تڏهن سندس اهميت گهٽجي ويئي تہ وري اورنگا بندر جو بنياد پيو، جيڪو اورنگ زيب انهيءَ زماني جوڙايو هو، جڏهن هو اجان گورنريءَ جي عهدي (1648 ع کان 1652 ع) تي هو. لاڙي ۽ لاهري هڪ بندر گاهہ جا نالا آهن.

سنڌ جا ڪيترا ”بندر“ جيڪي، سنڌو درياءَ جي رخ تبديل

ڪرڻ سان پنهنجو اوج وڃائي ويٺا هئا.

سنڌ جي بندر گاهن جي تاريخ مختلف سياحن پنهنجي سفر جي حوالن سان ڏنيون. ٻيا بہ ڪيترائي سنڌ جا بندر گاهہ هئا. اُنهن جو احوال بہ ڪني ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي. سنڌ جو سوڪي بندر گاهہ جنهن جي باري ۾ سنڌي محقق، ليکڪ جيڪو خود لاڙ جي پٽيءَ جو ماڻهو آهي. تنهن پنهنجي ڪتاب ”ٺٽو صدين کان“ ”تاريخ“، مصنف رسول بخش تميمي ڪتاب جي صفحي 169 تي ٻن سٽن ۾ سوڪيءَ جو ذڪر ڪيو آهي.

”هي بندر پڻ لاڙ جي سامونڊي علائقي جو هڪ ننڍڙو ۽ مختصر عرصي لاءِ بندر بنيو هو. هن جا آثار اجا تائين موجود آهن.“ سوڪي بندر گاهہ جا آثار آءُ بہ ڏٺا هئا، پر سوڪي بندر گاهہ سنڌ جو سهڻو بندر گاهہ هو، جيڪو سٺ جي ڏهاڪي ۾ ڦٽي ويو. هن بندر گاهن کي مقامي رهندڙ ماڻهو سنڌ جو ڪشمير چوندا هئا. سوڪي بندر سوڪي شهر جي آمن امان جي حوالي سان ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن شهر ۾ ”ٽاٽو“ ڪونہ هيو. هن بندر تي رات ڏينهن رونق لڳي پئي هوندي هئي، جتي راڳ رنگ ۽ ملاکڙا ٿيندا رهندا هئا.

ڪن ماڻهن سنڌ ۽ هند جي فنڪارن جا راڳ ٻڌا هئا. سوڪيءَ جا هندو واپاري، هندستان مان فنڪارن کي گهرائيندا هئا. جنهن ۾ لتا، رفيع، جيڪي هندستان مان ٻيڙين ۾ چڙهي سوڪي ايندا هئا. ان کان علاوه مقامي ماڻهو خوشين جي موقعن تي تر جي فنڪارن فنڪارائن جيوٽي، مائي ڀاڳي، سليمان شاهہ ۽ ٻيا فنڪار بہ ايندا رهندا هئا. سوڪي بندر گاهہ جي آس پاس سوين ڳوٺ موجود هئا. اهي ماڻهو بندر گاهہ ۽ سوڪي شهر ۾ ڪم ڪارين ۽ خاص ڪري ماڻهو مزدوري ڪرڻ جي لاءِ ايندا هئا. هن بندر گاهہَ جو احوال ۽ ديبل بندر گاهہ جا احوال ساڳي ساک ڏين ٿا. ان جو مطلب تہ سنڌ جو مشهور بندر گاهہ سوڪي بہ هڪ سهڻو ”بندر“ هيو

سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي خوبصورت ڇئن ڦاٽن جي وچ ۾ سوڪي بندر گاهہ ۽ شهر هو. سوڪي بندر گاهہ ٻن سُهڻن درياهن ”سَنهڙي ۽ ميرواهہَ“ جي وچ ۾ هو. ان کان سڌ پنڌ تي سوڪي شهر هو، جنهنجي

اولهہَ ۾ ”گابار“ ڦاٽ، جيڪو قلندري ڦاٽ مان نڪري، اڳتي هلندو وڃين سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. سوڪيءَ جي اوپر پاسي کان ڏکڻ ۾ مُتڙي درياهہ وهي ٿو. هِن درياهہَ جو پيٽُ ميل ويڪرو آهي. ڪارو ڇاڻ جي اُوپر طرفان ڪان هلندو اچي سوڪي جي آتر ڪان ڏکڻ مان گذري سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. لاڙي ۽ ڇوڙ وارا ماڻهو سنڌو درياهہ مان نڪرندڙ ”ڦاٽن“ ڪي ٻہ درياهہ جي نالن سان سڏيندا آهن. مُتڙي درياهہَ تي ”جادَي واري پَتڻَ (مياڻ) مشهور هئي. هِن پتڻ تي وڏا ٻيڙا ۽ ٻيڙيون (هوڙا) آچي بيهنديون هُيون. سوڪي بندرگاهہ تي وڏن ٻيڙن، سَڙهہ وارا ٻيڙا ۽ ٻيڙيون هوڙا، جيڪي پرپاسن وارن درياهن، ٻيٽن مان گذري، سوڪيءَ ۾ اچي سنڌي هندن ڪان مال خريد ڪري ٻيڙا پرائي ويندا هئا.

سوڪيءَ جا وڏڙا ۽ مکيہ ماڻهو سنڌي واڻيا هئا، جيڪي وڻج واپار جي حوالي سان ڏيهہ ۽ پرڏيهہ تائين مشهور هئا.

سوڪيءَ جي واڻين جو هر ڪنهن سان سُٺو ۽ سُهڻو چلتو هو، ۽ ضروت مَندَ ماڻهن جي دل سان مدد ڪندا هئا. اهو ئي سبب هو، جو پرپاسن ۾ رهندڙ ماڻهو سوڪي ۾ آچي آباد ٿيندا هئا. سوڪيءَ ۾ اسڪول هُجڻ ڪري، پري پري جا ماڻهو پنهنجن ٻارن ڪي پڙهائڻ لاءِ خاص سوڪي ۾ ايندا هئا.

محالڪاري صاحب جنهن ڪي مئجسٽريٽ جا اختيار هئا، رهندو هو، سوڪيءَ ۾ تپيدار جو ديرو هوندو هو، هتي واپار جو وڏو مرڪز هُيو، تنهن ڪري سرڪاري ڪسٽم آفيس هُئي.

سوڪي شهر ۾ سارين جو فصل تمام گهڻو ٿيندو هو. سنڌ جي ٻين ضلعن ڪان ماڻهو لابارن جي موسم ۾ ٻيڙين منجهہ چڙهي ايندا هئا. سڪر، ميرپورخاص، بدين، حيدرآباد، ٺٽو وغيره سوڪيءَ ۾ سارين ڇڙهڻ جو ڪارخانو هُيو. سوڪيءَ جا چانور رڌ پچاءَ ۽ کائڻ ۾ ڏاڍا مزيدار هوندا هئا. سوڪيءَ جا مال وَندَ ماڻهو سکيا ۽ ستابا هئا. هِنن وٽ مختلف قسم جا وهٽَ، پلوڙ مينهون، ڳئون، گهوڙا، اُٺ وغيره هئا. سوڪيءَ ۾ کير مکڻ تمام گهڻو هوندو هو. ماڻهو کير ۽ مکڻ وڪڻندا ڪونہ هئا، پر ماڻهن کي مفت ۾ ڏيندا هئا.

سوڪيءَ جا ماڻهو محنتي، هاريپ ڪندڙ ۽ هَٿَ جي هُنر جا ماهَر

هئا. سوڪيءَ ۾ سارين کان علاوه پَنَ (گاهہ جو قسم) گهڻو ٿيندو هو جو پرپاسن ۾ رهندڙ ماڻهو پَنَ جا ٻيڙا پرائي ويندا هئا. سوڪيءَ جي ”پَنَ“ گهڻي مشهور هوندي هئي.

سوڪيءَ ۾پَنَ تمام گهڻي ٿيندي هئي. ان پَنن مان ماڻهو تڏا، تنوريون، ڇَلون، ڇَل، ڇليون، هٿَ وارا پکا، نِکُون، پڙش وغيره انهن تي الڳ الڳ نمونا مڙهيل اهي سپ ڏسڻ وٽان هوندا هئا. انهن تي هَٿ جي هُنر جو ڪمال ڏسڻ ۾ ايندو هو. ڪي شوقين ماڻهو سوڪيءَ ۾ آچي تڏا تَنوريون ڇَلون ۽ ڇليون وٺي انهن جا وڏا ٻيڙا پرائي ويندا هئا.

سوڪي جا اُٺ ۽ اُٺيون مشهور هونديون هيون، اُٺين ڪي پالڻ ۽ اُٺين جو واپار ڪرڻ، خاص طور تي جَتَ ڪندا هئا.

جيڪي صدين کان وٺي سامونڊيءَ پٽي ۾ اُٺين چارڻ ۽ وڪرو ڪرڻ جا ڌنڌا ڪندا اچن پيا. فقيراڻي جت وڏن ٻيڙن ۽ ٻيڙين منجهہ اُٺيون چاڙهي پوءِ پرپاسن وارن علائقن ۽ پري پنڌ تي ٻين ملڪن ڏانهن سامونڊي رستن ۽ خشڪي وارن رستن، ڏڳن جي ذريعي نڪري ويندا هئا.

فقيراڻي جَت پنهنجيون اُٺيون ٻين ملڪن ڏانهن کپائڻ جي لاءِ کاهي ويندا هئا تہ اُهي رَستي ۾ منزلون ڪندا، اٺين ڪي وڪرو ڪندا، هلندا ويندا هئا. اُٺين جي واپار ۾ فقيراڻي جَت مشهور آهن. جڏهن درياهہَ ڦِٽا، ٻيٽ اُجڙيا ۽ ڪنڌين ۾ ڪوڪار نہ رهي، ماڻهن پنهنجا اصلي ماڳ ڇڏي، ٻين تڙن (جاين) ڏانهن هليا ويا، جتن جا مختلف پاڙا بہ لَڏي ويا، فقيراڻي جَت بہ سنڌ جي شهرن ۾ وڃي آباد ٿيا، پر هن وقت ڪجهہ فقيراڻي جت درياهن جي ڪنڌين ۽ ٻيٽن تي موجود آهن، اُهي اٺين چارڻ ۽ کپائڻ وارو ڌنڌو ڪن ٿا.

هن وقت جن شهرن ۾ فقيراڻي جت رهن ٿا، انهن ۾ ڪيٽي بندر، شاهہ بندر، چڇ جهان خان، جاتي، گولاڙچي، بدين ۽ بدين ضلعي ۽ ٺٽي ضلعي جي ٻين شهرن ڏانهن ۽ ننڍين وڏن ڳوٺن ڏانهن هليا ويا.

هندن جي ذات نِڪر

سنڌ ۾ نَڪر يعني مِٽيءَ جا ٿانوَ ٺاهيندڙن کي ”ڪُنير ۽ ڪنڀار“ چوندا آهن. سوڪي بندرگاهہَ تي ڪُنير ۽ ڪُنڀار رهندا هئا.

لاڙي ۽ ڪاري جا ماڻهو اڪثر ڪُنڀار جو لفظ استعمال ڪندا آهن ۽ ”ڪنڀر“ بہ سڏيندا آهن. اُهي ٺِڪرَ جا ٿانو، جن ۾ ڏيا، ڏياٽيون، پارا، پاٽڙيون، پاريون، پاٽڙا، ڪُنيون، ڪُنا، مَٽَ، مَٽيوُن، چلون، گهاگهرون، ڪَرا، بدنا، وٽيون، پياليون ۽ ٻارن جا رانديڪا ٺاهيندا هئا. سوڪيءَ ۾ ڪُنڀارن جا وڏا مڪان هئا، سوڪي جي بازار ”مٺائي“ جي حوالي سان مشهور هوندي هئي. انهيءَ ۾ مٺائي وارا دڪان هندن جا ۽ مسلمانن جا هوندا هئا. واڻيان مٺائي ٺاهڻ جا وڏا ڪاريگر هئا. خاص سوڪيءَ جي مٺائي کائڻ جي لاءِ سوڪي بندر جي پاسن ۾ رهندڙ ماڻهو شام جي وقت پيڙين ۾ چڙهي سوڪيءَ ۾ ايندا هئا.

سوڪيءَ ۾ حجام جا دڪان، درزي جا دڪان، جيڪي خاصخيلي ۽ شيدي عبدالرحمان جو پيءُ عثمان شيدي وڏو درزي ۽ ڪاريگر هو، انگريزن جا ڪوٽ بہ ٺاهيندو هو سوڪيءَ ۾ ڪپڙن جا وڏا دڪان، سُٽ ۽ سُئي ڌاڳي، سَنهي پَٽَ، چوڙين جا دڪان هئا. انهن دڪانن تي مردن ۽ ٻارن جي پيهہ لڳي پئي هوندي هئي.

سوڪيءَ جو شهر گهمڻ جي لاءِ ٻيِر وارن ڳوٺن، ٻيٽن تي رهندڙ ماڻهون، پيڙين ۾ چڙهي صبح جو سوير سوڪي ايندا هئا. گهمندا ڦرندا، پوءِ سانجهي ٽاڻي وري پيڙين ۾ چڙهي واپس ويندا هئا، جن ۾ گهڻو تعداد مقامي واپارين جو هوندو هو. اُهي سوڪي مان سيڌو سامان، چانور، وغيره وٺي پنهنجي ماڳن تي ويندا هئا.

جن ماڻهن پنهنجي سانَيِر ۽ جواني ۽ ٻاروتڻي عمر ۾ سوڪيءَ جي سُکن وارن سهڻن ڏينهڙن کي ڏٺو، انهن مان ڪي حال حيات، زندهہ آهن. اُهي هن وقت وڏي عمر جا بزرگ جهونا آهن.

ڪن بزرگن، پوڙهن ۽ جهونن ماڻهن سان مليس، اُنهن جي جُهريل چهرن، جُهور اکين ۾، اُميد جي چمڪ هُئي. ان سان گڏ سندن چهرن تي اداسي جون سوين سمنڊ جي لهرن جهڙيون لڪيرون ٺهيل هجن. اُهي سوڪيءَ جي سکن ستابن وارن ڏينهن جي ڳالهہ ڪري، ڏڪارا ٿي ويا ٿي. انهن جو اندر جُهري ٿي پيو. هڪ بزرگ چيو، هنن پٽن ڪي ساموندي سورن سُڪائي ساڙي ماري وڌو آهي، هاڻي ساهہ بہ سولا ڪڍي نٿا سگهن. هينئر بہ اُهي جهور، بزرگ ماڻهو مَن ۾ اها آس رکيون ويٺا آهن تہ:

سنڌو درياهہَ منجهہ لُڙاٽو، مِٺو پاڻي وهي ايندو ۽ بغير روڪَ ٽوڪَ جي وهندو هلندو اچي سنڌ جي ٻيٽن، ڪنڌين، ٻورن ۽ ڇَڇَ ۽ ڇاڙن کي آباد ڪندو هلندو وڃي سمنڊ ۾ پوندو هو. جڏهن اسين سوڪيءَ ويندا هئا تہ درياهہ جا اوج ڏسندا هئا. ڪنڌين تي مال جون ڪُڏڪاريون متل هونديون هيون، نوجوانن جا ميڙاڪا متل هوندا هئا، ڪنڌين تي مَهاڻن جا ماڳ ڀاڳين جا ڀاڳ جاڳي پوندا. ائين چئي وري خاموش ٿي ويا. انهن ماڻهن جي هر آس انهن جي ڪچن ڌاڳن جيان ٽٽندي ڇڄندي ڏٺي.

جن دوستن، سڄڻن ۽ سوڪي وارن بزرگن پنهنجي وڏي عمر هوندي بہ ٻہ وڪون ڪڍي ڪچهرين ۾ آيا. انهن سوڪي جا حال احوال ٻڌايا، آئون انهن جو ٿورائتو آهيان. خاص طور تي ڀاءُ جليل ڪتي، باقر خان مروا بلوچ، ايوب شان، سائين ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، سائين عطا محمد ڀنڀرو، جنهن سان سنڌ جي ساموندي بندر گاهن بابت ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هئي. سائين ڊاڪٽر شير مهراڻي، سائين عبدالفتاح هاليپوٽو، الله ڏنو خاصخيلي عبدالله مرگهر، ڀاءُ شفيع مرگهر، ننڍڙي ڀاءُ شاهزيب ميمڻ ۽ سڪ واري سڄڻ ساجد سنڌي جو پڻ ٿورائتو آهيان. انهن سڀني دوستن جا وڙ وسارڻ جهڙا نہ آهن.

مون هن سفرنامي ۾ سوڪيءَ جي باري ۾ ڪوشش ڪري جيڪو مواد حاصل ڪيو ۽ جن ماڻهن سان مليو آهيان. اهي اڃان بہ حال حيات آهن.

اميد تہ هي پورهيو قبول پوندو.

منصور ٿلهو
18-10-2017

نـنـگـر ۽ نـاڙيـون، پڳـهـ پـنـڌ ٿـئـا،
بـنـدر بازاريون، سچا سامونڊين ري.
(سر سامونڊي، شاهـ)

ڪارو چاڻ جي ڪنڌيءَ تي ٿڌڙي هوا گهلي رَهي هُئي. ڪجهـ ماڻهو پاتڻيءَ جي انتظار ۾ بيٺا هجن. ڦاٽ درياهـَ ۾ ٻيڙي نظر آئي، اُن ۾ لڳل ٽنگميشن (موٽر) جو آواز هوا تي چڙهي ٻڌڻ ۾ آيو پئي. جيئن ٻيڙي ڪنڌيءَ جي طرف وڌندي پئي اچي، تيئن موٽر جو آواز تيز ٻڌڻ ۾ آچي رهيو هو. تَڙَ تي بيٺل ماڻهن ۾ چُر پُر پيدا ٿي، اهي پنهنجو سامان ٺاهڻ ۾ لڳا. ڪنِ ڪي هَٿَن ۾ سيڌي سامان وارا ٿيلها هجن. هڪ همراهـ ڪنڌ ورائي ٿيلهي واري کي چيو:

”ڪارا! وِيسي ڪِٿان وٺيون پيو آچين؟“

حاجي! ٻاڙهي مان خيرو خاصخيلي جي دڪان تان، گهر جو ڳنڍڻ ۽ وِيسي ورتي آهي...“ اڳي ڪاري ۾ سڀ ڪجهـ ملندو هو، هِير پورا وکَرَ بہ دُڪان تي رکيا ڪونهن، ۽ ويسي بہ پوري ڪانهي، (ڪاري جي لهجي ۾ “ويسي” جي معني سيڌو سامان ۽ رڌ پچا جو سامان آهي).ڪارو جنهن جي هٿ ۾ سامان جون ٿيلهيون هجن، اهو ٻيڙي ۾ چڙهي هوڙي جي موري (اڳيون حصو) تي وڃي ويٺو، ڪي وري سڪاڻ يعني پاڇيل تي ماڻهو ويٺا هجن.

عورتون ۽ ننڍا ٻار هوڙي ۾ چڙهيا، اهي ٻيڙي جي ڪڻ ۾ ويهڻ لڳا تہ انهن کي پاتڻي (پاتڻي، پاتَ، ٻيڙي، هوڙو هلائيندڙ) وڏي آواز ۾ چيو:
“لي! توهين پنهنجن ٻچورن کي ڪڻ ۾ خيال سان ويهارجو، اتي ٻيڙي جا پاٽيا (ڪاٺيون) پيا آهن.” عورتون ٻيڙي جي ڪڻ ۾ رکيل پاٽين کي هٿ سان سوري هڪ پاسي ٿي ويهي رهيون.

حاجي هيڏي هوڏي نهاري ٻيڙي ۾ ويٺل ماڻهو کي چيو، “عيسيٰ! الهڏني اڄ “پاتا” چاڙهيا آهن، ان جي مون کي دعوت آن.” پاتا ڪئڻ جي لي آئن، پاتن ۾ طاقت آ.” حاجي جي جملن ۾ پاتا لفظ تي وڏو زور هجي. پاتڻي ٻيڙيءَ ۾ ناري پوءِ پتڻ جي طرف ڪن ماڻهن کي ايندو ڏسي، انهن جي انتظار ۾ بيهي رهيو.

چاچو عيسيٰ سوچن ۾ گم هو، هن حاجي کي جواب ڏيڻ بجاءِ درياهن جي لهرن کي ڏسندي ٿڌو ساهہ ڀري چيو، “سامونڊي لهرون اسان جي ماڙن سان “موت وارا ڪيڏ” ڪيڏنديون آهن.”

ها، عيسيٰ! “سچ ٿو چوين، لهرن جو اهو سلسلو صدين کان هلندو اچي پيو، ڪاري پاڻي اسان جي وڏن جون زندگيون ڳڙڪايون آهن، جڏهن بہ ڪاري پاڻي ۾ ٻيڙي هلندي آهي، لهرون شور ڪنديون ٻيڙي جي پاٽين سان ٽڪرائي هليون ويندريون آهن، انهن لهرن ۾ پنهنجي عزيزن، رفيقن ۽ وڏڙن جون تصويرون ڏسندو آهيان.”

حاجي ۽ عيسيٰ جي اهڙي گفتگوءَ تي ٻيڙي ۾ ويٺل ماڻهن ۾ ٿوري جهٽ لاءِ خاموشي ڇانئجي وئي.

پاتَڻي واتَ ۾ ڇُورو (گهُٽڪو) وجهي، هڪ نوجوان ڏانهن نهاريندي:
ٻچور! تون پڙهين پيو ڪڙهين پيو... ٻَڌو آٿم... پڙهڻ ڇَڏي ڦاٽ درياهـَ جون ڪَنڌيون پيو ڪوڪارين...“

نوجوان کي پاتڻي جا لفظ ٻرا لڳا، منهن ۾ گُهنج پئجي ويس، پر ٻيڙي وارن کي ڏسي ماٺَ ٿي ويو. هڪ عورت کيسي ۾ هٿَ هڻي. ابا...! پاتڻي.
”پتڻ ڪيترو آن؟“
مائي! ٽيهـَ روپيہ ڏِج.”
ابا! ڏهـ ڪِين ڏيندِيس. ڇَهـَ روپيہ آئِن. (آهن)
مائي، ٺَيڪ... جيڪي هَجن، سي ڏجانءِ.

تَڙَ تي بيٺل ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ چڙهيا، پنهنجو سامان سنڀالي ويهي رهيا، هوا تيز گهلي رهي هئي، سڪاڻ تي بيٺل پاتڻي جا ڪپڙا ڦڙڪندا رهيا، ٻيڙي جي اندر واري حصي ۾ ته ڪي ماڻهو ٻيڙي جي ٻنهي ڇيڙن تي ويهي رهيا.

پاتڻي آواز ڏنو، ڪَڻ ۾ مُهري وارا پانجو سامان سوَلو ڪَريو. سڪاڻ تي ويٺل ماڻهو ٽنگ مشين ڪان ٿورو پري ٿي جاءِ ٻڌايو، حاجي رونجهو پَپولا ڪنيو اچي پيو.

پاتڻي ائين چئي هٿ مٿي ڪٽي "اولا" چيو:

تڙ تي هڪ همراهه پلاسٽڪ جا ڊرم ڪنيو آواز ڏيندو پئي آيو. پاتڻي جو آواز ٻڌي هٿ مٿي ڪنيو ته ان ٻه هٿَ مٿي ڪنيو ۽ ٻيڙي ڏي اچڻ لڳو. ٻيڙي ۾ ويٺل هڪ همراهه چيو "اولا" ڪيڪار ڪي چئون، لاڙ جا ماڻهو هڪ ٻئي کي سلام ڪندا آهن.

ٻيڙي ۾ ويٺل نوجوان هَٿَ وڌائي ان ماڻهو ڪان پلاسٽڪ جا ڊَرم وٺي پاسي ۾ رکيا ته اهو ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي جِتي پاتڻي ويٺو هو، ان ڏي وڌڻ لڳو ته پاتڻي آواز ڏنس.

"حاجي هلي آ سُڪاڻ تي چاچا عيسيٰ سان گڏ سَولو ٿي ويهه."

پاتڻي هاڻي ٽنگ مشين چالو ڪَرِ... چاچا عيسيٰ آواز ڏنو.

پاتڻي ٻيڙيءَ ۾ نهاري هٿ سان هلائڻ وارو ٻَن ڇڪي ٻيڙي ۾ رکي پوءِ ٻيڙي ۾ لڳل موٽر کي چالو ڪَيو... موٽر جو آواز هوا ۾ گونجڻ لڳو. ڦاٽ درياهَ ۾ ٻيڙي موڙ ڪائي هَلڻ لڳي... چاچو عيسو پاڻيءَ جي لهرن کي ڏسندو، تڪيندو رهيو. پاتڻي ڪائن پڇيو

عيسيٰ! ڇا پيو ڏسين.

پاتڻي! پهرين بيت ۾ وائي ٻُڌ... پوءِ سوالَ ڪجانءِ... ائين چئي چاچو عيسو ڳائڻ لڳو:

پيهي جان پاڻ ۾ ڪَيم روح رهاڻ،
نَڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نَڪا ڪيچين ڪاڻ،
پُنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

ٻيڙي پينگهه جيان لُڏندي لَمندي هلندي رَهي، ڏينهن تڪو ڪونه هجي. ٻيڙيءَ ۾ ماڻهن جي مُنهن تي خوشيءَ واري لَهر ڏسڻ ۾ نه ٿي آئي، هر ڪو سورن جي ڳوهيل آٽي وانگر ويڙهيو سيڙهيو ويٺو هُجي...

ٻيڙي ۾ ويٺل ڪي ماڻهو پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا رهيا. انهن جي ڳالهه ٻولهَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن جا اُچار ۽ معنائون سَمجهي نه ٿي سگهيس. انهن ماڻهن جي ڳالهائڻ وارو لهجو مَٺَ هجي. سنڌي ٻوليءَ جي اترادي وچ وارو، ٿري ۽ ڪوهستاني لَهجن ڪان بنهه الڳ لهجو هو.

ذهن ۾ ٻه ٽي پيرا اِنهيءَ جملي کي پٽي پڙهندڙ ٻار وانگر پيرا ڏيندو رهيس ته جملو ياد ٿي ويو. هوا جو تيز جهوٽو آيو. سُڪاڻ تي ويٺل ماڻهن کي هلڪو ڌوٽو ڏيندو هَليو ويو. مان ذهن جي پانڌاري ۾ لفظ جمع ڪندو ويس.

پاتڻي يوسف جا لفظَ "پپولا"، "اولا"

چاچي عيسيٰ جو لفظ "پاتا"

پوڙهي مائي جا لفظ "پَتڻ"، "آن"

پاتڻي جي پر ۾ ويٺل همراهه درياهَ منجهه نِهاري وري شاهه عبداللطيف جي وائي جهونگارڻ لڳو:

وِرسئا ويچ ويچارا! دلِ ۾ دَرد پرين جو،
اُٿيو ويچا! مَ وِهو وَجو ڏَيِ ڪٽي،
دل ۾ درد پرين جو
ٻُڪي ڏيندا ٻاجهه جي، آيا سُور ڏٽي،
آيا جي جيارا
دل ۾ دَرد پرين جو...

چاچي عيسيٰ جي آواز ۾ وچڙيل سامونڊي ماڻهن جو دَرد سمايل هجي. وائي جو آواز هوا سان گڏجي سَڄي ماحول کي ڏک جي ڏور ۾ وڪوڙيندو ويو. هوڙي ۾ ويٺل سيئي ماڻهو ننڍا وڏا مات جي مُٺِ ۾ سوگها بند هجن.

واقعي شاهه جي واين ۽ بيتن کي لاڙ جا ماڻهوءَ درياهَ جي پڇاڙ جا ماڻهو ڳائي ڄاڻن، اهي شاهه ڀٽائي جي لفظن کي ڄاڻن ۽ انهن جي اهميت کي سمجهن ٿا... تڏهن ايتري درد سان پيا ڳائين.

پاتڻي يوسف ڪيسي مان گٽڪي جي پڙي ڪڍي وات ۾ وجهي، چاچي عيسيٰ کي ڏنو، جيڪو خيالن ۾ مست ٿي درياهَ جي لَهرن ۾ نهاريندو ٿي رهيو. شايد ڪجهه ڳولي رهيو هو. پوءِ چوڻ لڳو.

ڦاٽ جي پاڻي ۾ لهرون اٿنديون آهن، انهن لهرن ۾ پنهنجن عزيزن، رفيقن ۽ وڏڙن ۽ دوستن جا چهرا ڏسي وٺندو آهيان. جڏهن ٻيڙيءَ ڪي درياهَ مَنجهہَ ڏسندو آهيان، پوءِ شاهہ جون وايون ڳائيندو، من جي مانڌاڻ واري ولوڙي کي ماٺو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.”

اسان ماڙ وارن جي لاءِ شاهہ جا بيت ۽ وايون وڏو جَهلو آهن. جهريل جيءَ جي لاءِ آٿت آئن. شاهہ سائين پنهنجي بيتن ۾ سنڌ ۽ لاڙ جي پٽيءَ کي وڏو مان وارو ٻڌائي ڇڏيو آهي.

هو وڏي آواز ۾ پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻيڙيءَ وارن کي ٻُڌائي رهيو هو. هن جي ڳلي ۾ دَرد هُجي... اُن درد کي سمجهڻ جي لاءِ درياهَ جيڏي دل هُجي.

انهي ماڻهوءَ جا لفظ “ماڙن”، “جهلو” (جَهلو= گُجي، ڍڪڻ، اندر ۾ سانڍڻ) ۽ “سُڪاڻ” (سُڪاڻ= هوڙي جو يا ٻيڙيءَ جو پويون حصو، جتي ناکئو يا پاتڻي ويهندا آهن.) ذهن جي پانڌاري ۾ رکي ڇَڏيا. ٿڌڙي هوا گهُلڻ شروع ٿي، چاچو عيسو جيڪو وڏيءَ ڄمار جو هَجي، پاتڻي يوسف جي پاسي ۾ ويٺل ماڻهو کي پاڪر پائي چيو “وڻجارن جي لاءِ تہ شاهہ صاحب اِهي وايون جوڙيون آهن. اسين شاهہ پٺائي جا ٿورا لاهي ڪين سگهنداسين. جو لاڙ وارن ۽ پڇاڙ وارن ماڙهن (ماڻهن) کي هميشہ جي لاءِ جياري ويو. اڄ اسان هن ماڳ جا ماڙهو (ماڻهو) ان ڪري ياد پيا ڪيون.

هوا ۾ ٻيڙيءَ جو آواز وڌندو آيو. اسان جي ٻيڙيءَ کان ٿورو فاصلي تي ٻيو هوڙو وڃي رهيو هو. اُن جي ٽنگ مشين جو آواز هوا ۾ هلڪو ٿيندو ٿي ويو، اهو هوڙو درياهہ جي ٻي ڪنڌي ڏانهن ٿي ويو.

درياهَ جي پاڻيءَ جو رنگ مٽيل ڏسجي رهيو هو. سنڌو درياهَ جو پاڻي هِڙو ڪونہ هوندو آهي... دل ۾ چيم.

ڦاٽ درياهَ جو پاڻي هلڪي نيري ۽ سائي رنگ جهڙو هيو.

چاچا عيسيٰ جنهن مون کي ڏٺو پئي... پوءِ چيائين:

ادا! ٻَلي ڪري آئين، تون سُڪيءَ جو آهين...“

چاچا عيسيٰ جو جملو... ”تون سُڪيءَ جو آئين...“ ٺپُ سمجهہ ۾ ڪونہ آيو... پر زبان مان ”ها“ نڪري ويو.

ابل! سُڪي وارا ماڻهو ڪاري پاڻيءَ بابت ڪِي ڪين ڄاڻن. هن

ڦاٽ درياهَ ۾ سمنڊ جو ڪارو پاڻي آهي. چاچو پنهنجي جملن ۾ “ڪارو” لفظ تي زور ڏئي رهيو هو، ڇڻ اهو ٻڌائيندو هجي تہ هاڻ اسان جي زندگين جا پساهہ ڪاري پاڻي سان جڙيل آهن. چاچا جي انهن لفظن ۾ وڏو درد سمايل هجي. پوءِ ڦاٽ درياهہ جي پاڻيءَ ڏانهن ڏسي چيو.

سنڌو درياهَ جي لُڙاٽيل پاڻيءَ جو ڏيک ئي پنهنجو هوندو هو. جڏهن اهو پاڻي درياهن ۽ اُن جي ڇاڙن منجهہ وهندو هو تہ اسان جا هيانوَ ٺري پوندا هئا... درياهہ جون ڪنڌيون سايون سڪيون، ستابيون هونديون هيون. پاڳين جا پاڳ ڇيلن وانگر ڪُڏ ڏيندا هئا... هاڻ ڪاري پاڻي سڀ ڪجهہ ڦٽائي ڇڏيو آهي. ڪنڌيون ڪَرڙڪِيُون پيون آئن... سُڪي سڙي ويون آئن. ماڻهو ڪک پن وانگر ڪي ڪاڏي ويا تہ ڪي ڪيڏي ويا.

ڪجهہ منٽن ڪانپوءِ ٻيڙي آڇي ڪنڌيءَ سان لڳي بيهي رهي. پاتڻي لَٽو ٻيڙي کي ٻڌي، پوءِ ٻيڙيءَ مان ڪاٺ وارو تخطو ٻيڙيءَ جي مٿان ۽ اُن تخطي جو ٻيو ڇيڙو ڪنڌي جي پاسي تي رکيو. ٻيڙيءَ ۾ ويٺل ماڻهو لهڻ لڳا. پاتڻي يوسف ڪنڌي وَٽ بيهي چوڻ لڳو.

پَٽڻ ڏيو. پَٽڻ پرَيو. پٽڻ ڪَڍو. پاتڻي اهي لفظ اهڙي سُر سان چيا جو سپني جا ڏيان پاتڻي ڏانهن هليا ويا.

پوءِ سپني پنهنجن ڪيسن منجهہ هَٿَ هنيا ۽ ڏوڪڙ ڪڍي پاتڻي کي ڏيندا هلندا ويا. ٻيڙيءَ ۾ ويٺل عورت کان پاتڻي پاڙو گهريو تہ هن ڪيسي مان ڇهہ روپيہ ڪڍي پاتڻيءَ کي ڏنا...

“ابا...! پاڙو وَٽَ ڇهہ روپيا آئِن.”

“مائي! مهرباني.”

سامهون ميدان تي ڪو وَڻ ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو، ڪلراٺي زمين هُجي. چوندا آهن “جتي وڻ نہ هجي، اُتي ڪانڊيرو وڻ” پر هت ڪانڊيرو بہ ڪونہ هُيو. ماڻهن سان گڏ هلندو رهيس. صبح جو حيدرآباد کان نڪرڻ وقت ڊاڪٽر جليل ۽ الهڏنو خاصخيلي انهن کي اچڻ جو ٻڌائي ڇڏيو هو. ايتري ۾ ڊاڪٽر جي فون آئي.

“ادا... ڪٿي پهتا آهيو؟”

“ڪارائي پٽَن تي پيو هلان.”

“ڇا... پٽڻ تي پهچي ويا آهيو.”

"ادا جليل! ڪاري ۾ آهيان... بس تنهنجي اوطاق تي پهچڻ وارو آهيان."
"آچو... آچو... الهڏنو خاصخيلي به وينو آهي..."

ڪجھ منٽن ڪانپوءِ ڏٺو ته ڊاڪٽر جليل ۽ الهڏنو خاصخيلي ٻئي آچن پيا... انهن کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. ٻئي سِڪَ سان مليا. پوءِ اچي ڊاڪٽر جليل جي سرڪاري ڊسپينسري تي آياسين. هيءَ سرڪاري ڊسپينسري به هُئي ته مهمانن جي لاءِ "اوطاق" به هئي.

ڊاڪٽر جليل ماني تِڪي اڳي ئي تيار ڪرائي ڇڏي هُئي. جيئن پهتس ته ماني اچي وئي، پوءِ هٿ مُنهن ڌوئي ماني کائڻ ويٺس ته ٻه مهمان پيا به آيا. سڀني گڏجي ماني کاڌي سون... ماني کانپوءِ اُهي مهمان ڊاڪٽر جليل کان موڪلائي تڪڙا هليا ويا. باقي الهڏنو خاصخيلي ڪيرواڻي ڊاڪٽر جليل ۽ آئون ڪچهري ۾ ويهي رهياسين. ڊاڪٽر ڪاري چاڻ جي چَنن، منهن ڏانهن ڏسي سوکيءَ جو سٺاءُ ٿاهڻ لڳو.

ادا! صبح جو سوير سوڪي بندر تي هلنداسين، ان سان گڏ درياهن، ڦاٽن، چاڙن ۽ ڊورن تي رهندڙ قربائتن ماڻهن سان ڪچهريون ڪندا، ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ واپس ڪاروچاڻ ايندا سين. پوءِ رات دير تائين ڪچهري هلندي رهي، هڪ وڳي ڌاري ڊاڪٽر موڪلائي هليو ويو.

صبح جو سج جا ڪرڻا ڪارو چاڻ جي چنن، منهن تي ڪرڻ لڳا. آهستي آهستي سج مٿي چڙهندو آيو، ناکئو الهڏنو اچي سلام ورايو ۽ چيائين. "هوڙو تيار آهي، وسي وٺي آيو آهيان، اتي منهنجو پٽ ويٺو آهي، آءٌ توهان کي وٺڻ آيو آهيان. ڊاڪٽر جليل چيو هو ته صبح جو سوير سوڪي بندر تي هلنداسين."

"ناکئا! توهان جي مهرباني."

ايتري ۾ ڊاڪٽر نيرن کڻي آيو، پوءِ اسان گڏجي نيرن ڪئيسين. تنهن ڪانپوءِ الهڏنو خاصخيلي، ناکئو الهڏنو ملاح ۽ ڊاڪٽر جليل سيئي گڏجي "ڦاٽ درياهه" تي آياسين. ڦاٽ درياهه جو پيٽ ويڪرو ڏسڻ ۾ آيو، جڏهن ته ڪجھ سال اڳ ڦاٽ درياهه جو پيٽ سوڙهو هوندو هو. ڦاٽ درياهه ڪاري جي زمين ۽ پاسن کان ڳوٺن جون ڪنڌيون پائيندو، پنهنجو پيٽ وڌائيندو رهي ٿو. مون کي اهو خوف ورائي ويو ڪٿي، ائين نه ٿئي جو ڦاٽ درياهه، ڪارو چاڻ کي به پنهنجي پيٽ ۾ صدين لاءِ گم ڪري ڇڏي.

ناکئي آواز ڏنو، ادا! اچو پيڙي منجهه ويهو. منهنجي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو، پوءِ اچي پيڙي ۾ ويٺس، پيڙي درياهه جي وچ مان هلندي رهي، هوا تي تيز لهرون پيڙيءَ کي لوڏينديون وڃن پيون. آسمان ۾ آهستي آهستي ڪارا ڪڪر مڙندا ويا، تڏڙي هوا گهلڻ شروع ٿي وئي، ناکئو آسمان ۾ ڪڪرين جي ڪٽي ٿيڻ واري چر پر کي ڏسي چوڻ لڳو. ادا! درياهه جي ڪنڌي وٺي هلون، ڪٿي مينهن وٺو ته لهرون به تيز ٿي وينديون. ائين چئي ناکئي پيڙي درياهه جي ڪنڌيءَ سان لڳائي آهستي آهستي هلڻ لڳو. ڪڪر ڇڊا ٿي آسمان مان گم ٿي ويا، سج جي ڪرڻن کي وارو مليو ته پاڻي ۾ آرس جيان تجلا ڏيڻ لڳا. هاڻي درياهه جي ٻنهي ڪنڌين تي زمين جو وجود ڪنهن سڙيل ڪاني جيان ڏسڻ ۾ ٿي آيو.

ڊاڪٽر جليل ڪٿي ٿيلهي مان ٻه ننڍڙيون ڪتابڙيون ڪڍيون، پوءِ هڪ چوپڙي کي کولي ان جا پنا اٿلائيندي چيو.

"ادا! هن چوپڙ ۾ سوڪي ۽ ڪاري چاڻ جي باري ۾ ڪي سٽون لکيون آم. مون ڪجھ ڳوٺن جا نالا ۽ اتي جي رهندڙ ماڻهن جي ذاتن جو ذڪر ڪيو آهي. هاڻي اهي ڳوٺ ڪونه آهن، پر جي ڪنهن ڪنڌين تي ڪو ڳوٺ ورلي هوندو، اتي ٻن ٽن گهرن کان مٿي ماڻهن جا گهر ڪونه هوندا. سيئي ساموندي سورن ۽ ڪاري پاڻي جي آزار کان پنهنجا اجها ڇڏي، ڪنهن ٻئي هنڌ هليا ويا آهن. هاڻ ڪيترن ئي ڳوٺن جا نشان به ڏسڻ ۾ اچن ڪونه ٿا، سي سيئي ڪاري پاڻي ۾ گم ٿي ويا آهن.

گورنر سنڌ سر لينسليٽ گراهم (Sir Lancelot Graham) 1938ع ۾ سوڪي آيو. هو سوڪيءَ جا مکيه ماڻهو جن ۾ ٻَچل خان ملڪاڻي، محمود شاهه، علي محمد قاسماڻي جتَ، حاجي ميرجَت، محمد حَسن خليفو، ٻجار قاسم جَت، مامون خان قاسماڻي، حاجي صالح ونگائي جت، حاجي مصري ونگائي جَت، حاجي علي محمد ونگائي جَت، علي ونگرو، عثمان سُڪڙيو، هنسي پاتيو، منگا لالواڻي هندو، چيلا رام، لالوَاڻي، درمو، ٽيڪم، گلاب مُکي، اهي سڀ گورنر سنڌ جي پارٽي پروگرام ۾ شريڪ ٿيا.

گورنر سنڌ کي دعوت هنسي پاتيه ڏني هئي، اُن جي خاص دعوت تي انگريز گورنر سنڌ، سوڪي بندر ۽ ڪارو چاڻ جو دورو ڪيو هو. اُن رائيس

مل ۾ محمد، ڪريم ڏنو، عبدالله ۽ پاڻهو اُهي مهاڻا ڪَم ڪندا هئا.

1928ع ۾ ڪارو چاڻ ۾ پرائمري اسڪول کُليو هو، جنهن جو پهريون اُستاد تولا رام تولا رام هو، اُن جو نائب ماسٽر جمال خان جلباڻي هو.

ڪجهه عرصي ڪانپوءِ پرائمري اسڪول جو هيڊ ماسٽر ڪَتو مَل ۽ اُن جو نائب گائي خان ناهيو ٿيو. گائي خان ناهيو ڪيٽي بندر ڪان بدلي ٿي آيو. ماسٽر جيرام به ڪيٽي بندر ڪان بدلي ٿي آيو.

1938ع ۾ ڪاري چاڻ شَهر ۾ اسپتال کُلي، جنهن جو پهريون ڊاڪٽر غلام قادر پنجابي جيڪو چيچا وطني (پنجاب) ڪان آيو، اُن ڪانپوءِ 1941ع ڊاڪٽر ميوا رام ڪارو چاڻ ۾ بدلي ٿي آيو. ڪارو چاڻ ۾ ريجو مَل حڪمت جو ڪَم ڪندو هو.

ڪارو چاڻ ۾ جيوت رام جو بنگلو ۽ چڙ پيس واري مِل ۽ وڏو واپاري هو، جنهن کي رائيس مل چوندا آهن. ڪارو چاڻ۾ ڪيم چند جيڪو نوشهروفيروز ڪان آيو هو. هي ڪپڙي جو واپاري هو. ڪارو چاڻ ۾ راشن جي ڪوٺي ڪوليائين، ان سان گڏ ڪپڙن جو واپار ڪرڻ لڳو. ڪاروچاڻ ۾ ٻيا هندو مورج مَل، مولو چانگي، چيلو ڀڳت ترسو ۽ ڪشن چند لنڙيا واڻيا اهي سڀ واپاري هئا.

ڪارو چاڻ ۾ ڪتي رهندا هئا. ڪاروچاڻ ديهه ٻبلو ۾ آهي. جتي ڪتي محلا ۾ رهندڙ ڪتي، ملئون محمد فقير ڪتي، واحد ناڻي ۽ سندس ڀاءُ صديق ڪتي جنهنجو پٽ عبدالرحمان چوڌري، جيڪو ايوب جي حڪومت ۾ ڪاري چاڻ يونين جو چيئرمين پڻ ٿي رهيو هو. آمون ڪتي، موسو واڍو ڪتي، ابراهيم ڪتي، عمر ڪتي، محمد عيسو واڍو، ميان جي محمد علي ڪتي، صديق موالي، ميان جي صديق ڪتي، حَسن ڪتي، صالح حجام، احمد، سومار ارباب، مامو پوڙهو، مولوي محمد ڪتي، مولوي عبدالواحد ڪتي، اهي پئي حڪمت جو ڪم ڪندا هئا. فقير محمد ڪتي، صديق فقير، ملئرن ڪتي، آسن داس، ڏرمو، ٽيڪم، گلابي ماڪي، لالو مَل، پيسو مَل، هرو ملَ، لوڪو مَل.

ڪارو چاڻ ۾ هڪ سؤ پنجاهه (150) گهر واڻين جا هئا ۽ مسلمانن جا گهر ڪتين ۽ ٻين ذاتين وارن جا به سون جي تعداد ۾ هئا. مهاڻا مزدوري ڪندا هئا. سومار همالي مزدورن جو جمعدار هو. ڪارو چاڻ ۾ ڪنيار طيب

جي نياڻي رهندي هئي. ڪنيار پنهنجي وقت جو سٺو ڪاريگر هيو. هن جي نياڻي وَٽ نوڪَر ڪم ڪندا هئا. ڪارو چاڻ ۾ "لوهار" رهندا هئا. حاجي جمعو لوهار مشهور هو. هي ڪنعاد جي ڳوٺ ڪان لڏي آيو هو ۽ لوهارڪو ڪم ڪندو هو.

ڪيٽي بندر واري علائقي ۾ هير به ڪنعاد ذات وارا ماڻهو رهن ٿا. سوڪي جي رائيس مِل ۽ ڪيٽي بندر جي رائيس مل ۾ مهاڻا ڪم ڪندا هئا. ڪارو چاڻ جي چڙ پيس مل ۾ مهاڻا ڪَمَ ڪندا هئا، جيڪي ڪاروچاڻ ۽ اُن جي پرپاسي ۾ رهندا هئا.

ڪاروچاڻ جي اُتر طرف ۾ گُن، گهرياڻي، ميربحر، گوگٽ مختلف ذاتين جا ماڻهو رهندا هئا. احمد ڪاتڙائي ۽ بچل ڪاتڙائي اهي مَڇي پلي جو ڏنڌو ڪندا هئا.

ڪارو چاڻ جي اوپر طرف ۾ گٻن جو ڳوٺ هو، جيڪي اُٺ لڏيندا هئا، يعني اُٺن جو ڏنڌو ڪندا هئا. ڪاروچاڻ شهر جي آس پاس گُٻن جا 25 گهر هئا. گٻنَ جا اڳواڻ جا نالا.

حاجي گٻو، رمو گٻو، ٽارو گٻو، جام گٻو، ڦڪر گٻو، پير گٻو، براد گٻو، سجڻ گٻو، اهي سڀ گٻن ۾ سَريال سُڌ پڌ وارا ماڻهو هئا. ادا! هير، هينئر انهن پٽن تي اُٺاري ڪونهه آهن، پر ڪي چند گهر آهن، اهي ماڻهو درياهي ڏنڌو (مڇي مارڻ وارو) ڪندا آهن، هاڻ انهن وٽ ائيون، اٺ ڪونهه آهن، نه ڪي اوٺاري آهن.

ڪارو چاڻ جي ڪاچيل طرف ۾ پُنير ذات ۽ گڙٻ ذات جا ماڻهو وينل هئا، انهن مان ابراهيم پُنير، لونگ پُنير، سومار گڙبَ، حسين گڙٻ. اهي سيئي هاريپ (هارپو) ۽ مزدوري ڪندا هئا. ڪاري جا ڪارو چاڻ جي اوپر ڏکڻ طرف ۾ يوسف پائيل جو ڳوٺ هو. جمعو پائيل، عمر پائيل، پيرو پائيل هارپو ڪندا هئا ۽ اهي ڪاٽڪو به هئا.

ڪارو چاڻ شهر ڪان هڪ ڪلو ميٽر ڏکڻ طرف هُندن جو ڳوٺ "ڏهيسر ڳوٺ" جي نالي سان مشهور هو. هن ڳوٺ ۾ 12 هندن جا گهَر پَڪين سرن جا ٺهيل هئا. ڳنيو، پيرو، شامو آبادگار ۽ واپاري هئا. زمينون مقاطي تي ڪٽي آباد ڪندا هئا. ڪاري چاڻ جي ڏکڻ ۽ اوپر طرف محمد علي سهتو جو ڳوٺ هو. هن ڳوٺ ۾ سهتن جا 30 گهر هئا. هي هاريپ ڪندا هئا ۽

پنهنجي وقت جا ڪاٺڪو هئا.

جادي واري مياڻ تي عبدالله ميربحر جو ڳوٺ هو، اتي 80 گهر هئا. هن وقت ڪاري وارا ڪک آهن. اهي سيئي پٽ اُجڙي ويا. سليمان ميربحر، عثمان جنڊاڙو، غلام، هاشو وڏو درياهہ مُنڍيءَ تي جادي وارو پتڻ هوندو هو، هن درياهہ جي ويڪر ميل ڪن هئي. هن درياهہ ۾ وڏا پيڙا جيڪي تي سئو مڻن ڪان بہ متي وزن کڻندا هئا، هلندا هئا. پيڙين ۾ بادبان (سِڙَهہ) هوندا هئا، جيڪي هوا جي رخ تي هلندا هئا. سوکي بندرگاهہ ۽ ڪاروچاڻ بندرگاهن تي سِڙهہ وارا وڏا پيڙا ايندا ويندا هئا. اهي سَوين مَڻ وزن کڻندا هئا.

عبدالله ميربحرن جي ڳوٺ پرسان سيدن جو ڳوٺ هو، جيڪي وجهد وجهديني جي لقب سان مشهور هوندا هئا. ڪاري چاڻ جي ڏڪڻ ۾ خچر جو مَقان هو، اتي ڪيترين ئي مختلف ذاتيون رهنديون هيون، جن ۾ سمن جا گهر هئا. يوسف وڏيرو سمون، لائق ڏنو سمون، عيسو سَمون، محمود سمون ۽ اسماعيل سمون جن جا 35 گهر هئا. هينئر تي چار گهر ڪارو چاڻ ۾ اجان بہ موجود آهن. سمن جا ڪيترائي گهر ڄامشورو ۽ ڳاڙهي ۾ لڏي ويا هئا. هي هاريپ (هارپو) ۽ پَڻ جو واپار ڪندا هئا. انهن پَڻ نَڪُون، (تڏا توريون) ۽ پکا پڻ ناهيندا هئا. هنن جو سنڌ جي اتر وارن علائقن ۽ ۽ سانگهڙ، نوابشاهہ ۽ پين پر وارن علائقن ۾ پَڻ جا مڙَها نيڪي تي کڻندا هئا.

سوکي شهر ۽ ڪارو چاڻ جي پرپاسن ۾ رهندڙ ذاتين جو احوال:
سوکي ۽ ڪارو چاڻ جي وچ ۾ ٽن ميلن جو فاصلو هو.

جهبيرن جو ڳوٺ: هن ڳوٺ ۾ جهبيرن جا پندرنهن گهر هئا. سومار ۽ مامو جَهبير.
جوٽيجن جو ڳوٺ: هن ڳوٺ ۾ جوٽيجن جا ڏهہ (10) گهر هئا.
سومرن جو ڳوٺ: هن ڳوٺ ۾ سومرن جا 10 گهر هئا.
سٺيا جو ڳوٺ: هن ڳوٺ ۾ سٺين جا 10 گهر هئا. حسن سٺيو ۽ جمعو سٺيو.
هالن جو ڳوٺ: هن ڳوٺ ۾ هالن جا (10) گهر هئا. اُسر هالو ۽ غوثو هالو.
ڪلهوڙن جو ڳوٺ: هن ڳوٺ ۾ ڪلهوڙن جا ڏهہ (10) گهر هئا. ڪلو ڪلهوڙو، مينهن وسايو.

مغل ڳوٺ: هن ڳوٺ ۾ مغلن جا ڏهہ (10) گهر هئا. عمر مغل.
گهوٽا ڳوٺ: هن ڳوٺ ۾ گهوٽن جا پندرنهن (15) گهر هئا.
گلهڙا ڳوٺ: هن ڳوٺ ۾ ويهہ (20) گهر هئا.
پنهيار ڳوٺ: هن ڳوٺ ۾ پنهيارن جا ڏهہ (10) گهر آهن.
شيخ جو ڳوٺ: لالو شيخ، هي نوان مسلمان ٿيا هئا. هنن جا ڏهہ (10) گهر هئا.

ڪڇهريءَ ۾ الهڏني خاصخيلي حصو ونڊي چيو. هير (هينئر) اِهي ماڳ ڦٽي ويا آهن. ڪو هڪ بہ گهر هجي تہ نهيو، نہ تہ ساري زمين بينا "غير آباد زمين" پئي آهي.

ساموندي پٽيءَ ۾ درياهن جي راند ڏسڻ وٽان آهي. جيئن ٻار ونجهہ وٽي راند ڪندا آهن، تيئن سنڌو درياهہ منجهان نڪرندڙ نوان درياهہ بہ هڪبئي سان ملندا، پاڪر پائيندا وچڙندا هلندا وري ملندا رهندا آهن. ساموندي پٽيءَ ۾ سون جي تعداد ۾ درياهہ آهن، انهن جا ڪجهہ نالا ياد آهن.

اوچتو درياهہ، آڏياڙي درياهہ، باغ واري درياهہ ٻَستا درياهہ بيرم درياهہ، بگاڙ درياهہ، پيتاٽي درياهہ، پاٽار درياهہ، پليڻ درياهہ، تُرسياڻ درياهہ، پئي درياهہ، ڦاٽ درياهہ، ڦَٽو درياهہ، ڦِٽي درياهہ. دجو درياهہ، دُوڏاتِي درياهہ، ڏرڙ درياهہ، حجامڙو درياهہ، جار وارو درياهہ، چاڻ وارو درياهہ ڪناٽي درياهہ، ڪاهي درياهہ، ڪُڏي درياهہ، ڪوبَر درياهہ، ڪانٽو درياهہ، ڪتندو درياهہ، گاريلي درياهہ، گابار درياهہ، گئو درياهہ، گهوڙو درياهہ ريچل درياهہ، روڙو درياهہ، رتو درياهہ، ريل درياهہ، سِيرو درياهہ، سوداگر درياهہ. هتان جي ماڻهن جون دليون وڏيون آهن. اُهي مڇيءَ جي شڪار ۾ پنهنجيون جانيون گهوري ڇڏين، انهن جي پونيئرن، اولاد، عزيزن سيني کي اها خبر هوندي آهي تہ سمنڊ اسان جي عزيزن، رفيقن جا ساهہ کيا آهن. شڪار گهوريندي يا ساموندي طوفان ۾ پيڙي ٻُڏندي مئا آهن. پوءِ بہ اهي سمنڊ سان شڪايت ڪونہ ڪندا آهن. انهن جو نسل بہ سمنڊ جو ساڳيو پنڌ جهاڳيندو، شڪار گهوريندو اچي پيو. اهو سلسلو صدين کان وٽي هلندو اچي ٿو. پيڙائتن، ناکئن، خلاصين جي سُمنڊَ سان سِڪَ گهٽي ڪونهي ڪا... هي ماڻهو ايڏا بهادر آهن، جو دردن جي چولين ۾ بہ دانهن ڪونہ ڪندا آهن. پوءِ بہ شڪار ڪندا رهندا آهن.

پلا ماني ڪائڻ واري ڪي، ماني پچائڻ واري جو قدر ڪھڙو... مڇي جو مزو، لطف وٺندڙ، مڇي ڪائي خوش ٿيندڙن ڪي مڇيءَ ماريندڙ ماڻھن جو قدر ڪھڙو... پلا ڪڏھن ڪنھن سامونڊي ماڻھن جي سورن واري حياتيءَ جي سار لڌي آھي...؟ درياھي ماڻھن جون ڳالھين ٻڌڻ سان ڪنھن وقت ائين لڳندو آھي، جڻ سامونڊي پٽيءَ جا ماڻھو سمنڊ جي ڪارين لھرن جي ڪاڄ جي لاءِ پيدا ٿيا آھن. سامونڊي ماڻھن جي زندگي عجيب ٿئي ٿي... سمنڊ سان درياھ جي پاڻيءَ سان پيچ اھڙو ڳنڍيل اٿن جو ڪڏھن ڇڇي نہ ٿو سگھجي، اھي ماڻھو پنھنجي نالن سان مَڇيءَ جو نالو ڳنڍيندا آھن ۽ ڏاڍا خوش ٿيندا آھن.

فن سان چاھ رکندڙ چترڪار ۽ فنڪار فلمن، اداڪار ۽ قلمي پورھيو ڪندڙ شاعر، اديب اھي پاڻ تي تخلص يعني نئون نالو رکندا آھن، پوءِ اھي نالا انھن جي سڃاڻپ بڻجي ويندا آھن، تيئن ناڪئن ۽ خلاصيت تي رکيل مڇيءَ وارا نالا انھن جي سڃاڻپ آھن.

مثال طور ناڪئو گوھر عرف ”گَندَ“ (سنھي مڇي کي ”گند“ چوندا آھن) ناڪئو وَلو عرف ”ويسر“ ، ناڪئو سونو عرف ”سيري“ ، ناڪئو چاڪي عرف ”چَپُو“ ، ناڪئو فتح عرف ”ڦِتو“ ، ناڪئو لالو عرف ”لُوئَر“ ، ناڪئو خيرو عرف ”ڪڳو“ ، ناڪئو آڪو عرف آچار، ناڪئو مَنو عرف مُترڪو، ناڪئو قاسم عرف ”ڦڙداس“ ، ناڪئو پاتال عرف ”پُوجو“ ، ناڪئو چنيسر عرف ”چَپليڪي“ ،ناڪئو راڻو عرف ”رَڏُ“ ،ناڪئو ڪالو عرف ”ڪَڏَو“ ،ناڪئو چاھُيو عرف ”چُورو“ ،ناڪئو ڪَڪَو عرف ”ڪَڏِي“ ،ناڪئو علي محمد عرف ”ڳاڙھو“ ،ناڪئو حاجي عثمان عرف ”بوٿو“ ، ناڪئو سوڍو عرف ”سيارو“ ناڪئو ٽِيتو عرف ”ٽنگڻ“ ، ناڪئو پيارو عرف ”پڪڙڻ“ ، ناڪئو ھاشم عرف ”ٽيري“ ناڪئو مور عرف ”موراڪي“ ناڪئو پيرل عرف ”پَلو“ ناڪئو پنھل عرف ”پاپليٽ“ خلاصي خيرو عرف ”ڪَڪو“ خلاصي ڪانيو عرف ”ڪُنير“ خلاصي ڪالو عرف ”ڪُرڙو“ ، خلاصي اصغر عرف ”ھيجڪِ“ خلاصي لياقت عرف ”لوھڙ“ خلاصي مولوي عرف ”مَٽِو“ خلاصي سلطان عرف ”واڳو“ خلاصي ڏونگر عرف ”ڏَنديو“ خلاصي اِبو عرف ”آچو پِٽون“ ، خلاصي گوھَر عرف گَپ گَلو، مائي آمي، عرف چُما، خلاصي ڪالو عرف ”ڪُوڪو“ خلاصي ڍولڻ عرف ”ڍِڍي“ ، خلاصي پَنھل عرف ”پَلو.“

سوڪي بندر ۽ سامونڊي سُور

ڪنھن ڳوٺ جي محلي يا پاڙي ۽ گھٽيءَ ۾ ھڪجھڙن نالن سان خلاصي يا ناڪئا رھندا آھن، اھي پاڻ تي مڇيءَ جو نالو رکي ڇڏيندا آھن، جيئن ڪو ٻيو ماڻھو پلجي ساڳي نالي واري ٻئي ماڻھوءَ جي در تي نہ وڃي. ھنن ماڻھن جي ڪِرت ۽ ڌنڌو ساڳيو ھوندو آھي. يعني مڇي مارڻ وارو. مثال: ”سارنگ“ جي نالي وارا ٽي ماڻھو ھڪئي پاڙي يا محلي ۾ رھن ٿا، پر انھن جي سڃاڻپ الڳ الڳ آھي.

(1) سارنگ، چرڪو، (2) سارنگ ڦوڦار (3) سارنگ ڍانگرو.

ڪنھن محلي جي ھڪئي گھٽيءَ ۾ ٻہ ناڪئا ساڳئي نالي سان رھن تہ اُھي پنھنجي نالي جي پٺيان مڇيءَ جو نالو لڳائي، پنھنجي الڳ سُڃاڻپ بڻائيندا آھن. ناڪئو بابو ملاح عرف ”بوٿو“ ، ناڪئو بابو ملاح عرف ڪَتوُ“ .

اوچتو لھرون اُٿل پٿل ڪائينديون اسان جي مٿان پاڻيءَ جي ڇَنڊَ وَسائي تہ منھنجي ھٿ مان چانھہ وارو مگو پاڻيءَ مَنجھہ ڪري پيو، اھو ڏسندي سيني ڪان ڪِل نڪري وئي، آءُ بہ ڪلڻ لڳس. ناڪئو اُٿيو ڪُل تي چانھہ جي ٻاڙتي ۾ ٿوري چانھہ پئي ھئي. سا ڪٽي اچي ڏنائين.

ھوڙو درياہَ جي ڪنڌي سان ھلندو رھيو، ٻارنھن سال اڳ ھن ماڳن تي آيو ھوس، تنھن وقت ۾ ڪنڌين تي ڪي ڇَنھَ ۽ مَنھَ وارا گھر ھئا. ھينئر ڏسڻ ۾ ڪونہ آيا، ڪٿي ڪٿي ڍورن مينھن ۽ ٻڪرين کي چرندو ڏٺو ھو. ھاڻ اھي سيئي پَٽَ خالي ۽ ڪاري پاڻيءَ جي ھيٺ اجڙيل ڏسڻ ۾ آيا. ڪيترائي ڳوٺ ڪاري پاڻيءَ منجھہ پنھنجو وجود وڃائي ويٺا ھئا.

ھڪ ٻيڙي اسان جي طرف اچي رھي ھئي، جڏھن پرسان اچي بيٺي تہ اُن ٻيڙي مان ھڪ ماڻھو اُٿي بيھي رھيو. اُن ڪان ناڪئي الھڏنو پڇيو:
خلاصي گُھچَ! ڪريو خبر..؟
ناڪئا الھڏنا! خبر مڙئي خير، اسانجو تو ۾ ڪَم پَئين ويو آ.“
يار! اسان جو ڪُل (چُلھہ) تَڙَ تي وسري ويو، ھوڙيءَ ۾ ڪونھي چڙھيو، آن (اوھان) وٽ ڪُل ٻُل ھجي ويرو (واندو) تہ اسان کي ڏيو، مھرباني ٿيندي.
خلاصي گُھچَ اسان جي ھوڙي ۾ ڪُل آھي ھيڪو، جي توکي ڏينداسين تہ اسان ۾ ٻُک پوندي.
ناڪئا الھڏنا! ڪُل اسان کي ڏئي ڇَڏَ، اسين وجون پيا درياھہَ تي اسان کي ڏاڪو (ڏھاڪو) ڪن ڏينھن لڳي ويندا.

ناڪئو الهڏنو سوچي، پوءِ هوڙي جي ڪُڻ مان ڪُل ڪڍي خلاصي گُهچَ جي حوالي ڪندي چيو.

ادا، گهچ! توهين پَرتي پيا وڃو، پَلي ڪُل ڪڍي وڃو، آءُ ڪنهن ڪان ڪُل ڪڍي وٺندس، آن جو ڪم ٿي ويو.

خلاصي گهچ خوش ٿيندي، هٿ لوڏي روانو ٿي ويو. ناڪئو الهڏنو ٽنگ مشين جي پرسان آچي ويٺو، اسان کي لڳو تہ چانهہ ۾ ماني کيئن ٿاهيندا اسين. ناڪئي جي چهري تي پريشانيءَ واري ڪابہ اهڙي ڳالهہ ڪونہ هئي. وڏي آرام سان ويٺو هجي. ڊاڪٽر جليل ۽ الهڏنو اُهي ٻئي ماٺ ۾ ويٺا هجن. مون کي اندر منجهہ اُڻ تڻ ورائي وئي ٿوري دير تائين سيئي خاموش ويٺا هُجن. ناڪئو الهڏنو، منهنجي مُنهن ۾ نهاري مُرڪي ڏنو ۽ چيائين جنهن خلاصيءَ کي ڪُل ڏنو، اُن جو مي تي هيڪو وڏو احسان آهي". ائين چئي ناڪئو سيني ڏي نهاريو، پوءِ وڏي آواز ۾ سُٽائڻ لڳو.

ڪجهہ سالن جي ڳالهہ آهي، آءُ خلاصي هوس.

"هڪڙي ڏينهن بولي تي وياسين، مونسان ڳڀور (ڇوڪرا) هوڙي ۾ آئين (آهن) اسان بولو ٻڌوسين، بولو رَڇَ ٻڌي ڪري اسين سُمهي رهياسين. ڪو مشين جي پِرَ ۾ سُتو، ڪو فريج (برف جي ٽانڪي تي) سُتل هو، ڪو ماندا پيو هجي، ڪو وچ تي سُتو پيو هُجي. اءُ مشين جي پِر ۾ سُتو پيو هوس.

بن ڪلاڪن ڪانپوءِ آلڙَ زور وٺيو تہ اسان جي بولي رَڇَ جو هڪڙو حصو ٽٽي ويو. هوڙي جَهٽڪو ڏنو تہ اسين اُن جهٽڪي تي اُٿياسين تہ وري پيو پاسو بہ ٽٽي ويو. هاڻ اسين اُجندا (9) پيا اچون. هوڙي کي ڪِئين قابو ڪريون، ان سوچ ۾ هياسين تہ هوڙي وڃين ٻئي بولي ۾ پئي، جيڪو اسان جي پُٺيان بيٺل هجي. جنهن جاءِ تي اسان بولو ٻڌو هو. اُن کان ٿوري فاصلي تي ٻيو بولو ٻڌل هو. اِها اسان کي سُڌ ڪونہ هئي. اُن ۾ اسان جي هوڙي لڳي ۽ ڪلٽي ٿي وئي، ڳڀور (ننڍڙا ٻار) بولي رَڇَ جي مٿان چڙهي ويا. هوڙي اسان جي بولي رَڇَ ۾ ڦَسي رهي ٻي هوڙن وارن ڳڀورن ۽ اسان کي

پائي ورتو. اها سيءَ جي موسم هئي. ايها اسان جي ڀلائي هئي جو بولي رَڇَ مان بچي وياسين. بولي رَڇَ ۾ جانور، مينهن، ڍور، ڍڳو ۽ ڪو ماڻهو جي ڦَسي رهيو تہ "ساس" نہ هوندو اُن جو "لاش" هوندو. مطلب ساهہَ وارو ڪوبہ بچندو ڪونهي. مري ويندو آهي. اهو گهچ خلاصي جنهن کي ڪُل ڏنو، اُهو مُڙسي نہ

ڪري ها تہ اسين بولي ۾ هُجون ۽ هير جيئرا نہ هُجون.. تڏهن مون جا ڳڀور ٻَتا خلاصي گهچَ جا مي تي احسان آهن. آءُ اڳيان ڪنهن ڪان ڪُل وٺندس.

ناڪئي الهڏني جي ڳالهہ ٻڌي، سيئي ماٺ ۾ پئجي ويا. منهنجي اڳيان هو منظر چڻ فلم وانگر هلي رهيو هو. اُٿي ناڪئي جو پرسان آيس.

ناڪئا! درياهہ جا رستا ڏاڍا اڙانگا آهن.؟

ادا، شڪار گهورڻ ايڏو سَولو ڪونهي، انهيءَ ۾ وڏا جوکا سِرَ جا آهن، درياهي ڏنڌو هون بہ دل وارن ماڻهن جو هوندو آ".

ناڪئي جي اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ آچي وئي.

ٻيڙي هلندي رهي، ناڪئو الهڏنو ميربحر ڇوڻ لڳو. سوڪيءَ بندر پهچي وياسين.

سوکي بندر جو نالو ٻڌي ان جي پٽن ڏانهن نيهاريندي ٿوري خوشي جو احساس بہ ٿيو ۽ گهڻو ڏک ٿيو. ٻيڙي درياهہ جي ڪنڌي سان لڳي بيهي رهي، اسين ٻيڙيءَ جي ڪڻ ۾ جوتا رکي پير اگهاڙا ڪري ٻيڙيءَ مان هيٺ لٿاسين. پٽ تي آلڙ هئي، ڪٽي، ڪٽي ننڍڙا، ننڍڙا لاٽا ۽ وليون هجن، اسين پنڌ ڪندا هڪ ڍوري وٽ آياسين، جنهن ۾ گوڏي جيترو پاڻي هو. ڍوري جي پريان سوکي شهر وارو پٽ ڏسڻ ۾ پئي آيو. ذهن ۾ سوکي شهر جو نظارو ڪنهن فلم جيان ڦرڻ لڳو. ڪجهہ پل اتي ئي سوکي جي خيالن ۾ ٻيٺو هئس. ايتري ۾ ناڪئو الله ڏنو ڪُلهي تي هٿ رکي چيو، "ادا! ڍوري مان هلڻو آهي، اتي ڇو بيهي رهيا آهيو."

ها! هلون ٿا. پوءِ قميص لاهي مٿي سان ٻڌي، سلوار جا پانچا گوڏن تائين ڪري ڍوري ۾ لٿس، ٿوري پاڻي ۾ هليس، تہ ڪا شئي پير ۾ لڳندي محسوس ڪئي تہ منهنجي وات مان رڙ نڪري وئي. ناڪئو الهڏنو ۽ ڊاڪٽر جليل جيڪي منهنجي اڳيان ڍوري مان هلي رهيا هئا، اُهي بيهي رهيا. ڊاڪٽر جليل پوئتي موٽي چيو: "توکي پير ۾ ڪڏو (گهاڙ) لڳو آهي."

"ڊاڪٽر! خبر ناهي، باقي پير وڍجي ويو، ائين ٿو لڳي. "ڊاڪٽر منهنجي ٻانهن کي پڪڙيو، ايتري ۾ الهڏنو آيو، ٻنهي ٻانهن کان ڪنيي مٿي ڪنيو. ان وقت اسڪول واري يادگيري اچي وئي. اسڪول جو ڪو شاگرد ڪلاس ۾ نہ ايندو هو ۽ گوسڙو هوندو هو تہ استاد احمد علي چوندو هو.

"وڃو انهيءَ ڇوري کي ڳولي ڦولي ڪڍي اچو." پوءِ ڪلاس مان ٻہ

ڇٽا ٻُت ۾ ٽلها موٽا شاگرد ويندا هئا، اُن شاگرد کي ڳولي ايندا هئا. هڪ شاگرد اُن جي سَڄي ٻانهن کان وٺندو هو، ٻيو شاگرد ان ڇوڪري کي کٻي کان وٺي مٿي پٽي کڻي ايندا هئا. گوسڙو ڇوڪري جا پير پَٽَ تي ڪونہ لڳندا هئا.

اهڙي نموني ناڪئو الهڏنو ۽ ڊاڪٽر جليل مون کي ڊوري منجهان مٿي ڪنيو. پاڻيءَ مان هلندا اچي ٻاهر ڪناري تي آندو. منهنجي سڄي پير جي ترِيءَ مان رت وهي رهيو هو. اسين هاڻي سوکي شهر جي پَٽَ تي هئاسين. چؤطرف ڪلراٺي زمين ڪنهن پکي پکڻ جو آواز ڪونہ. پري کان ٺُل ڏسڻ ۾ آيا پئي. سوکيءَ جي اُجڙيل پَٽَ تي هلندي، ناڪئو الهڏني ميربحر چيو:

”اسين ننڍا هوندا هئاسين، پنهنجن وڏڙن سان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي سوکيءَ شهر جي بازار گهمڻ لاءِ ايندا هئاسين. خاص طور تي سوکيءَ جي مٺائي کائڻ جي لاءِ ايندا هئاسين، سڄي ٿَرَ منجهہ “سوکيءَ جي مٺائي” مشهور هئي.“

اسين هلندا رهياسين، سوکيءَ جي زمين پوسَل واري هُئي، جنهن جي چؤڦير سمنڊ جو کارو پاڻي هُيو. اسين هلندا، انهيءَ جاءِ تي آياسين، جت سارين جو ڪارخانو هوندو هو، اُتي وڏو سيمنٽ جو حوض هَيو. ڊاڪٽر جليل ۽ الهڏنو ميربحر ٺُلن وٽ بيهي رهيا.

“هِيءَ نشان سارين ڇڙهڻ جي ڪارخاني جا آهن. سوکيءَ جا چانور مشهور هوندا هئا.” آئون سيمنٽ جي ٺلن کي هَٿ لائي ڏٺو... وري ٻئي ٺل کي ڏسڻ ويس. ڪُل چار ٺُل هُجن. ذهن ۾ سُوکيءَ شهر ۽ ڪارخاني جو منظر ڇٽيندو رهيس.

ڪجهہ وقت اسين ڪارخاني جي جاءِ تي بيٺا رهياسين، پوءِ اتان واپس ٿياسين. ٿورو اڳيان زمين تي ڳاڙهين مٽيءَ جي سِرُن جا پڳل ٽڪر ۽ ٽَڪر جي ٿانون جا ڀڳل ٽُڪرا پيا هجن. اسين هلندا وري ٻئي طرف وياسين. ڏينهن تکو هو، سيني کان پگهر وهن پيا، پر سوکيءَ جي ڦٽل شهر کي ڏسندي خيالن ۾ سوکيءَ جي بازار جو نظارو ۽ اُن بازار ۾ ماڻهن جي هلڻ چلڻ جا ڏيک ڏسندو هلندو رهيس. گرميءَ جو احساس نہ پيو ٿئي. ڀڳل ٺِڪرن جي ڍير کان ٿورو اڳيان هلياسين.

ناڪئو الهڏنو ميربحر ٽڏو ساهہ پٽي چيو: “سوکيءَ ۾ هندن واڻين جون پَڪيون، ويڪريون ڪشاديون جايون هيون. انهن جا دڪان بہ پَڪا ٺهيل هوندا هئا. سوکيءَ جي بازار واري گهٽي ويڪري هئي. مردن سان گڏ ٻار پٽي شيون وٺندا، بازار ۾ گهمندا ڦرندا هئا، ڪو ڪنهن کي ميري اک سان ڏسندو ڪونہ هيو. ڏاڍو سڪون ۽ سانت وارو ماحول هوندو هو. هن وقت منهنجي ذهن تي سوکيءَ بازار جو نقشو چٽو بيٺو آهي. سوکيءَ شهر جي ويران پَٽَ تي هلندي ڊاڪٽر جليل چيو:

سوکي جي پاسي ۾ “گابار” درياهہ وهندو هو، جيڪو ڪنهن وقت ۾ وڏو درياهہ هو. سوکي بندرگاهہ جي پاسن کان چار درياهہ وهندا هئا، انهن درياهن تي ڪيترائي ڳوٺ آباد هئا. هاڻي چؤڦير نظر ڦيرائڻ سان خالي پَٽَ ڏسڻ ۾ پيا اچن. هنن آباد پَٽن کي سمنڊ جي کاري پاڻيءَ ڦٽائي ڇڏيو. هينئر سوکيءَ جي سونهن جا خيال ذهن منجهہ ڊوڙائي سگهون ٿا، باقي ڪجهہ ڪري نہ ٿا سگهون، اسان جا وڏڙا بہ سوکي جا هئا. اُهي مالدار ۽ زميندار بہ هُئا. ان وقت ننڍڙو هئس، ڪي خيال ذهن ۾ ڦيرو ڏين پيا. سوکيءَ جي ڏکڻ ۾ اگاريا ذات جا ماڻهو رهندا هئا. اهي ملڪائي ونگرا هئا. اگاريو اُنهن جو پاڙو هيو.

سوکيءَ جي شهر جون ڳالهيون پئي هليون، ”سوکيءَ شهر ۾ واپار جو وڏو چلتو هلندو هيو، جڏهن هندو، واپاري واڻيا ويا تہ سوکيءَ جو چلتو ۽ واپار بہ ڊرو ٿيندو ويو. سوکيءَ جي بازار جا ڪيترائي دڪان بند ٿي ويا. سوکي جي بندرگاهہ تي ٻاهرين ماڻهن جا ٻيڙا ۽ ٻيڙيون گهٽ اچڻ لڳيون. رڳو ٽڙ ۽ پر وارن درياهن کان ماڻهو ايندا هئا. شهر ۾ مسلمان واپاري بہ هئا، انهن سوکيءَ جي ايندڙ وقت جو جائزو ورتو ۽ اهو سوچي ويا تہ هاڻي سوکيءَ ۾ رهي ڪاروبار ڪرڻ ڏکيو آهي، پوءِ انهن بہ پنهنجو ڪاروبار ٻين شهرن ڏانهن وڃي شروع ڪيو. گهڻا ماڻهو ڪاروچاڻ شهر ڏي ويا. پر پوءِ اُتان بہ لَڏي ويا.

ڪارو پاڻي اهڙو سوڪڙو وڏو جو “پاڳين جا مال بہ ويا تہ وٿاڻ بہ ويا.” سمنڊ جي کاري پاڻيءَ ڪيترائي درياهہَ ڦٽائي ڇڏيا. جيڪي ساموندي پَٽيءَ ۾ گهرَ آباد هئا، انهن کي 1999ع واري طوفان مڪمل تباهہ ڪري ڇڏيو.

ڊاڪٽر جليل ان طوفان جي حوالي سان ٻڌايو.

1999ع واري طوفان کي انگريزي ۾ نالو سائيڪلون ٽو ڏنو ويو. هن طوفان ساموندي پٽيءَ ۾ وڏي تباهي آندي هئي، جنهن ڪانپوءِ هي ماڳ پَٽَ بلڪل برباد ٿي ويا. ان طوفان کان اڳ ۾ سوڪيءَ تي، ها... هنن پٽن تي جتي ويٺا ڪچهري ڪريون پيا، ڪجهه گهر آباد هئا. انهن ۾ احمد رونجهو، حاجي محمد رونجهو، حُسين رونجهو، احمد ٻگدوبغدو، جمعو مالهيو، آڱن مالهيو، ۽ محمد مالهيو جا گهر هئا. اهي سڀ 1999ع جي طوفان ڪانپوءِ لڏي ويا. محمد مالهيو هير ٻه سوڪي شهر کان اتر طرف ۾ گابار درياهه تي رهي پيو. ان جو اڪيلو گهر آهي، باقي ٻيا مختلف شهرن ڏانهن لڏي ويا آهن. اسين محمد مالهيو سان ملڻ هلنداسين. مٿيان ماڻهو سوڪيءَ جي پٽَن جا آخري رهندڙ ماڻهو هئا.

ڪجهه سال اڳ سوڪيءَ جي هنن پٽن تي آيو هئس. هڪ پڳل جاءِ جي ڏاڪڻ جا ڏاڪا جن تي ٽائلس لڳل هئي، اهي هن وقت ڏسڻ ۾ ڪونه آيا. ٽڪرن جا پڳل ٽڪرا پٽ تي وکريل ڏٺا هئم، پر هيل اهي شيون ڪونه هجن. سوڪي جي پٽ کي به کاري پاڻي چڙهيو ڪونه. ان کي به پنهنجن ڪارن ڏندن سان کائيندو، کائيندو ننڍڙو ڪري ڇڏيو هجي.

ايندڙ چند سالن ۾ ”سوڪي شهر ۽ بندر“ جو هي ننڍڙو تاريخي نشان به سمنڊ جي پيٽ ۾ گم ٿي ويندو. سنڌ جي تاريخي ماڳن ۽ بندرن سان سمنڊ وڏا ڪلور ڪيا آهن. جي پنهنجا ماڻهو اڪ پٽين ها ته هي سونا پَٽَ سمنڊ ۾ غرق نه ٿين ها. سمنڊ سان گڏ پنهنجن به ڪلور ڪيا آهن.

پوءِ اسين اٿياسين. چانهه جي ٻاڙ سيني کي لڳي، ڊاڪٽر وراڻيو: هاڻ ٻيڙيءَ ۾ ويهي ”گابار درياهه“ تي هلنداسين. اسان کي محمد مالهيو وٽان ڪير ملي ويندو، نه ته چانهه سليماني يعني کير کان بغير اها ضرور ملندي... هاڻي اسين ان ڏوري وٽ اچي پهتاسين، سڀني پنهنجيون قميصون لاهي مٿي سان ٻڌيون ۽ سلوار جا پانچا گوڏن کان مٿي ڪري ڏوري ۾ لهي پياسين.

ڪجهه منٽن ڪانپوءِ ڏوري مان ٽپي سڪي تي آياسين. سڀني مٿي وارا ڪپڙا لاٿا، ٻُت تي وڌا ۽ ٻيڙي ڏي هلڻ لڳاسين. آئون هلندي ڪنڌ ورائي سوڪي جي ويران پَٽن کي ڏٺو. اکين ۾ سوڪيءَ جا منظر ڌنڌلا ٿي ختم ٿي ويا. دل ۾ چيم، ساموندي پٽي جا سهڻا ماڳ ۽ بندر ڦِٽي ويا، ڪنهن کي

ڪائي ڪَهل ڪانه آئي. بس پوءِ اکين تي هٿ ڦيري ٻيڙيءَ ۾ اچي چڙهيس. ناکئو سُکاڻ تي وڃي ويٺو.

سوڪي بندرگاهه جي اتر طرف کان ”ميرواهه“ درياهه نڪري ٿو، اهو اُلهندي طرف وڃي، درياهه گهوڙو ۾ داخل ٿئي ٿو. پوءِ درياهه گهوڙو عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. ان وقت واءُ تيز لڳڻ شروع ٿيو. اسين هوڙي جي ڪُڻَ يعني پيٽ ۾ ويهي رهياسين. بُک سيني کي لڳي، پر بُک ۾ منهنجي حالت ٻين کان وڌيڪ خراب ٿيڻ لڳي. ناکئي الهڏني جو پُٽ قادر ڪُڻَ ۾ ويهي ماني پچائڻ لڳو، هوڙو درياهَ منجهه آهستي آهستي هلندو رهيو. ناکئو سُکاڻ تي ويٺو هو. پاڇي تيار پئي هئي. قادر ماني پچائي ورتي ۽ آواز ڏنائين: ”ماني تيار آهي ۽ کير ٿورو پيو آهي.“

”ها! مون کي ماني ڏي.“ منهنجي وات مان رڙ نڪري وئي، ڇو جو مون کي ڏاڍي بک لڳي هئي. پوءِ سڀئي ماني کائڻ لڳاسين. صرف ناکئو الهڏني ماني ڪونه کاڌي جو اهو هوڙو هلائي رهيو هو. ناکئو الهڏنو گابار درياهه ڏانهن هلڻ لڳو، جتي ناکئي الهڏني جو گهر هيو. ناکئو الهڏنو کڻ ۾ آيو ۽ ماني کائڻ لڳو، ان جو پٽ قادر هوڙي جي سُکاڻ تي وڃي ويٺو.

اسين ڪجهه وقت ڪانپوءِ گابار درياهه جي ڏوري تي آياسين. ڏٺوسين ته هڪ ماڻهو ويٺو آهي. اهو رڇ اُلاري رهيو هو. ڊاڪٽر جليل ڪٽي ۽ الهڏنو ان ڏانهن ڏسي آواز ڏنو ”اي محمد مالهيا ڪهڙا حال اٿئي...؟“

هوڙو اچي محمد مالهيو جي پاسي ۾ بيٺو، ڊاڪٽر لهي ويو. ان سان گڏ اسين به هيٺ لٿاسين.

محمد مالهيو سان هٿ ملائي ان جي پاسي ۾ ويهي رهياسين. ڪجهه دير تائين ڪچهري ڪري پوءِ ڪانئس موڪلايو، ٻيڙيءَ منجهه آياسين، ٻيڙي هلندي ساڳي جاءِ تي ان ڏوري وٽ آئي، جتي لهي اسين سوڪي جو ڦٽل شهر ڏسڻ وياسين.

ميرواهه درياهَ جي پُڇڙي مان نڪري ”مُتڻي درياهه“ ۾ داخل ٿياسين. هوڙو پاڻي منجهه هلندو رهيو. ڪنهن مَهل آسمان ۾ گجگوڙ ٿي، ڪارا ڪَڪَر ٻوڪڙيون پائڻ لڳا. اهي ڪڪَر اهڙا گهاٽا ۽ ڪارا هُجن، جو اُنهن کي ڏسندي، خوف پيو ٿئي. وري ڪارا گهاٽا ڪَڪَر انهن جي گجگوڙ ٿي تنهن ڏڪائي ڇڏيو پئي. چئني طرفن کان گهُگهُ اونداهي ٿي وئي هئي.

مون کي ڪو پتو ڪونہ هجي، هوڙو ڪهڙي طرف وڃي رهيو آهي. بس درياهہ جا ڏڏڪا، آسمان ۾ بادلن جي چمڪات ۽ ڪڙڪات، ڪنهن مَهل ڏڪايو ڇڏي. ڊاڪٽر جليل ”مُتڻي درياهہ“ جي ٻنهي ڪنڌين ڏي نهاري پوءِ اوپر جي پاسي ڏانهن اشارو ڪري چيو:

اسين مُتڻي درياهہ مَنجهہ هلون پيا، درياهہ جي اوپر واري ڪنڌيءَ تي ”رونجهن“ ذات وارن جا گهر آهن. مان خاموش ويٺو ڊاڪٽر جي ڳالهہ ٻڌان پيو.

”هاڻ هوڙو اوپر واري ڪنڌيءَ جو پاسو وٺي هلي ٿو. ڪجهہ دير ڪانپوءِ ”نانگ“ واري درياهہ“ منجهہ هلندو. پوءِ وڃي ”آڏياڙي درياهہ“ ۾ داخل ٿيندو. ناڪئن ۽ خلاصين جون اهي ڳالهيون ياد ٿي آيون جن ماڻهن، ملاحن جون ٻيڙيون سامونڊي طوفان ۾ تباهہ ٿي ويون هيون، تختو تختي سان نہ مليو هو، اهي سڀ منظر منهنجي خيالن م فلم وانگر ڦرندا رهيا، اونداهيءَ ۾ اکيون اٽڪايون ويٺو هجان. درياهہ جي گس پنڌ جي ڪا خبر پوي ڪونہ پوي تہ ڪٿي پيا هلون، ۽ ڪٿي پهتا آهيون؟ ڪنهن وقت ڊاڪٽر جو آواز آيو ۽ ان ٻڌايو تہ:

”هاڻ اسين ”آڏياڙي درياهہ“ منجهہ آهيون. هي درياهہَ اڳتي ڏکڻ ۾ وڃي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو.“ اوچتو واءُ ۾ تيزي اچي وئي. مون کي ائين لڳو، ڄڻ سامونڊي طوفان اچي ويو آهي. تيز هوائن تي ٻيڙي پينگهہ جيان لڏي رهي هئي، ڪنهن مهل هڪ پاسي تي لڙي ٿي وئي تہ ڪنهن وقت ٻئي پاسي لاڙو ٿي ڪيائين. ٻيڙيءَ جي لُڏڻ ڪري ۽ آسيري پاسيري ٿيڻ سان ذهن م سوين خيال ورائي ويا. جڏهن ٻيڙي ڪنڌي جي پاسي اچي هوري هلڻ لڳي ۽ اُهي لوڏا ختم ٿيا تہ پيٽ ۾ ڪجهہ ساهہ پيو. درياهہَ ۾ هوڙو ٻار جي پينگهہ جيان لُڏي رهيو هو. هوائون تيز گهلي رهيون هُجن جيڪي مينهن جي آچڻ ۽ وَسڻ جو اشارو ڏئي پئي ويون. درياهہ ۾ تيز واهہ ۽ طوفان هلندا رهندا آهن، نئين ماڻهو جي لاءِ ڏکي ڳالهہ هوندي آهي پر روزانو جن ماڻهن جو دريائي ڏنڌو هوندو آهي. اهي طوفانن جا عادي ٿي چڪا هوندا آهن، پر نئين ماڻهو کي عجيب پئو ٿيندو آهي. ڪجهہ سيڪنڊ مس گذريا تہ مينهن جي ڪڻين جو وسڪارو شروع ٿيو. ڪُڻ مان ناڪئي پلاسٽڪ ڪڍي اسان کي اُن ۾ ڍَڪيو ۽ پاڻ سُڪاڻ تي ويو. پُٽ کي بہ پنهنجي پر ۾ ويهاري ويٺو.

ڪُڻ ۾ (هوڙي جي پيٽ) ۾ ڊاڪٽر ۽ آئون هجون. مان مينهن جو مزو وٺڻ جي لاءِ ڪُڻ مان نڪري هوڙي جي موريءَ واري حصي وٽ ويهي رهيس. مينهن تيز هجي، پوءِ ويهي ڪونہ سگهيس، اچي ڪَڻ ۾ ويهي رهيس.

ناڪئو الهڏنو آواز ڏنو ”اسين آڏياڙي درياهہ ۾ پيا هلون.“ ناڪئي جو آواز ٻڌي هوڙي ڪان ٻاهر ڏنو، سواءِ اونداهيءَ جي ڪُجهہ ڪونہ ڏسڻ ۾ آيو. ناڪئو الهڏني کي درياهي گس، رستن، پيچرن، ڍورن، ڇاڙن جي سڀ سُڌ هئي.

”ناڪئو اُن کي چوندا آهن، جيڪو درياهہ جا گس پنڌ، هيٺ مٿانهيون وغيره ڄاڻي. ناڪئو هڪ لقب آهي. اهو لقب اُن ماڻهو کي ملندو آهي، جيڪو درياهہ جي گس پنڌ ڄاڻ رکندو آهي. ان وقت درياهہَ جي ڏڏڪن، بادلن جي گجگوڙ ۽ برسات بہ گهٽ ٿي وئي، پوءِ ناڪئو ان جي پٽ الهڏنو خاصخيلي ۽ ڊاڪٽر جن جي چهرن تي ڏٺم تہ اُهي سڪون سان ويٺا هجن.

درياهہ ۾ هوڙو هلي رهيو هو، ڪنهن وقت اچي چمڪندڙ شيءِ جا ٽينگ ٽپا ڏنا. ناڪئو وراڻيو ”سائين! درياهہ ۾ مڇين جي راند ڏسڻ وٽان آهي. درياهي مڇيون هوڙن ۽ ٻيڙين جي مٿان ٽينگ ڏئي هليون ويندیون آهن.ڪي ننڍڙيون وڏڙيون مڇيون ٻيڙيءَ ۾ ڪري پونديون آهن. هنن مڇين جا ڇلر يعني ٻُت واري کَل اچي ۽ چمڪندڙ ٿئي ٿي. جيئن بجلي چمڪندي آهي، تيئن انهن جو بدن چمڪي ٿو. مڇي جو شڪار ڪري برف جي نادين ۾ وجهي بند ڪندا آهيون تہ انهن مڇين جو چانديءَ جهڙو بدن برف ۾ ڪارو ٿي ويندو آهي. مڇي جي کل (ڇلر) برف ۾ پنهنجي سونهن وڃائي ڇڏيندي آهي.

ٿڌڙي وٽندڙ هوا گهلي رهي هئي. چؤڦير اونداهي ئي اونداهي هئي. باقي موسم وٽندڙ واهہ جي ٿي پئي هئي. اسين موري تي اچي ويٺاسين ڊاڪٽر چيو ”ناڪئا! چانهہ پيار.“

ناڪئو الهڏنو سڪاڻ تان لهي آيو، اُن جو پٽ اُتي سُڪاڻ تي وڃي ويٺو. ناڪئو درياهہ ڪنڌين ڏانهن ڏسي ڏڪارو ٿيندي چيو: ”ادا درياهہ جون ڪنڌيون ويران ڏسين پيو. اڳي درياهہ منجهہ هلندا، هوڙا هڪليندا، ڪنڌين تي رونق ڏسي اندر ٺري پوندو هو. ڪنڌين وارا ماڻهو هٽ مٿي ڪٽي

اولا ۾ اشارا ڪندا هئا "هيڏانهن اچو... جهٽ ويهو." ڪي ماڻهو نالو وٺي سڏ ڪندا هئا. هاڻ ڪا ڪوڪار بہ پڌرَ ۾ اچي ڪونہ ٿي. نہ ڪنهن پکيءَ جو چِين چِين جا آواز آهن. اهڙي خاموشي ٿي وئي آهي جو هانءُ پيو ڦاٽي. هنن ڪنڌين کي ڏسي، اندر اَڌُ ٿيو پوي." ائين چئي ناڪئو ٺڏو ساهہ پري چانهہ ناهڻ ۾ لڳي ويو.

هوڙو "آڏرياڙي درياهہ" ۾ هلي رهيو هو، درياهہ جي ٻي ڪنڌيءَ سان هڪڙو هوڙو وڃي رهيو هو، ان هوڙي ۾ ويٺل ماڻهن مان هڪ جهٽي روشني ڪري، اشارو ڏنو تہ ناڪئو الهڏنو اهو اشارو سمجهي ويو، هڪ وڏي آواز ۾ چيائين. "اهو هوڙو سائين محمد مولائيءَ جو آهي. شڪار تي وڃي پيو، ناڪئو چانهہ ٺاهي سيني کي ڏني، مان چانهہ جو ڪوپ ڪٽي مُهريءَ تان اٿي سڪاڻ تي وڃي ويٺس. اُتي چانهہ پيئڻ ۾ مزو آيو پئي. هوڙي جو پينگهہ وانگر لڏڻ ۾ هلڻ چڙ ڦير اونداهي هٿ نہ ڏسي هٿ کي، وري ٿڌڙي هوا جهومائي ٿي ڇڏيو. ايتري ۾ ناڪئو شاهہ جو شعر پڙهڻ لڳو، سو بہ وڏي آواز ۾ سُر سان.

نہ سي تڙِ هوڙاڪَ، نہ وايون وَڻجارن جُون،
سَر تيون! ساموندرين جا اَڄُ پُڙِ ڇڪيمَ چاڪَ
مارينھُون! فراق پاڙيحيون، پرين جا.
(شاهہ سر ساموندي، داستان پهريون)

***

نَنگرَ ۾ ناريون، پڳهہَ ڪِڙي پند ٿيا،
بندر بازاريون، سُڃا ساموندين ري.
(شاهہ سر ساموندي باب پهريون)

ناڪئي الهڏنو بيت پڙهيا تہ ڊاڪٽر جليل ڪان بہ رهيو ڪونہ ٿيو. اهو هوڙي جي مُهريءَ تي ويٺو ناڪئي الهڏني کي جواب ڏي. ناڪئا! تو (واهہ) جا بيت پڙهيا... پر مي جو سُڻ.

هينئڙو هيڙيءَ جان، ڏُتڙ پئي ڏينهن ٿيا،
پُڇيو تان نہ پريان، ڪر لاهُو ٿي ڪَڏهين.

اوچتو آسمان مان ڪنوڻين جا ڪڙڪاٽ ۽ تجلا شروع ٿي ويا، اهڙا آواز ڪڏهن اڳي پڌا ڪونہ هُجن. وري هلڪو وسڪارو لڳو. اسين

مُهريءَ تي ويٺا رهياسين. ان گهڙيءَ درياهہ ڏاڍو مزو ڏنو پئي. چانهہ جو ڪوپ اڃا هٿ ۾ هيو. اهو مون ڇين تي رکيو ۽ چُسڪي پِرڻ لڳس تہ ڪوپ خالي هجي. اِها خبر ڪونہ پئي تہ ڪهڙي مَهل چانهہ جي پيالي ختم ٿي. پوءِ ناڪئي جو پُٽ قادر کي آواز ڏنو.

"ادا! چانهہ ڪپي."

ناڪئي ڪنڌ ورائي پٽ کي چيو "چانهہ چڱي ٺاهي هُئي، اجا پاتلي ۾ هوندي... ڪُڻ ۾ چانهہ جو پاتو ڍڪي رکيو آهي. اهو گرم ڪَر... چانهہ سيني کي پيار..."

ايتري ۾ وسڪارو جهڪو ٿيندو ويو. مينهن جي هلڪي ڪَڻ بدن کي ٺڪيون ڏئي رهي هئي. جيئن ماءُ پنهنجي ٻارکي ننڊ ڪرائڻ جي لاءِ ٺڪيون هڻندي آهي. برسات جي ڪٽين ۾ پيو درياهہ جي وچ ۾ هيڙيءَ جي لوڏن ۽ درياهہ جون ڇوليون جيڪي هوڙي سان لڳي، وري واپس ٿي ويون، انهن کي ڏسڻ سان ڏاڍو مزو آيو پئي. مان درياهہ جو مزو وٺي رهيو هئس. قادر هٿ وڌائي چانهہ ڏني. هوڙو آڏياڙي درياهہ کي ڇڏي ڪانئر درياهہ ۾ آيو. ڪانئر درياهہ جي ڪنڌيءَ تي ڪجهہ گهر ڏسڻ ۾ آيا. انهن ڪچن ڪڙڪانن جي گهر مان هٿ بتيءَ جي روشني ننڍڙي ٻار جيان ليئا پائي رهي هئي. جڻ اها اسان کي اشارا ڪري سڏي رهي هئي. منهنجو ڌيان انهن گهرن ڏانهن هجي. ڊاڪٽر جليل اٿي سڪاڻ تي ويٺل ناڪئي ڏي ويو، ڪيس وڏي آواز ۾ چيو "اسين اڳتي ڪونہ هلنداسين. هن ڪنڌيءَ تي فقيراڻي جتن جا گهر آهن، اڄ رات انهيءَ ڳوٺ ۾ گذارينداسين."

ناڪئو الهڏنو هوڙي جو رخ ڦيرايو. هوڙو هلندو ڳوٺ جي پاسي واري ڪنڌي وٺي هلندو رهيو. هي ڳوٺ عربي سمنڊ جي پاسي ۾ هو. اڳيان ڪانئر نَر (ڪانئر نار) هئي، جتي درياهہ عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو آهي. انگريزي ۾ "ڪريڪ (Creck) چوندا آهن.

ڪانئر درياهہ جي اولهہ ۾ ياڳ فقيراڻي جتن جو ڳوٺ هُجي. ڪنڌي تي ڇَنن، منهن ۽ ڪڙڪانن وارا گهر هئا. انهن گهرن جي پاسي ۾ درياهہ جي ڪنڌيءَ تي مسجد هئي. هوڙو جيئن ان مسجد جي پاسي ۾ بيٺو تہ ڪي ماڻهو هٿ بتيون ڪٽي اسان جي هوڙي ڏي آيا. انهن اڳي ئي هوڙي جو آواز پڌو هو. ڊاڪٽر انهن کي سُڃاتو ۽ ناڪئو بہ ڏسي انهن کي ڪيڪاريو.

اسان هوڙي مان لٿاسين. سيئي ماڻهو سک سان مليا. هڪ ڄڻو اسان جي اڳيان ٻتي ڪٽي هلندو رهيو. ٻيو اسان جي پويان ٻتي ڪٽي هلندو پئي آيو. ان جي هٿ ۾ لَٺَ ٻه هئي. مسجد جي پاسي ۾ چنو جيڪا (اوطاق) هئي. اسين ان ۾ آياسين. اوطاق ۾ هڪڙو مهمان اڳ ۾ موجود هيو. ان سان ملياسين. هڪڙو همراهه پاڻي ڪٽي آيو. هٿ منهن ڌوئڻ جي لاءِ چيو، پوءِ چني کان ٻاهر نڪري هٿ مُنهن ڌوتوسين.

ڪجهه منٽ مس گذريا ته ماني اچي وئي، ڊاڪٽر مرڪي هڪڙي جَٽ کي چيو "توکي خبر هئي چا...؟"

ڊاڪٽر! درياهه منجهه هوڙو هلي ته اسان کي پتو پئجي ويندو آهي. توهان جو هوڙو ڪائنر درياهه منجهه گهڙيو ته درياهي لهرن اسان کي اچي نياپو ڏنو ته مهمان اچن پيا. پوءِ هو اتي هوڙي جو آواز هوري هوري چٽو ٿيندو ويو ته سمجهي وياسين. اهو هوڙو اسان جي ڳوٺ طرف اچي ٿو. چو ته اڳيان عربي سمنڊ آهي. اوڏانهن ته ويندو ڪونه. پوءِ ٽن چئن ڄڻن جي ماني ٺهرائي ڇڏي. هوڙو جيئن ويجهو آيو پئي، اسان کي پڪ ٿيندي وئي ته اهي اسان جا مهمان آهن. پوءِ چني کان ٻاهر نڪري توهان جي طرف ڏٺو. هوڙي اسان جي ڳوٺ جي ڪنڌي وارو پاسو ونيو پئي آيو ۽ اهو ڊاڪٽر جليل هوندو، هوڙو ته ساڳيو ئي آهي، ماني کائڻ کانپوءِ ڊاڪٽر سڀني جو تعارف ڪرايو.

"هي فقيراڻي جت آهن، اُٺ ۽ اُنيون پاليندا آهن ۽ مڇيءَ وارو ڌنڌو ڪندا آهن. اصل ۾ هنن جو ڌنڌو اُنين وارو هو، جيڪو صدين کان ڪندا پيا اچن، پوءِ ڪنڌيون اجڙيون ته ڪاروبار گهٽجي ويا. هتان جا ماڻهو روزي ڪمائڻ ۽ ٻچن کي پالڻ جي مڇي وارو ڪم ڪرڻ لڳا. هاڻي سڀني جو اهو روزگار آهي، پر فقيراڻي جت اجان وڏڙن وارو ڌنڌو اُنيون چارڻ ۽ وڪڻڻ وارو ڪم ڪندا اچن پيا. هنن جا وڏڙا ٻيڙن ۾ اٺ چاڙهي پرڏيهي ملڪن ڏي ڪپائڻ ويندا هئا. واپسي ۾ اهي مختلف وکرن ۽ سامانن سان ٻيڙا ڀرائي ايندا هئا. پوءِ اتي ويٺل جتن سان تعارف ٿيو. حاجي يعقوب جَت فقيراڻي، علي محمد فقيراڻي جت، عثمان فقيراڻي جت، هاشم فقيراڻي جت، جيڪو مهمان چني ۾ ويٺو هو. اهو ٻه ذات جو جَتَ هُجي.

ڳالهه ٻولهه ۾ فقيراڻي جتن جو لهجو الڳ محسوس ٿيو. ساموندي پٽي ۽ لاڙ ۾ جتن جون اُوڙڪون (ذاتيون ۽ پاڙا) گهٽيون آهن.

رات جو ڪچهريءَ ۾ فقيراڻي جت يعقوب قصو ٻڌايو "هڪ ڀيري گڏاڻي درياهه (بلوچستان) تي شڪار ڪري رهيا هئاسون. ناڪئو جانو خاصخيلي، خلاصي هيرو خلاصي مَنو مَگَر (مڇيءَ جو نالو) خلا.صي چنيسر بوٿو (مڇيءَ جو نالو) خلا.صي خيرو، خلا.صي حاجي ملاح، خلا.صي پوپو (مڇيءَ جو نالو) خلاص جانو ڪُرڙو (مڇيءَ جو نالو) خلاصي ٿيري (مڇيءَ جو نالو) خلاصي محمد ماهيو، خلاصي بالو بوهَڙ (مڇيءَ جو نالو) ٻَنڊاري (رڏ پچاءَ ڪندڙ) ميرو ملاح، سيئي هوڙي منجهه هُجون. هوڙو پاڻي منجهه پينگهه وانگر لڏندو، جهومندو هلندو رهيو، صبح جو وقت هجي. سيئي اميد ڪري شڪار گهورڻ (ڪرڻ) وڃون پيا. اوچتو هوڙي لوڏو کاڌو، هوڙي جو پاتيو نڪري ويو ته هوڙو آسيرو پاسيرو ٿيڻ لڳو. سڀني پاڻيءَ منجهه ٽپو ڏنو، جان بچائڻ جي لاءِ آواز ڏيندا، هٿ مٿي ڪٽي ڪنهن سهاري لاءِ اشارو ڪندا ترندا رهياسين. جنهن هوڙي منجهه هئاسين، ان هوڙي جا ڀڳل ٽڪرا "پاتيا" پاڻي منجهه لڙهندي ڏٺاسين. اوچتو هڪڙو هوڙو آيو. ان پري کان درياهَ منجهه ڀڳل هوڙي جي پاتين ۽ پاڻيءَ ۾ اسان کي ڏسي ورتو هجي. جڏهن اهو هوڙو ويجهو آيو ته اهو ناڪئي آلو خاصخيلي جو هجي. پوءِ ان هوڙي وارن مڙسي ڪري اسان جي هوڙي وارن ماڻهن کي بچائي ورتو ۽ پنهنجي هوڙي منجهه چاڙهي ورتو.

هن درياهه جي ڌنڌي ۾ اهو پتو نه پوندو آهي ته اڳيان ڇا ٿيڻ وارو آهي، ڇا ٿيندو... ڪهڙو واقعو يا حادثو ٿيندو. بس اميد جي ڏور پڪڙي توڪل تي هلندا رهندا آهيون. پوءِ اتي چني کان ٻاهر نڪري عربي سمنڊ جو نظارو ڪرڻ لڳس. ڪائنر درياهه جي ڪنڌي تي ٺهيل گهرن مان نڪرندڙ روشني درياهه جي پاڻي ۾ ڇاپا (عڪس) اولڙا ٺاهيندي رهي هئي، انهن کي ڏسڻ ٻيهي رهيس. ٿڌڙي هوا ٻه لڳي رهي هئي، ايتري ۾ ڊاڪٽر ٻاهر نڪري آيو. ٿوري گهڙي اتي ٻيٺا رهياسين.

صبح جو سوير سج جي ڪرڻن چني جي ڪانن مان اندر جهاتي پائي تماشو لائي ڏنو هو ته اک کلي وئي. اسين سڀ اٿياسين ته چانهه سان گڏ نيرن اچي وئي. چني جي سنهڙين ڪاٺين منجهان ڪلراٺي زمين تي ٻاڪري مال جون ڪڏڪاريون، ڌنارن جا آواز اندر ٿي آيا، هوا تيز گهلي رهي هئي. نيرن ڪري سڀني سڄڻن کان موڪلايوسين. هاڻي ڪائنر درياهه

منجهہ هوڙو هلڻ لڳو... درياهہ جي ٻنهي پاسن کان ويران ڪنڌيون ڏسڻ ۾ ٿي آيون. ان وقت سج چوٽ چڙهيل هو، ڪنڌين تي ننڍڙا لاٽا ۽ گاهہ ڏسڻ ۾ ٿي آيو... باقي ڪو وڻ ڪونہ هُجي. هوڙو هلندو رهيو.

هاڻي اسين ڪانئر درياهہ کي ڇڏي وري باغ واري درياهہ ۾ آياسين. اسان کي ٽِڪو ڳوٺ ڏي وڃڻو هُيو. هي ڳوٺ سمنڊ جي پاسي ۾ هُجي.

باغ واري درياهہ کي واتيءَ واري درياهہ بہ چوندا آهن. واتيءَ واري درياهہ جي اولهہ ۾ فقيراڻي جتن جا گهر ۽ لکين ذات وارن جا گهر هئا. ناکئو الهڏنو آواز ڏنو.

”مِکي بُک لڳي آ. هوڙو ڪنڌيءَ سان بيهاري شڪار گهوريندس (گهوريندس:مڇيءَ جو شڪار ڪندس).“ پوءِ درياهہ جي ڪنڌي سان هوڙو بيهاريو. جنهن جاءِ تي ڍورو هجي. ڪنڌي تي ڪنهن ڪنهن جاءِ تي ٻہ ٽي ننڍڙا ٻوٽا ڏسڻ ۾ آيا، باقي سمورو پَٽ ڪارو، ڪلراٺو هُيو.البتہ تمرن جا وڻ ڪٿي ڪٿي نظر آيا.

ناکئو الهڏنو سُڪاڻ (سُڪاڻ:هوڙي جو پويون حصو مُهري وارو حصو يعني اڳيون حصو) تان اٿي ڪُڻ (ڪڻ: هوڙي يا ٻيڙي جو پيٽ اندر جو حصو) منجهہ آيو، پٽ قادر کي آواز ڏنو آبل! رڇ (ڄار) ڪُڻ مان ڪَڍ تہ هلون... رَڇَ جو ننڍڙو ٽڪرو هنن کنيو، هوڙي مان لهي درياهہ جي ڪنڌي تي ويا. ٿورو اڳيان پاڻيءَ جي ڇاڙ هئي. ان ڇاڙ ۾ رَڇَ هڻي شڪار ڪرڻ لڳا.

جڏهن درياهہ موج مستين سان وهندو هيو، ساموندي پٽيءَ ۾

اڇي پنهنجيون ڇاڙون ڪَڍي، ڪنڊرجي پڪڙجي ويندو هيو. هن جي ڇ اڙن کي درياهہ جي مختلف نالن سان سڏبو آهي. درياهہ جون ڪنڌيون سرسبز آباد، قسمين قسمين جا گاهہ ٻوٽا ۽ تمر جا وڻ جيڪي ڪنڌين جي سونهن هوندا هئا. ڪنڌين تي پاڳين جا ڇهرا ٻَهڪندا، ڪِل خوشيءَ جون چوڪڙيون ۽ ٽوليون، درياهي ڪنڌن تي ٽلنديون هيون ۽ هير اهي پٽ اُجڙيل آهن. انهن پٽن کي ڪاري پاڻيءَ ڦتائي اجاڙي ڇڏيو آهي. نہ وڻ نہ واهرو ڏسجي ٿو.

ساموندي پٽي ۾ تمر جا وڻ پاڳين جي لاءِ ڏڍ ۽ سهارو هوندا هئا. تمر جا وڻ سندن گهر اڏڻ، جايون ناهڻ ۾ ان جون ڪاٺيون ٽانڊو ٻارڻ جي

ڪم ايندڙيون هيون. ايتري ۾ منهنجي ڪنن تي آواز آيو... ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ هڪڙو هوڙو اسان جي هوڙي ڏي اچي رهيو هو. ان ۾ ويٺل خلاصين مان هڪ خلاصي (خلاصي: هوڙي ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو) آواز ڏنو ”ناکئا! الهڏنا ڪِچا پيو ڪرين؟“

ناکئو الهڏنو اجان ڍوريءَ ۾ بيٺو هيو، تنهن آواز ٻڌو ۽ ان خلاصيءَ کي سُڃاڻي ورتو پوءِ وڏي آواز ۾ جواب ڏنو.

مگر خلاصي مڇي وتايان پيو؟

(نوٽ) مَگَر مڇيءَ جو نالو آهي. نائڪا ۽ خلاصي پاڻ تي مڇين جا نالا الڳ سڃاڻپ طور تي رکندا آهن.

مگر خلاصي وڏي آواز ۾ ورندي ڏني ناکئا! وِيسي گهُرجئي، اسان وٽ جهجهي آهي. مگر خلاصي سمجهي ويو... ناکئو هوڙي بيهاري مڇي ماري ڪاڏو تيار ڪندو، تنهنڪري ان کان وِيسي (سيڌو سامان) جي باري ۾ پُڇيو.

”مگر! مهرباني.... وِيسي آهي، ڪڻ ۾ رڌ پچاءُ جو سامان آهي. ايتري ۾ اهو هوڙو جنهن مان مگر خلاصي ڳالهائي رهيو هو. اسان جي هوڙي پرسان آيو. سڀني ماڻهن هٿ مٿي ڪري ڪيڪار ڪئي. ان هوڙي ۾ ويٺلن خلاصين ڊاڪٽر کي سڃاتو ۽ ڪلي آواز ڏنو.

ڊاگدر! تون ناکئي سان گڏ آيو آهين...؟

”ها... اڇو چانهہ پاڻي پيو...؟

ڊاگدر! هلون پيا.... پري ويندا سين، جتي جهجهو شڪار لڳو. اُتي رَڇَ هڻنداسين.

”چڱو مهرباني.“

پوءِ هوڙو آواز ڪندو هلندو ويو. درياهہ جي لهرن ۾ اسان جو هوڙو پينگهہ جيان لڏي رهيو هو.

ناکئو الهڏنو مڇي ماري ڪٽي آيو. مڇي جا ڇَلر چاندي جي پَنَن جيان چمڪي رهيا هُجن. ناکئو ۽ اُن جو پُٽ ٻئي رڌ پچاءَ ۾ لڳي ويا. ڊاڪٽر اجان درياهہ جي ڪنڌيءَ تي هيو. سج جا ڪرڻا پاڻي ۾ تجلا ڏيندا ٿي رهيا.

الهڏنو هوڙي جي ڪڻ مان هڪ وڏو ديو ڪنيو، ان کي ڪولي مرچ

مصالحن واريون پُڙيون ڪنيون. قادر مڇيءَ کي چلي چير ڏئي ڇڏيا هُجن. ۽ اٽو ڳوهڻ ۾ لڳي ويو.

”ساموندي ۽ درياهن تي شڪار گهوريندڙ (شڪار ڪندڙ) ماڻهو پاڻ سان ”ويسي“ ضرور کڻندا آهن. اِهي ويسي يعني سودو سَڙو ڪانسواءِ هلندا ڪونه. نه ڪو وري شڪار ڪرڻ ويندا.

شڪار ڪرڻ ۾ گهڻا ڏينهن لڳندا آهن، تنهن لاءِ پنهنجو پورو بندوبست ڪري ويندا آهن. تيل جا وڏا ڪين. ڊرم پرائيندا جهجهي ويسي (سامان) جنهن ۾ رڌ پچاءَ وارو سامان، بصر، پٽاٽا، چانور، اٽو، تيل، گرم مصالا، لوڻ ۽ مرچ ۽ ٻيو سامان کڻندا آهن. ڪيترا خلاصي ۽ ناکئا پاڻ سان تماڪ واريون پڙيون، گُٽڪو، سگريٽ، پَن جون ٻيڙيون، انهن جا بنڊل پاڻ سان کڻي ويندا آهن. شڪار تي نڪري ناکئا ۽ خلاصي پنهنجو پورو بندوبست ڪري پوءِ تڙ (درياهه جي ڪنڌي) ڇڏيندا آهن. جيترا ڏينهن انهن کي درياهه ۾ رهڻو هوندو آهي، اُنهن ڏينهن کان ڪجهه وڌيڪ ڏينهن جي لاءِ ويسي (سيڌو سامان) کڻي ويندا آهن. درياهه ۾ هلندي ٻيڙائتا ماڻهو هڪٻئي جي جَهجهي مدد ڪندا آهن ۽ هڪٻئي جو سهارو هوندا آهن. شڪار ڪندڙ ۽ درياهه منجهه هلڻ وارو پنڌ ڏاڍو اڙانگو ۽ ٿڪائيندڙ ٿيندو آهي.

اسين ڪجهه وقت ڪنڌيءَ وٽ ويٺا رهياسين. ماني تيار ٿي وئي. ڊاڪٽر جليل آيو، جيڪو ٿورو اڳ ڪنڌيءَ تي پسار ڪري رهيو هو. پوءِ اسان گڏجي ماني کاڌي سون. باغ واري درياهه جي هڪ چاڙ اُتر طرف ۾ شڪرانو درياهه سان ملي ٿي. اها چاڙ مَل درياهه مان گذري وري ڪانئر درياهه سان گڏجي پوءِ سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. درياهه جون وڏيون چاڙون هونديون آهن، جن مان هوڙا، ٻيڙيون گذري ويندا آهن، انهن چاڙن کي درياهي ماڻهو ”ڪِناٽي“ سڏيندا آهن.

ساموندي پٽيءَ ۾ ننڍن وڏن درياهن سان گڏ چاڙن، ڪارين جو ميلو لڳو پيو هوندو آهي. هڪ درياهه منجهان نڪرندڙ چاڙ گهمندي ڦرندي ور وڪڙ کائيندي ٻين درياهن مان گذرندي ويندي آهي يا ڪي چاڙون هڪ درياهه مان گذري ٻئي درياهه مان گذري ويندي آهن.

ساموندي پٽي ۾ ڊورن ۽ چاڙن ۽ ننڍڙين ڊورين جو رنگ يا انهن

جي هلت چلت به ڏسڻ وٽان آهي. ٿوري جهٽ جي لاءِ اهو تصور ڪجي ته جنهن وقت جام پاڻي سنڌو درياهه ۾ هوندو هو، تنهن وقت اهي ڊورا، ڊوريون، ڪاريون، چاڙون سونهن پريون نظر ايندڙيون هونديون. درياهن جون ڪنڌيون مهاڻن، ٻين ذاتين وارن ماڻهن جي محبت سان مُنڊيون پيون هونديون. واهه جو نظارو هوندو...!! اهو سوچيندي اندر ۾ ڪاڇي ويس.... درياهه جي ڪنڌيءَ کي جنهن وٽ هوڙو بيٺل هجي، ان کي ڏسي ڪونه سگهيس.

ايتري ۾ ناکئو چانهه کڻي آيو ”ادا چانهه پيو، هاڻي هيءَ ڪنڌي ڇڏي اڳتي هلنداسين... شام جو سانجهي جي مهل ٽِڪو ڳوٺ ۾ منزل آهي.“

چانهه پيئڻ تي دل نه پئي چوي، هوڙو هلڻ لڳو. درياهه ۾ سنهڙين مڇين جي راند ڏانهن ڏيان ڇڪجڻ لڳو. مڇيون پاڻيءَ مان نڪري مٿي وڃي وري پاڻي ۾ ٽپي ٿي هنيائون. مون کي ڳوٺ نصير آباد وارو چيلو واهه ياد اچي ويو، جتي اسين چار پنج دوست چيلو جي مٿاهين ڪپر يا موريءَ تي ويهي پاڻيءَ منجهه گهتون، ٽپيون ڏيندا هئاسين. اهو منظر ذهن ۾ اچي ويو. چانهه جي سُرڪي پيري وري درياهه منجهه مَڇين جي راند ڏسڻ لڳس. ٻه ٽي مڇيون پاڻيءَ مان نڪري ٽپ ڏئي هوڙي جي مٿان اُڪري ٻئي پاسي پاڻي ۾ وڃي ڪِريون. انهن مڇين جا چلڪندڙ چلر ڪنوڻ وانگر چمڪو ڏئي ٿي ويا. درياهه ۾ هوڙو هلندو رهيو. چؤڦير پاڻي ئي پاڻي هُجي. درياهه منجهه پري کان سنڌي گيتن آواز ٿي آيا.

ناکئو الهڏنو سڪاڻ کي ڇڏي اسان سان اچي ويٺو. ادا گيتن جو آواز ٻڌين پيون... اهي هوڙا شڪار تي وڃن ٿا ۽ ڪي هوڙا شڪار ڪري موٽيا آهن. هاڻ اهي گيت ڳائيندا اچن پيا. لڳي ٿو، انهن کي جهجهو شڪار لڳو هوندو. هاڻ منهنجي دل چوي ٿي ته اسين به شاهه سائين جا بيت ڳايون. ڪجهه آئون بيت ٻڌائيندس، پوءِ ڪي شعر ڊاڪٽر ٻڌائيندو.

وَتَ وَتَ وَتيءَ ۾، مَتَ مَتَ منڍ پئو،
قدر ڪيف ڪلاڙ، جو پيا ڪن پئو،
آچن درس دڪان تي، ڪَنڌ قبول ڪيئو،
سُرَها سرِ ڏِئو، چکنَ سُرڪَ سيند جي.

پوءِ ڊاڪٽر شعر ٻڌايو:

لَهرِن ليکو ناهِ ڪو، جِتِ ڪَپَر ڪُن ڪارا،

اڇارا عميق جا، آڇن اوپارا،
اُٿي آسارا! وِير وڙهنديءَ ويسرا.
(شاهه)

درياءَ جي ڪنڌي ڏانهن نهاريندي مون کي ساجد سنڌيءَ جو شعر "سمبارا" جون سٽون ياد اچي ويون.

ڪانهه ڪنڌيءَ جون سرگوشيون،
ڪن پل مرڪن، ڪن پل روئن.
ڳالهه ڪُنن جي ڪن آ پهتي،
لهرون لهرون ساڳي سُس پُس.
هن رت کهڙي راند رچائي،
اُپ جو سينو سوڙهو ٿي پيو.

هوڙو هلندو رهيو، باغ واري درياهه جي اولهه ۾ "واٽي واري ڍوري" تي فقيراڻي جتن جو ڳوٺ هو. فقيراڻي جتن جي ڳوٺ جي سامهون باغ واري درياهه جي اوپر ۾ ٽِڪو جو ڳوٺ هيو. هي ڳوٺ ونگائي جتن جو هو. ڪجهه دير ڪانپوءِ هوڙو "مَل درياهه" ۾ داخل ٿيو. مَل درياهه پراڻي شاخ سنڌو درياهه جي آهي. اڳي مَل درياهه ديهه باگاٽا مان نڪرندو، ديهه چوڙ گُجو، ديهه موسيٰ ۽ ديهه سلطان پور، ديهه ميران، ديهه ڪُن ۽ ٽِڪو جي وچ مان گذري عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو، پر هاڻي مَل درياهه ديهه ميران مان گذري عربي سمنڊ ۾ پوي ٿو. سامونڊي پٽيءَ ۾ چاڙون هڪ درياهه مان نڪري وري ٻي درياهه منجهه پوَن... وري اتان نڪري ٽئين درياهه منجهان گذري وڃن. درياهه جا رُخ ڦرن ٿا ته چاڙون به ڦٽيو وڃن، پوءِ وري نيون چاڙون درياهه منجهان ڦوٽهڙو ڪائن (نڪرن) ٿيون.

ٻيڙيءَ درياهه جي اُڀرندي ڪنڌيءَ سان هلندي رهي ناڪئو ٻيڙيءَ جو رُخ درياءَ جي پيٽ ڏانهن يعني وچ ڏانهن ڪيو ته ڊاڪٽر آواز ڏيندي.
ناڪئا! اُراڙ ڇڏي پَراڙ پيو هلين؟
ناڪئو ڪنڌ ورائي، وڏي آواز ۾ سُر سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو بيت ڳائڻ لڳو.
اوراڙ نهَ پَراڙ، ويچاري وهه وچ ۾
سُکي ڏني سُپرين، پيو مڙئي تار

گهڙ تون ڪيم نهار، ٻُڏندن سين ٻاجهون ڪري
ڊاڪٽر جليل ڪتي چوڻ لڳو،
"ادا، اسان کي هلڻو ئي پرين ڪنڌي تي آهي".
ٻيڙي وچ درياهه" ۾ پهتي ته درياهن جون لهرون ٻيڙيءَ کي پينگهه جيان لوڏو ڏيڻ لڳيون. درياهه جي اٿندڙ تيز لهرن ۾ مڇين جا ننڍڙا ٽپا ڏسڻ وٽان هُجن. مڇين جي ٻُت جا چلر چانديءَ جي ورقن جيان چمڪندا نظر آيا پئي. لهرن مان مڇين مٿي ٻُل ڏئي ٻيڙيءَ مٿان ٻئي پاسي گتون ٿي هنيائون. مڇين جو اهو اڏرڻ ڏسي ڪجهه گهڙي ماٺ ٿي ويس. جيڪڏهن ڪئميرا هُجي ها ته مڇين جا ننڍڙا ٽپا ڏيڻ، ٻيڙيءَ جي مٿان ٻُل ڪائڻ وارا منظر محفوظ ڪري وٺان ها. "ٻيڙي وچ درياهه" ۾ هلندي ناڪئي چيو، حاجي دبلي ناڪئي جي هوڙي وڃي پئي. اهو ريلو ريڙهيءَ مياڻ جو آهي. ريڙهي ڳوٺ جا ماڻهو "هوڙو" يا "هوڙي" جا لفظ گهڻو استعمال ڪندا آهن" ٻيڙي وچ درياهه ۾ هُجي، تيز هوا تي ٻيڙي لوڏو ڪائي، آسيري پاسيري ٿيندي رهي. ٻيڙي ڪنڌي جي پاسي هلي رهئي هئي، ٻيڙيءَ کي اُهي لوڏا ڪونه هئا. جيڪي وچَ درياهه منجهه هئا. درياهه جون ڪنڌين تي وڻ ٽڻ ڪونه هئا. ڪنهن هنڌ تي هڪ ٻه ننڍڙي قد وارا لاڻا ۽ پٽ تي ڇاريون پکڙيل هيون. اُن پٽ تي پاڻيءَ جي پوسل هئي.
ناڪئي ڪنڌ ورائي، پنهنجي پرسان ويهڻ جو اشارو ڪيو. آءُ موريءَ تي وينو هوس. ٻيڙيءَ جي "ڪُڻ" ۾ لهي ويس. هي ٻيڙيءَ جو اندريو حصو هيو. جنهن کي درياهه جا ماڻهو "ڪُڻ" چوندا آهن. ڪڻ ۾ سيڌي سامان سان گڏ، ننڍڙو "رَڇ" يعني ڄار پيو هجي. جنهن سان مڇي ماري ڪاڍي هئي سون. ڪوهستاني علائقي جا ماڻهو خاص طور واڍيلا بلوچ "رَڇ" جو لفظ رڌ پچاءُ وارن ٿانوَن جي لاءِ استعمال ڪندا آهن.
"ادي! رَڇ اوري ڪَر" ادي! ٿانوَ اوري ڪر.
جڏهن سڪاڻ تي اچي وينس ته ناڪئي چيو اسين لاڙ جا ماڻهو پاڻيءَ سان ڊورين ۽ ڪناٽين سان واسطو رکون. جڏهن ٻيڙي ۾ هُجون ته شاهه ڀٽائيءَ جا بيت ۽ وائيون ڳائيندا آهيون. پوءِ پنڌ ۽ سفر جو پتو نه پوندو آهي ۽ ماڳ تي رسي ويندا آهيون. ناڪئو درياهن جي ڪنڌيءَ ڏي ناري (نهاري) چيو. ڪنهن وقت هي ڪنڌيون ڪَر ڪٽي نهاريندي ون هُيون ته درياهه منجهه

هلندڙ ٻيڙائتن جا ڪنڌ ٻه ڪنڌين تي رهندڙ پاڳين ڏانهن لڙي ويندا هئا. هنن ڪنڌين تي وڏا ميلا، ملاڪڙا، ڳئڻ وڄائڻ ٿيندا هئا. رات ڏينهن ماڻهن جون محفلون مچنديون هيون. وري ''سوکي بندر'' تي وڃون، واهه جو مزو آچيو وڃي. سوکي بندر جي پاسن ۾ سوين ڳوٺ آباد هئا. روزانو سوين ماڻهو سوکي جي پاسن کان ڳوٺن ۽ ترَن (پتڻن وارا ننڍڙا بندر) کان ماڻهو صبح ۽ شام جو سوکيءَ ۾ ايندا هئا، ڪي وري مزوريءَ جي ڪرڻ لاءِ ''بندر'' تي سوير ايندا هئا''.

ڊاڪٽر جليل کُڻ مان نڪري سُڪاڻ تي آيو، الهڏنو خاصخيلي موريءَ تي وينو هُجي، هُن وڏي آواز ۾ چيو:

مِڪان بيت سُڻو، اسان ڪنڌ ورائي هٿ جو اشارو ڪري چيو، ادا، وڏي آواز سان ۽ سُر سان ٻڌاءِ.

ايتري ۾ ڪَڪَر آسمان ۾ ڪٺي ٿي ويا. موسم جهڙالي ٿي وئي، ٿڌڙي هوا گهلڻ لڳي. آهستي آهستي هوا ۾ تيزي آچي وئي، ائين لڳو ڄڻ وڄون وسڻ واريون آهن. ايتري ۾ الهڏني خاصخيلي بيت ٻڌايو

بندر بارو بار مُلهه نہ ملي واريين
فقير اٽي پار، آمل ڏين اتوريا

ڊاڪٽر جليل وارو سومرن جي دؤر جو شاعر پير پٺو جو شعر پڙهيو.

ديبل پاس ڏڪليجي، آيو آب اُپار
مڪلي ماڳ مٿاهين ٿياسين.

سُڪاڻ تي ڪنهن ڪنهن وقت لهرون پاڻيءَ ڇنڊا اسان جي مٿان وسائي هليون ٿي ويون. مان سڪاڻ تان اُٿي وري موريءَ تي اچي ويٺس، منهنجن ذهن ۾ ساموںڊري پٽيءَ وارا ''بندر'' واسو ڪرن لڳا، ڊاڪٽر چيو، جن رسالن ۽ ڪتابن ۾ ''بندرگاهن. جي باري ۾ پڙهيو اُهي ياد آهن آيا. ڇو تہ جنهن هنڌان اسان ٻيڙيءَ منجهه هلي رهيا، سا لاڙ جي ساموندي پٽي هئي هن پٽيءَ ۾ سنڌو درياهه جا ڪيترائي سوَن جي تعداد ۾ ڦاٽ آهن. جيڪي هاڻ درياهن جي نالن سڏجن ٿا. هي پٽيءَ سنڌ جي پاڳن واري پٽي سڏبي هئي، ڇو تہ هتي گهڻا ساموںڊري بندر هئا. جن مان اٺويهه ويهه وڏا مشهور بندرگاهه هئا.

آءُ خيالن ۾ وينو هئس تہ ناکئي جو آواز ڪَن رتي پيو.

هير شاهه جو شعر ٻڌو، پوءِ چانهه جو وارو ايندو''.

ساموندي ساري، مٿي تڙ گذاريان
مون کي ٿي ماري، اُنهين سندي ڳالهڙي

واهه ... واهه .. ناکئا ''جليل جي وات مان لفظ نڪري ويا. ناکئو خوشي ٿي، سڪاڻ تان لَهي ٻيڙيءَ جي کُڻ ۾ ويو. اُن مان ٻاٽو ڪڍي، ٻيڙي کان ٿورو جهڪي درياهہ جي پاڻي ۾ ٻاٽو وجهي، اُن کي هٿ سان صاف ڪري، پوءِ کڻ ۾ رکيائين. کڻ مان چانهه جا چار مگا ڪڍي، اُنهن کي بہ درياهه جي پاڻيءَ ۾ صاف ڪيائين. نائڪو کڻ ۾ ڪُلَ (چلهه) جي پرسان آيو. اُن ۾ سنهڙيون ڪاٺيون وجهي، تيلي ٻاري تہ ڪاٺيون ٻرڻ لڳيون ۽ ڪَل مان دونهون ٻاهر آيو. ٻاٽو ڪڍي اُن ۾ کير ۽ چانهه جي پتي ڪَل تي رکيائين. پوءِ کڻ مان اُٿي، درياهہ جي ڪنڌيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳو. هن جي اکين ۾ آلاڻ اچي وئي. سندس چهري تي مايوسي ۽ اداسي اڀري آيس. پوءِ ڏکاري انداز م چيائين.

ادا، اِهي پَٽَ جن تي اسين، پنڌڙا ڪيا، مائٽن سان گڏجي عزيزن ڏي ايندا هاسين. هاڻ اُهي ڳالهيون ياد ڪري اندر ۾ آڏَ ٿي ويندو آهيان. هن ساموندٻءَ جي پٽن تي پيار پلجندا هئا. هَر ڪنڌيءَ تي ماڻهن سان ڇَنا، مَنَهه پريا پيا هوندا هئا، پاڳيا آيل کي پاڪر پائي جيءَ ۾ جايون ڏيندا ها تہ ڪٿي ميلن جو ڏيک ڏسڻ ۾ ايندو هو. اڙي .. ''اوچتو ناکئي کان داهن نڪري وئي ۽ کُل ڏانهن وڏي ويو... جي هي چلهه تي نہ اچي ها تہ چانهه واري ٻاٽي مان چانهه هارجي پوي ها.

ناکئا! ڳالهائين جَهجو پيو ڪرين'' الهڏني چيس.

ادا! ڳالهيون پيٽ ۾ جو آهن، پلا اِهي ڪيئن ٻاهر نڪرنديون.

ڊاڪٽر ۽ مون کان کل نڪري وئي. ناکئو چانهه ٺاهي پهرين الهڏنو خاصخيلي کي چانهه ڏني، پوءِ اسان کي چانهه ڏيڻ لاءِ سڪاڻ تي آيو. سائين سوکي بندر تي هر سال وڏا ميلا لڳندا ها. اسان نندپڻ ڏٺا، بندرگاهه کان ٿوري سڏ پنڌ تي سوکيءَ جو شهر هو. ماڻهو بيل گاڏين تي سامان ڍوئيندا هئا. ڪي اُنن ۽ گهوڙن تي سامان کڻي بندر تي ايندا هيا. اسان کي عالي پاڻي ''بندر تي لاهيندو هو تہ پوءِ پنڌ سوکي ويندا هئاسين''. ناکئو چانهه جو مگو ڏئي هليو ويو.

ناکئي جا لفظ ''سوکيءَ تي هر سال ميلا لڳندا هُئا''. بندرگاهن تي

ميلن ملاڪڙن ۽ بيل گاڏين، ڏاند ۽ اُٺن جون ڳالهيون، بندرگاهن تي هر وقت ماڻهن جي رونق ۽ پيهه لڳي پئي هوندي هئي.

شام جو ٽِڪو ڳوٺ جي پرسان پهتاسين، هڪڙو ڊورو هُجي، تنهن ۾ هوڙي (پيڙي) بيٺل هئي. ڊوري جي ڪنڌيءَ تي مسجد هئي. ناڪئو الهڏنو ميربحر، ان مسجد جي پاسي ۾ هوڙو بيهاريو. ڪنڌي تي پنج ڇهه ماڻهو بيٺا هجن، انهن ناڪئي ۽ ڊاڪٽر جليل کي سڃاتو. آواز ڏئي چيائون:

او ڊاڪٽر، ناڪئا خوش آهيو.

احمد ونگائي ڪهڙا حال اٿئي.

جيئن هوڙي مان لهي ڪنڌيءَ تي وياسين، سڀئي ماڻهو مليا، اتي ناڪئو احمد جت، ناڪو محمد جَت جو ڊاڪٽر تعارف ڪرايو. هي ٽِڪو ڳوٺ ونگائي جَتن جو هو. پوءِ سڀئي ڇَني ۾ ويناسين. ڪچهري چالوتي.

احمد جت ونگائي پڇيو:

ڪٿان پيا اچو.

"سائين! سوکيءَ جا قتل نشان ڏِسي اچون پيا..." مون ڪيس جواب ڏنو.

ايتري ۾ ٽي چار ماڻهو ڇني ۾ آيا، اهي هٿ ملائي ويهي رهيا.

اِهي ٽولا پڌندي ڪچهري ۾ سڀئي ماڻهو هڪپئي ڏي ڏسڻ لڳا...

هنن جي ذهنن ۾ سوکي جون يادگيريون سمنڊ جي وير وانگي ذهنن جي ڪنارن کي ڇُهي هليون ٿي ويون... جو تہ درياهي ڪنڌين، قتل ڳوٺن، اجڙيل بندرگاهن جو درد ساموندي ۽ لاڙي ماڻهن کان وڌيڪ پيو ڪو ڄاڻي نہ ٿو. پلا... سُکي وارن ماڻهن کي ساموندي ماڻهن جي پيڙاهن ۽ پوڳنائن جو پتو ڪهڙو...!! پوءِ ناڪئو احمد جت ونگائي چيو:

سوکي بندرگاهہ ۽ شهر ڏٺوسين. وڏو سُکيو ستابو، امن پريو شهر هُيو. سوکيءَ جي ماڻهن جي محبت جو مثال پين ترن وارا ڏيندا هئا. اسان وٽ ڪو مهمان ايندو هو تہ ان کي چانهہ ۽ مٺائي کارائڻ ۽ سوکيءَ جي بازار گهمائڻ لاءِ شام جي وقت سوکي وٺي ويندا هئاسين.

سوکي شهر جا واڻيا جيڪي واپاري هوندا هئا، اهي سوکيءَ کي سنڀاليندا هئا، انهن جي وڃڻ کانپوءِ باقي ماڻهو جيڪي سوکيءَ جا وارث بڻيا، تن ڪونہ سنڀاليو ۽ سوکي ڦٽي ويو. اسان ننڍڙي عمر ۾ وڏڙن سان سوکي ويندا هئاسين تہ سڄو ڏينهن سوکيءَ ۾ گهمندي ڦرندي مزو اچي

ويندو هو. جڏهن سوکي جا سُکيا ماڻهو وڃڻ لڳا تہ اهي سوکيءَ منجهان سڏڪندا روئيندا هليا ويا. پوءِ سوکيءَ جا ڏتڏا ڪاروبار بيهجي ويا. صفا ٿورن سالن ۾ سوکي اجڙي ويو. واڻين جي وڃڻ کان پوءِ سوکي ڦٽي ويو.

اُهي واڻيا پين ملڪن، شهرن سان وڻج واپار، سامان جي مَٽَ سَٽَ، شين جي ڏيتي ليتي ڪندا هئا. سوکيءَ ۾ اَنَ ڏرڻ واريون مشينون، سارين جا ڪارخانہ، اسڪول، اسپتال سڀئي واڻين جي هيٺ سنڀال ۾ هئا. سوکيءَ ۾ واڻين جون پڪيون جايون هونديون هيون. سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي "وڻ بہ ويا، واهِرا بہ ويا."

وڻن ۾ ئي پکين جا آکيرا سهڻا لڳندا آهن. پکي ئي وڻن منجهہ ڪک ڪانن، سنهڙين تيلين جا گهر ٺاهيندا آهن. وڻ ڇانورو ڪندا آهن. سوکيءَ جا واڻيا سڀني جي لاءِ ڇانورو هئا.

جڏهن برساتون پونديون هيون تہ اسين ٻار اٺي عمر ۾ سوکيءَ جي پٽن تي وڃي ڊينگلا روپيہ ڳوليندا هئاسين. ڊينگلا روپيہ چانديءَ جا هوندا هئا. اُهي چانديءَ جا روپيہ ڳولي ڏاڍا خوش ٿيندا هئاسين. ڊينگلن روپين مان پتو پوي ٿو تہ واڻيا ڏوڪڙ پيسو گهرن ۾ رکندا هئا. گهرن جي پٽين يا پٽَ کي کوٽي کڏ کٽي انهن ۾ ڊينگلا روپيہ پوري لڪائيندا هئا.

برساتن جي ڏينهن ۾ پين ٽڙن کان ٻار ايندا هئا، اسان بہ ويندا هئاسين. ڳوٺ سوکيءَ جي پاسن ۾ درياهہ ميرواهہ، واهڻ، سنهڙي اهي ٽئي واسو ڪاريءَ مان لنگهي عربي سمنڊ ۾ وڃيو چوڙ ڪن.

سنڌو درياهہ جڏهن سڄاول کان اڳتي ٽپي هلي ٿو تہ هن مان پيا ڦاٽ درياهہ (ڇاڙون) نڪرن ٿا. ڇروڙو. مُٺي درياهہ، ڦاٽ درياهہ مان، ڪٽند درياهہ ۽ وتو درياهہ نڪري ٿو. ڏسندي ڏسندي ساموندي پٽي ۾ درياهن جو جار وڇائجي وڃي ٿو. انهن درياهن جي راند روند ڏسڻ وٽان آهي. ڪنهن وقت ائين لڳندو آهي جو اهي درياهہ ٻارن جيان راند ڪُڏي رهيا آهن."

ها... ونجهہ وٺي راند ڪندا رهن ٿا.

ڊاڪٽر جليل ڪٽي ڪچهريءَ ۾ حصو ورتو. جنهن موضوع تي ڳالهہ ٿي رهي هئي، ان قصي کي اڳتي وڌائيندي چيو، ادا! سنڌو درياهہ مان جيڪي درياهہ نڪرن ٿا، اُهي الڳ الڳ نالن سان سڏبا آهن. آئون ڪجهہ درياهن جا نالا ٻڌايان ٿو.

(1) ٻار درياهه، (2) گهوڙو درياهه، (3) پکيئڙو درياهه، (4) مٽڻي درياهه، (5) ڦاٽ درياهه، (6) ڪٽند درياهه، (7) ڪانئر درياهه، (8) پيٽاٽي درياهه، (9) چڙي درياهه، (10) روهڙو درياهه، (11) رنتي درياهه، (12) جوڳيئڙو درياهه، (13) جنڊاڙو درياهه، (14) جهول درياهه، (15) ڪاهي درياهه، (16) ڪُڏي درياهه (17) وڏائي درياهه، (18) سوداگر درياهه، (19) ڪن چني درياهه، (20) ڪاروڻيار درياهه، (21) سنهڙي درياهه، (22) سڪيئڙو درياهه، (23) چار وارو درياهه، (24) سنهڙي ڪوبر درياهه، (25) ڪڏيرو درياهه، (26) ڏمبري درياهه، (27) ڏبو درياهه، (28) نانگ واري درياهه، (29) چرڻ درياهه، (30) ڏرڙ درياهه، (31) مَل درياهه، (32) واڳو درياهه، (33) ڪورنگي درياهه، (34) ميرواهه درياهه، (35) سير درياهه، (36) ونو درياهه، (37) واڻ درياهه، (38) ڏوداٽيو درياهه، (39) جري درياهه، (40) ڏنگي درياهه، (41) ڇَنَ درياهه، (42) آڏياڙي درياهه، (43) ترسياڻ درياهه، (44) چاڳلو درياهه، (45) اوچتو درياهه، (46) ٻوري درياهه، (47) پکيئڙو درياهه، (48) رتو ڪوٽ درياهه، (49) ڀڳاڙ درياهه، (50) گوراڙ درياهه، (51) ڀنڀور درياهه، (52) چرٽي وارو درياهه، (53) شڪرانو دراهه، (54) گاريلي درياهه، (55) ٻانجهي وارو درياهه، (56) باغ واري درياهه، (57) ٻلاڻ درياهه، (58) آمن وارو درياهه.

ڳوٺ ٽِڪو کان واپسيءَ مهل باغ واري درياهه مان هلندي، پاڻيءَ جي سنهڙين لهرن کي ڏسندي، جيڪي ٻيڙي سان ٽڪرائجي هليون ٿي ويون. ان وقت منهنجي ذهن ۾ انهن ماڻهن جا خيال لهرن وانگر ٽڪرائجڻ لڳا، جيڪي سوکي بندرگاهه کان لڏي ويا هُجن، اُهي ڪٿي هوندا.؟ انهن مان ڪيترا حال حيات هوندا...!؟ ڪَهڙن ماڳن تي انهن جو ڏس پتو ملندو...؟ بس پوءِ ذهن ۾ هلچل مچي وئي. ڏاڍو بي چين ٿي ويس. قديم تاريخ جو جائزو وٺجي ته اهو پتو پوي ٿو ته "سنڌ جي ماڳن سان وڏو مزاق ٿيندو رهيو آهي، ڪڏهن سامونڊي لهرن ته ڪڏهن پنهنجن ماڻهن ڪيو آهي. رات جو جڏهن ڪارو چاڻ پڇتاسين ته پوءِ به انهن ماڻهن جا خيال ڪُن وانگي ذهن ۾ ڦرندا رهيا.

صبح جو ڊاڪٽر جليل نيرن ڪٽي آيو، الله ڏنو خاصخيلي ۽ مان نيرن ڪائڻ ويٺاسين ته مون کي سوکي جي ماڻهن جو خيال آيو. پوءِ ڊاڪٽر کي چيم. "ادا! هڪ ڳالهه چوڻ چاهيان ٿو ته سوکي شهر جي ماڻهن سان

ملڻو آهي. جن سوکي ۽ سوکي بندر کي پنهنجي اکين سان ڏٺو هو، انهن ماڻهن سان ملڻو ضروري آهي. اهي ئي ماڻهو اسان کي سوکي شهر جي باري ۾ ۽ سوکي بندرگاهه جي باري ۾ صحيح ڄاڻ ڏيندا.

ڊاڪٽر جليل ۽ الله ڏنو خاصخيلي گڏيل آواز ۾ چيو، "ادا! اهي ماڻهو ساريا پيا آهن، ٺٽي ضلعي ۽ ڪراچي ضلعي ۾ به ويٺا آهن. انهن سان ضرور ملبو، جڏهن به توهان چاهيندا ته انهن ماڻهن جي ڳوٺن ڏانهن هلنداسين."

اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي. ماني کائڻ کانپوءِ اسين ٺٽي پتڻ تي آياسين. پاڻٽي ٻيڙي جي پاسي ۾ بيٺو هو، ٻيڙي ماڻهن سان ڀريل هئي. جڏهن ٻيڙي ۾ ويٺس ته ڊاڪٽر وڏي آواز ۾ چيو، "ادا! ٻئي ڏينهن آئون ريڙهي ويندس، مهرباني ڪري توهان اتي اچجو، ريڙهي ۾ سوکيءَ جا ماڻهو رهن پيا. انهن سان توهان جي ملاقات ڪرائيندس.

آءُ درياهه جي پرين ڪنڌيءَ جي پتڻ تي آيس، اتي ڊاٽسن بيٺي هُجي، هڪ نوجوان پتڻ تي لهندڙ ماڻهن ڏي نهاري آواز ڏئي رهيو هو. "ڳاڙهو، ڳاڙهو."

آءُ ڊاٽسن جي پٺيان چڙهي هيٺ خالي جاءِ تي ويهي رهيس، ٻيڙيءَ جا گهڻا ماڻهو، جيڪي ڪاري مان گڏ ٻيڙي ۾ هئا، اهي به اچي ڊاٽسن جي پويان ويٺا.

ڊاٽسن ڀرجي وئي ته اهو نوجوان جيڪو آواز ڏئي رهيو هو، اهو ڊرائيور سيٽ تي ويٺو ۽ ڊاٽسن چالو ڪئي. هي رستي تي ماڻهو لاهيندو ۽ ڪٽندو هليو. چاليهه منٽن کانپوءِ ڳاڙهو شهر ۾ داخل ٿياسين، ڪجهه منٽن کان پوءِ خاصخيلي هوٽل ڀرسان ڊاٽسن بيهي رهي. آءُ هيٺ لٿس، ڊرائيور کي پنجاهه روپيه ڪرايو ڏنو.

آءُ پاسي واري هوٽل ۾ ويس ته ڪن تي آواز آيو. ادا منصور! ڪنڌ لاڙي ڏٺو ته ان ئي هوٽل ۾ باقر خان مروا بلوچ هڪ دوست سان گڏ ويٺو هجي، انهن جي اڳيان ميز تي چانهه جا ڪوپ رکيل هئا.

باقر خان مروا ۽ ان جي دوستن سان مليس، باقر خان اشارو ڪري چوڪري کي چيو، ادا! چانهه ڪٽي اچ.

ادا! سٺو ٿيو جو ملاقات ٿي، توکي فون ڪرڻ وارو هوس، سڀاڻي سائين ڪرم

علي بلوچ جي والد مرحوم جي چاليهي جي ماني آهي، ان جي دعوت ڏيڻي هئي، هاڻ چانهہ پي پوءِ ڳوٺ هلنداسين.
ڳاڙهو کان ڳوٺ رسول بخش مروا بلوچ تائين پنجاهہ ڪلو ميٽر جو فاصلو آهي.
اسين ڳاڙهو شهر مان نڪتاسين، هڪ ڪلاڪ کانپوءِ ميرپور ساڪرو شهر ۾ پهتاسين، سنڌ بلوچستان هوٽل ميرپور ساڪرو، حاجي عبدالغني گبول جي هوٽل جي ٻاهران موٽرسائيڪل بيهاري سين. باقر خان چيو.
ادا! چانهہ پي پوءِ هلون ٿا، هاڻ اسان جو ڳوٺ ويهہ ڪلوميٽر پري آهي. روڊ خراب آهي، ڪلاڪ جو پنڌ ٿيندو.
هوٽل ۾ داخل ٿياسين تہ سامهون هڪ بزرگ شخص سفيد ڏاڙهي سان ويٺو هو. ان سان اڳ ۾ ملاقات ٿي چڪي هئي. ذهن ۾ ان جو نالو ياد نہ پيو اچي، الهڏنو ٻاهوٽ سان 2007ع ۾ سندس جي ڳوٺ محمد صديق ٻاهوٽ ۾ ملاقات ٿي هئي. الهڏنو ٻاهوٽ سوکيءَ جي باري ۾ ٻڌايو. ڏهہ سالن جو هوس، باقر خان مروا بلوچ جي پيءُ بنگل خان مروا بلوچ جيڪو مي جو چاچو هيو، ان سان گڏجي سوکي بندر گاهہ تي ويو هوس. سوکي شهر جي ٻاهران پاڻي هيو، وير چڙهي آئي هئي. ان پاڻيءَ مان ٽپي سوکي شهر وياسين، اتي ڊنل گهر هئا، جايون پڪيون نهيل هجن پر انهن جون ڀتيون ڊنل هيون، اتان سرون ڪٽي آيس. هڪ سر ڏهن ڪلو جي هئي، جيڪا ٻہ فوٽ ويڪري ٻہ فوٽ ڊگهي هئي. اهي مٽيءَ جون نهيل هيون.
الهڏنو ٻاهوٽ کان موڪلائي اسين ڳوٺ رسول بخش مروا ۾ آياسين. اوطاق تي ڪچهري متل هئي، ان ڪچهري ۾ ڪارو ڇاڻ جو ذڪر هلي رهيو هو.

ڪارو ڇاڻ، هتي ڪنهن وقت ۾ درياهي بندر هو. ٻيڙين جو وڏو تڙ هوندو هو. ڪارو ڇاڻ شهر ۾ ٽيهن هزارن کان مٿي آبادي هئي. ساريون سَوَن ڪرارن ۾ ٿينديون هُيون. سوکيءَ جا ماڻهو محنتي هئا. هاري بنا ڏڳن جي زمينون آباد ڪندا هئا، انهن ماڻهن جو ساريال (سارين جو فصل) پوکڻ جو طريقو الڳ هو، جنهن زمين مَنجهہ ساريون پوکيندا هُئا، اُن زمين کي پهرين ڳَڙ (ڀنو) ڦيرائيندا هئا، پوءِ اُن زمين مَنجهہ پاڻي ڦيرائيندا هئا، اُهي ماڻهو زمين جا ڳَڙَ مضبوط (ٻَنا مضبوط) ٻڌندا هئا، تن ڏينهن ۾ مِٺو پاڻي ججهو جام

هُئو، سنڌو درياهہ کي روڪ ٽوڪ ڪونہ هئي. مِٺي پاڻيءَ جي ڪري ساموندي پٽيءَ جا بندر گاهہ ٻيٽ ۽ درياهي ڪنڌيون، خوشحال ۽ آسوديون، مهاڻن ۽ ٻيڙائتن جا مَيلا مَتل هوندا هئا. درياهہ کي بند ڪونہ هئا، درياهہ جي ڇيڙيءَ وارا (لاڙي ۽ ساموندي) ماڻهو سکيا هُئا، ٻي ڳالهہ اِها تہ درياهہ موج مَستي سان وهندو هو تہ سمنڊ جي پاڻيءَ کي اڳتي اچڻ کين ڏيندو ۽ پوئتي ڌوڪيندو رهندو هو، تنهنڪري لاڙي ۽ ساموندري پٽيءَ ٻيٽ ۽ بندر بازاريون آبادي وارا هوندا هئا. ڪارو ڇاڻ جا ماڻهو پوکي راهي جي ڄاڻ رکندڙ ۽ ماهر هئا. زمين کي ڳَڙَ ڏئي، اُن زمين ۾ مِٺو پاڻي ڇڏي پوءِ (زمين مان گاهہ ڦٽڻ) زمين مَنجهہ گاهہُ ڦٽندو هو تہ مال (جانور) ڇڏيندا هئا. مال جڏهن گاهہ چَرندو، زمين ۾ هلندو، اُهي پنهنجن پيرن سان لَتڙَ ڪندا هئا. جانورن جي لتاڙ سان اُها زمين نرم ٿيندي هئي تہ پوءِ اُها زمين ساريال پوکي راهيءَ (سارين پوکڻ) جي لاءِ تيار ٿي ويندي هئي. هاري زمين جي حساب سان ٻج تيار ڪندا هئا. ٻِنا پاڻ جي ساريال جو فصل تيار ٿي پوندو هو.
ٻج تيار ڪرڻ جو طريقو:
ڪاري جا ماڻهو زمين جي حساب سان ساريال (سارين) جو ٻج ٻورين ۾ وِجهي پوءِ ٻورين جا مُنهن بند ڪري سِبي ڇڏيندا هئا، جنهن زمين ۾ ٻج پوکڻو هوندو هو، اُن زمين جي هڪ جاءِ تي کڏ کوٽي، اُن منجهہ ٻِجَ واريون ٻوريون وجهي ڇڏيندا هئا.
اهي ٻوريون پاڻيءَ منجهہ ٻن ڏينهن تائين پيون هونديون هيون. ٽئين ڏينهن تي زمين جي کڏي مان ٻوريون ڪڍي زمين جي ڳَڙ ٻاهران سُکي ڪناري تي پڙشَ (تڏا) وڇائي، ٻورين مان ٻج ڪڍي اُن پڙش (پڙش-گاهہ جا قسم، جنهن مان تڏا ۽ توريون ٺاهيون ويندون آهن) تي هاري، پکيڙيندا هئا. هاري هٿن سان ٻج کي کنڊيڙي، ڪُلو (وائڪو-ڇِڊو) ڪَري تنهن کانپوءِ اُن مٿان ٻيو پڙش ڏئي وري مٽيءَ جو راڳو ڏئي بند ڪندا هئا، جيئن انهن پڙشن جي اندر هوا نہ وڃي. هِڪ يا ٻن ڏينهن کانپوءِ گرميءَ جي ڪري پڙشن جي اندر ۾ رکيل ساريال ٻج منجهان "سُئي" نڪري ايندي هئي. گونچ يا ٻج موري پوندو هو. يعني ٻج ڦٽي پوندو هو. پوءِ پڙش کي هٽائي ٻورين مان ٻج ڪڍي اُن کي ڪلاڪَ سوا جي لاءِ کولي يا پکيڙي(کنڊيڙي) رکبو هو، پوءِ ٽي چار مُڙس ڇيلهہ سان گنديءَ (ڪپڙي) جو ڪانيو ٻڌي، اُن ۾ ٻج

وجهي، پوءِ زمين ۾ لَهي وڃي، ٻج اُڇلائيندا هئا، پوکيندا هئا. اهو ڪاري جي ماڻهن جو ساريال پوکڻ جو طريقو هو.

ڪاري ۾ سارين جي پوکي راهيءَ تي ڳالهه ٻولهه ٿي. هن ڳالهه ٻولهه ۾ جن دوستن حصو ورتو، انهن ۾ محمد ايوب مَروا بلوچ، شهباز مَروو بلوچ، شير محمد چانڊيو، بلوچ، وزير چانڊيو بلوچ، هنيد خان گنبو بلوچ، ولي محمد گنبو بلوچ، خميسو گنبو بلوچ، شاعر رشيد چانڊيو، ڪمال بلوچ، خان محمد گنبو بلوچ، بڪر چانڊيو ۽ عبدالله چانڊيو. پوءِ شاعر رشيد چانڊيو ڪارائي پَٽن جي ڦِٽندڙ حالتن بابت ڪڇريءَ وارن وارن کي نظم ٻڌايو.

مشهور ملڪن اندر، ڪارو ڪڏهن خوشحال هو،
ڪيئي ٿي رهيون، قومون، قومون هتي هن جو نہ ڪو مثال هو،
هر ڏئي تـوڙ ٻُڪـيـلا، هـي وڏو هـت ڊال هـو،
هَو هاري ناري هتي، ماڻهو مَڙئي متوال هو،
آن انباري هُئا هتي، ۽ ٻيو گهڻو هت مال هو،
ڪير لَسيون ڪوڙ هئا، ڪُتو نہ ڪِنهن جو خيال هو،
موج هئي مهراڻ جي، جَر مِنو هت جال هو،
واهڻ هئا، وسنديون هيون، ناليون هيون نيڪال هو.
سَر بسر ساريون هُيون، خالي نہ هت خال هو،
اڄ ڏنم ڪارو وڃي، بي حد گهڻو بي حال هو،
سمنڊ سارو ويو کٽي، ظاهر مٿس زوال هو،
وَر چَڙهي وَيو، وِير جي، اهڙيءَ طرح احوال هو،
ويا ٻَنيون ٻارا ٻُڏي افضل نہ ڪو في الحال هو،
جا گُذر ٿي ٿئي گهڙي، سا سوَ برابر سال هو،
ويا لڏي ڪارو ڇَڏي، جِن جو جيئڻ جَنجال هو،
هي ڇا مَنجهان ڇا ٿي ويو، قدرت سندو ڪمال هو،
سَي ڪير هُئا، ڪيڏانهن ويا، ڏس پَتا پڇندا هلو،
سنڌ جي هَر چيز تي، لِڪُ تہ ڪجهہ لکندا هلو،
ورق رشيد تاريخ سندا، پڙهہ تہ ڪُجهہ پڙهندا هلو.

سوڪي بندرگاهہ ڪان لڏي ويل ماڻهن سان ملاقاتون

اُتي خبر پئي تہ ڪجهہ ماڻهو ماستر ڪرم علي بلوچ جي دعوت تي آيا آهن. انهن جا وڏڙا سوڪيءَ جا هئا. پوءِ ڏاڍو خوش ٿيس. شام جي وقت ماستر ڪرم علي ۽ باقر خان مروا انهن سان ملاقات ڪرائي. هڪ جو نالو ڪرمي بلوچ اوڙڪ صوباڻي، جنهن جي عمُر ستهتر (77) سال هئي. ٻيو مراد علي بلوچ هو. سائين ڪرم علي بلوچ صوباڻي احوال ڪندي چيو:

اسين هاڻي ڳوٺ ٻاپيهو تعلقو ڪيٽي بندر ضلعو ٺٽو ۾ رهون ٿا، جڏهن اسان جي وڏڙن سوڪي شهر ڇڏيو هو. اُن وقت جوان هُيس. سوڪيءَ جي هر ڳالهہ ياد آهي. ڪنهن مهل ائين لڳندو آهي تہ. ڪالهہ آيا آهيون. سوڪي. واه. ڪرمي بلوچ ماٺَ ٿي ويو. هُن جي اکين ۾ آلاڻ اچي وئي، اکين تي هٿ ڦيري ڳالهہ ڪرڻ لڳو.

ادا! سوڪيءَ اسان کي هَر شئي ڏني، سوڪيءَ ۾ سڀ سُک هُئا. سُک مان مُراد آمن ڀريو شهر هجي، هر ڪو ماڻهو پکي پکڻ، پرديسي ماڻهو بہ سوڪيءَ ۾ اچي آمن ۽ پيار سان رهندا هئا. ڪوبہ ڪنهن کي رَنجائي ۽ ڏکائي ڪونہ پيو. هر ڪو (هندو، مسلمان، سک) هڪٻئي سان سِڪ ونڊي هلندو رهندو هو. پاڻ ۾ ائين ملندا هئاسين، جيئن سڳا ڀائر هُجن.

سوڪيءَ ۾ سرڪاري آفيسون هيون، اُتي محالڪاري صاحب رهندو هو، سيڪنڊ ڪلاس ماجسٽريٽ رهندو هو. جنهن کي ڇَهن مهينن جي سزا ڏيڻ جو اختيار حاصل هو. اُنهن ڏينهن ۾ سوڪي ۽ ڪاروڇاڻ ۾ جيل ڪونہ هوندو هو، پر لاڏيون شهر ۾ هو. تن ڏينهن ۾ لاڏيون شهر شاهہ بندر منجهہ هو. شاهہ بندر کي "محال" جو درجو هو، تعلقا پوءِ ٺهيا هئا. لاڏيون شهر هاڻ سجاول ضلعي ۾ آهي.

مان لاڏيون شهر جي "جيل" جو ذڪر ڪري رهيو هوس، سو پراڻو جيل اڃان لاڏيون ۾ آهي. سوڪي شهر جي ڀرسان ڳوٺ ۾ رهندا هئاسين، اسان جا مائٽ، عزيز رفيق سڀئي سوڪيءَ ۾ هئا. منهنجو گهڻو وقت مائٽن ۾ گذرندو هو. سوڪي شهر مون کي پنهنجي شهر جيان لڳندو هو. جواني وارا ڏينهن سوڪيءَ منجهہ گذاريا.

جڏهن سوڪي ڦِٽو تہ منهنجي عُمر 25 سال هُئي. واهہ جو وقت هُيو. سوڪيءَ جي اولهہَ ۾ اسان جا 50 پنجاهہ گهر هئا. سوڪيءَ جي اوڀر ۽ اُتر ۽

ڏکڻ ۾ بہ اسان جا مائٽ رهندا هئا. سوکي جي اُتر ڪاڇيل ۾ بازار هوندي هُئي. اُن بازار جي اولهہ منجهہ سارين جي مِل (ڪارخانو) هُئي. سوکيءَ جي بازار جي ڏاکڻ ۾ آفيسون هيون. بازار ۾ ماڻهن جو ميلو هر وقت متل هوندو هو. هر دڪان تي ماڻهن جي پيهہ رش لڳل هوندي هئي. ڪو ڪنهن کي ميري اک سان ڏسندو ڪونہ هو. بازار ۾ گهڻا دڪان هندن جا هوندا هئا، اُتي کتي، جَت، شيدي، خاصخلي ۽ ٻين ذاتين وارن جا بہ دڪان هئا، پر گهڻو واپار وارو چلتو واڻين جي دڪانن تي هوندو هو. واڻين کي گراهڪن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جو ڏانءُ ڏاڍو سٺو ايندو هو.

سوکيءَ جي بازار ۾ ”ويرو هندو“ جو درزڪو دڪان هو، اسين ان کان ڪپڙا سبرائيندا هئاسين. اتي مسلمانن درزي انهن جا دڪان هُئا. سوکي ۾ ٻاهرين ملڪن ۽ مختلف شهرن کان ججها ماڻهو ايندا هئا. انهن ماڻهن کي ڏسي هر ڪو پيو خوش ٿيندو هيو. جنهن وٽِ ڪو مهمان ايندو هو تہ اهو ڏاڍو خوش ٿيندو هو. چوڻي آهي تہ ”ڪپڙن ۾ ماپندو ڪونہ هو.“ اُن مهمان کي ماني ٽکي ۽ مٺايون ايتريون کارائيندا هئا جو مهمان کائي ڪونہ سگهندو هو. ائين چئي ماٺ ٿي ويو. پوءِ ڪريم بلوچ صوباڻي ٿڌو ساهہ پري ڇيو.

”واهہ سوکي واهہ.“

ڪچهري ۾ ويٺلن ماڻهن جي چهرن تي هلڪي مايوسي پکڙجي وئي. سيئي سوکيءَ جي ڏکن جي ڏور منجهہ ائين ٻڌل ويٺا هئا، جيئن جيل جي ماڙيءَ ۾ رَسن سان ٻڌيل قيدي ويٺا هوندا آهن. هر ڪو ماٺ جي مُٺ ۾ پڪوڙيو ويٺو هجي.

ڪريم بلوچ صوباڻي چوڻ لڳو.

شام جي ويلي تي سوکيءَ جي چئن پاسن کان وهندڙ دريائن جون هوائون، ٿڌڙيون ٿڌڙيون گهلنديون هُيون. درياءَ مِٺي پاڻيءَ سان تار وهندا هُئا. سوکيءَ جي پَٽن تي پکين جون جهونگاريون وري ويتر سهڻو مانڊاڻ مچائي وجهنديون هيون. سوکيءَ تي راڳ رنگ، ميلا ملاکڙا، هر پاسي ملوڪ مهمانن جون چوکڙيون متل هونديون هيون. پوءِ چو نہ سوکي جي سونهن ناچ ڪري ۽ ڳائي... واهہ سوکي واهہ... سوکيءَ ۾ ٻين شهرن مان ۽ ضلعن مان، پر سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ مان پلوڙ فنڪار ايندا هئا. ملهہ پهلوان

۽ ڳائڻا ۽ ڳائڻيون ايندا هيون. فنڪارن کي وڏو مانُ مِلندو هو، ڪين جَهجو ڏوڪڙ پيسو سوکيءَ جا ماڻهو ڏيندا هئا. ڪي سوکيءَ جا ماڻهو پهلوانن، فنڪارن، ڳائڻن ۽ ڳائڻين کي سوکڙيون پاکڙيون ڏيندا هئا. فنڪارن جون مانيون ڪندا هئا. هر ڪو چوندو، خوش ٿيندو هو تہ اڄ رات فنڪار رات جي ماني تي مون وٽ ايندا.

سوکيءَ ۾ مون ڪيترن فنڪارن جا راڳ ٻڌا، راڳيندڙن جا راڳ ماڻهن جي مَن کي ريجهائي ۽ روئاري وجهندا هئا. سوکيءَ ۾ مهمان جو وڏو قدر هوندو هو. سوکيءَ جي مهمان نوازي ملڪن تائين مشهور هئي. سوکيءَ ۾ ڪنور ڀڳت ايندو هو. جيوڻي مائي، ماستر چَندر جي سُريلي آواز ۾ سوکيءَ جو شور گونجڻ لڳندو هو. پري پري تائين درياهہ جون هوائون ماستر چندر جي ڪلام کي ڪٽي ويندي ونديون هيون. ماڻهن جا وڏا ٻيڙا پرجي ايندا هئا. ماستر چندر، ڪنور ڀڳت ۽ جيوڻيءَ جي آواز تي ماڻهو مَست هوندا هئا.

سوکيءَ ۾ سُليمان شاهہ کي ڏٺو. اُن جو ناچ ۽ راڳ نرالو هوندو هو. سوکيءَ جي ماڻهن کي جهومائي وجهندو هو. ٻيا فنڪار محمد خان خاصخيلي، حُسين مرگهل کي ٻڌو. اهي فنڪار ڪنهن کان گهٽ ڪونہ هُجن. راڳ رنگ جون محفلون چانڊوڪين راتين ۾ گهٽيون ٿينديون هيون. چنڊ جي مِٺي ۽ ٿڌڙي روشنيءَ ۾ راڳ ٻڌڻ جو مزو اچي ويندو هو.

سوکيءَ جا ماڻهو راڳ رنگ کان علاوه گهوڙن ۽ اُٺن ۽ ڀليون مينهون ڌارڻ جا شوقين هئا. جانورن سان گهڻو پيار ڪندا هئا ۽ شوق سان پاليندا هئا. سوکيءَ جا ماڻهو وڏا مالدار ۽ ڀَلن گهوڙن ڌارڻ جا شوقين هئا. سوکيءَ ۾ پَنَ“ (گاهہ) جي وڏي پيدائش ٿيندي هئي، جنهن مان تڏا، تنوريون ۽ پڙش ٺهندا هئا. سوکيءَ بندرگاهہ جي اوسي پاسي وارو ماڻهو سوکيءَ مان ”پَنَ“ خريد ڪري اُن جا ٻيڙا، ٻيڙيون ڀرائي پنهنجن گهرن ۽ ماڳن ڏي ڪٽي ويندا هئا.

سوکيءَ جي ڀرپاسن ۾ رهندڙ ماڻهن جو اِهو بہ ڌنڌو ۽ گذران هوندو هو. جو اُهي گهرن ۾ عورتون ”پَنَ“ مان تڏا تنوريون، پکا، کارا، ڪاريون وڪڻڻ جي لاءِ ٺاهينديون هيون، انهن تي سُگهڙ عورتن جي هٿَ جي هنر جا ڪمال ڏسڻ ۾ ايندا هئا. سوکيءَ منجهہ ”عوسو شيدي“ جي هوٽل مشهور هئي، اوسو شيدي ٺاهوڪو درزي بہ هو. وڏا وڏا، مالدار سوکي جا ۽ ٻين ٽڙن

جا ڪيترائي ماڻهو ”اوسو شيدي“ ڪان لڳڙ ٻڳڙ (لٽا ڪپڙا) سبرائيندا هئا. بازار ۾ جتن جا وڏا دڪان هوندا هئا.

اسين روزانو اوسو شيديءَ جي هوٽل تي چانهه پيئڻ ويندا هئاسين. سوکيءَ ۾ اسان جي مائٽن جون زمينون هُيون، جن ۾ ساريال (سارين) جو فصل پلوڙ ٿيندو هو. اسان جي وڏڙن ۽ عزيزن وٽ زمينون هيون. انهن جا نالا صديق رَجيرو، حاجي رَمون رجيرو، حاجي قادر بخش رجيرو، سوکيءَ ۾ شيدي، جَت، خاصخيلي ۽ ٻين ڪيترن ماڻهن جون زمينون هُيون. سوکيءَ ۾ ڪيترن ئي ذاتين وارا ماڻهو رهندا هئا. ائين لڳندو هيو، سي اسين سڀ هڪ ويڙهي جا آهيون. اسان سوکي وارن جي پاڻ منجهه اهڙي سِڪ پريت هئي، جو ٻيا ماڻهو سوکي جي ماڻهن جو مثال ڏيندا هئا. تڏهن سوکيءَ کي ”سک پريت“ ۽ سُکن وارو شهر چوندا هئا.

هَير (هينئر) سوچيندو آهيان ۽ خيالن ۾ سوکيءَ شهر ۽ وهندڙ درياهن کي ڏسندي، اندر وڍجي پوندو آهي. جڏهن سنڌو درياهہَ جي مَستي ۽ هستي سان ڪيچل ٿي، پاڻي رُڪي رُڪي آچڻ لڳو ٿي. ساموندي پٽيءَ ۽ درياهن تي رهندڙ ماڻهن کي ڪُتڪو ۽ اندر منجهه ڪائڻ لڳو. ڪٿي ائين تہ ڪونهي، سنڌ جي ساموندي پٽي کي سڪائڻ جي لاءِ پاڻي کي روڪيو وڃي ٿو. اهو اُلڪو هر ڪنهن کي اندر ۾ ڪائڻ ۽ مارڻ لڳو. جنهن شيءِ جو ڊپ هيو، ائين ٿيو. پنهنجن ماڻهن ئي لاڙ ۽ ساموندي پٽن تي وسندڙ ۽ رهندڙ ماڻهن جي حياتي ڪاري ڪئي. سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ کي وجهه ملي ويو. اهو اڳتي وڌڻ لڳو. آباد زمينون جن کي ڪارو پاڻي اندران ئي اندران ڪاٽ هٽي، اُن جي مِٽي جَر کي ڪارو ڪري رهيو هو. پوءِ ڏسندي ڏسندي آبادي واريون زمينون ڪلراٺجي ويون. فصل سُڪندا ويا، ماڻهن جا روزگار ڦٽندا ويا. جڏهن گذر سفر وارا وسيلا تنگ ٿي ويا پوءِ ماڻهن لڏ پلاڻ ڪرڻ لڳا.

سوکيءَ مان واٽيا هليا ويا. اهي 1947- 1948ع ڌاري حالتن جي رُخ کي سمجهندي آهستي آهستي سوکي مان وڃڻ لڳا. ڪجهه هندن پنهنجون جايون سوکيءَ جي ماڻهن کي مفت ۾ ڏيندي ائين چيو ”جي موٽي آياسين تہ اسان کي موٽائي ڏجو، جي وري ورڻ نہ ٿيو تہ اِهي جايون ۽ دڪان ۽ زمينون اوهان جون ٿيون.“ پوءِ سوکيءَ جا واپاري ماڻهو پنهنجا ڪک ڇڏڻ لڳا. پنهنجيون جايون ۽ دڪان مفت ۾ ۽ سستي اگهه ۾ ڏئي هليا ويا.

مون کي ياد آهي ”ريلو واڻيو“ رهي پيو هو. پوءِ اهو مسلمان ٿيو. ان جو ”عبدالقادر“ نالو رکيئون، ٻيو هندو، اهو بہ مسلمان ٿيو، ان جو نالو ”نورمحمد“ رکئون. ٻنهي کي مون ڏٺو هو. نورمحمد کي هَير (هينئر) اولاد آهي.

سوکيءَ جي بازار ۾ ”ويرو درزي“ جو دڪان هُيو. هو ٺاهوڪو درزي هجي. اهو لڏي ڪونہ ويو. لاڏيون شهر کان اُتر ۾ جيئي شاهہ (شاهہ يقيق) جي مزار آهي. سوکيءَ شهر جي ڦٽڻ ڪانپوءِ ”ويرو هندو“ ان مزار تي وڃي رهيو ۽ ڪجهه سالن ڪانپوءِ اتي ئي دم ڏنائين. ”ويرو هندو“ کي ساڙيو ڪونہ ويو، ڪيس اتي ئي دفنايو ويو.

هاڻ اسين ويٺا واجهايون ڪڏهن مِٺو، چُڙيو، لڙيو پاڻي ساموندي پٽين ۾ پالوٽ ڪري ايندو ۽ ڪنڌيون سايون آباد ٿينديون.

سوکيءَ جي پاسي ۾ مُٺٽي درياهہ تي جُمڙو ڳوٺ هو. هي ڳوٺ منهنجي ڏاڏي جي نالي تي هو. سوکي بندرگاهہ تي هفتي ۾ دوستن سان، عزيزن سان گڏ ويندو هوس. ديوان جي دڪان تي مٺائي شوق سان کائيندا هياسين. پوءِ گهر جو سيڌو سامان وٺي واپس ورندا هئاسين.

واڻ درياهہ تي ٻگاٽي جيوٽي آئي، اُن جو راڳ ٻڌوسين. واڻ درياهہ تي قاسماڻي جَت رهندا هئا. اهي وڏا شوقين هوندا هئا. راڳ رنگ جون محفلون ڪرائيندا هئا. سوکي شهر ۾ ملاکڙو ڏٺوسين، پير سيد شاهہ ملاکڙا لڳرائيندو هو. مون کي مَلهہ پهلوانن جا نالا ياد آهن. ڇُڊي دبلو، حُسين سوڍائي، گدا شيدي، ريڊار مَلهہ ذات جو مالهيو، هارون پاتٽي وڏو مَلهہ هو. سوکي شهر ۾ جمعي جي ڏينهن ملاکڙو لڳندو هو. اُن ۾ ڪارو چاڻ جا ملهہ بہ حصو وٺندا هئا.

عبدالله شيدي، ميڙائو مُهاڻو، آچار سُوٽو، عثمان لاشاري، ساندو چانڊيو، مامو خليفو، چاڳو خاصخيلي (هن کي ٻہ آڱوٺا هئا. تنهنڪري چاڳو چوندا هئا) ملهہ هو. ڳوٺ رسول بخش مروا بلوچ ۾ ٻہ ڏينهن رهڻ ڪانپوءِ باقر خان مروا سان گهارو شهر آياسين، باقر خان مروا پوءِ واپس ڳوٺ هليو ويو.

محمد عمر خاصخيلي ڪيرواڻي

شام جي وقت عيسو خاصخيلي ڪيراٽي جي جاءِ تي بادام جي وڻ

جي هيٺان ويٺو هوس. پرسان الهڏنو خاصخيلي ويٺو هيو. ايتري ۾ ٻہ همراهہ اوطاق ۾ آيا. انهن جو تعارف الهڏني ڪرايو.

ادا! محمد عمر خاصخيلي ڪارو چاڻ جو آهي. هن جي عمر 85 سال کن آهي ۽ هيءُ محمد سومار ولد رمضان سهتو، هن جي عمر 90 سال آهي، پوءِ محمد سومار چوڻ لڳو. پوءِ انهن سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي. محمّد عمر خاصخيلي پٽ عبدالله خاصخيلي سوڪيءَ جي يادگيرين بابت احوال ٻڌايو.

اسان جو ڳوٺ درياهہ ڪٺند ۽ درياهہَ وَٽو، انهن ٻنهي درياهن جي وچَ ۾ هو، ديهہ ٻيٽڙي، ڪارو چاڻ جي پاسي ۾ ڳوٺ هو. اتي خاصخيلي ماڻهن جا ڇهہَ سئو گهر هُجن، اتي چوڏهن سئو ايڪڙ زمين هئي. ان ۾ ساريال (سارين) جو فصل ٿيندو هو. انهن ڏينهن ۾ ٻارنهن مهينا مٺو پاڻي وهندو هو. ساريال فصل جهجهو ٿيندو هو، دادو، لاڙڪاڻو، ميرپور، سانگهڙ حيدرآباد ۽ سکر جا ماڻهو سوڪي ۽ ڪارو چاڻ ۽ پرپاسن تي، درياهن تي لابارو ڪرڻ ايندا هئا. ساريال جا لابارا ٽي چار مهينا هلندا هئا. اهي ماڻهون ٽي چار مهينا ٽڪي پوندا هئا. پوءِ سوڪيءَ جا ماڻهو ۽ ڪاري چاڻ جا ماڻهو انهن کي کير ۽ مکڻ جي لاءِ ڏُڌي (مينهن) مفت ۾ ڏيندا هئا. اهي جيترا مهينا رهندا هئا، ڏُڌي (مينهن) انهن وٽ هوندي هئي، اهي جڏهن ويندا هئا تہ ڏُڌي واپس ڪندا هئا. انهن ماڻهن کي شام جو ڪاتين جي ٻَري ۽ آن جي ٻَري بہ مفت ۾ ڏيندا هئا. جيئن اُنهن جا ٻچڙا بک تي نہ ويهن ۽ لنگهڻ نہ ڪاٽين.

ڪاري چاڻ ۾ اسڪول هو، اسين اتي پڙهندا هاسين (هئاسين)، سوڪيءَ ۾ اسڪول هو. پوءِ استاد اسان ٻارن کي سوڪيءَ وٺي ويندو هو. سوڪي جي اسڪول ۾ ٻارن سان ڇٽا پيٽي جا امتحان ڪرائيندو هو. جيڪي ٻار ڪٽي ويندا هئا. انهن کي انعام ۽ شاباس ڏيندا هئا. اسڪول واري زماني ۾ سوڪي ڏٺوسين، هن وقت بہ اهي ڏينهن ۽ اسڪول وارو زمانو ياد ايندو آهي. اسان جو وَٽو درياهہَ جي ڪنڌيءَ تي ريزڪي جو دڪان هو. اُن دڪان ۾ ريزڪيءَ جي سامان سان گڏ، ڪپڙو لٽو، ٽڪر جا ٿانوَ بہ رکيل هوندا هئا. هڪڙي ڏينهن آئون دڪان تي ويٺو هوس. وٽو درياهہَ جي ڪنڌي سان ٻيڙي لنگهي، ٻيڙي ۾ مائي ويٺي هجي ۽ چار پنج مرد بہ ويٺا هُجن. ٻيڙيءَ منجهہ ويٺل مائي سُرسان ڳائي رهي هئي. ڪلام جو آواز منهنجي ڪنن تي پيو. ڏيان ٻيڙي ڏانهن هليو ويو.

صبح مِليم سومرا، وَٺي جون واڏايون،
سانوڻ سوڙهہ لائي، ٿيون ساٽي منجهہ سٽائي.

پوءِ خبر پئي تہ اُها ڳائڻ واري مائي "جيوٽي" هُئي، واڻ درياهہ تي ڳائڻ وجي پئي. وَٽو درياهہ جا ماڻهو تيار ٿيا، هر ڪو خوشيءَ ۾ چوندو وتي پيو... "هلو واڻ درياهہ تي هَلو... جيوٽي آئي آهي." پوءِ سيني تڙن ۽ ڳوٺن جا ماڻهو سنبريا ۽ ٻيڙين ۾ چڙهي 'واڻ' درياهہ تي ويا. انهن ڳوٺن جا نالا ياد آهن.

حاجي هارون سمون ڳوٺ، حاجي ڇَنڊُو رونجهو ڳوٺ، حاجي قادر بخش بلوچ ڳوٺ، آمو خاصخيلي ڳوٺ، عبدالرحمان شيديءَ جو ڳوٺ، حاجي قاسم جت جو ڳوٺ، ڪارو چاڻ شهر، اسحاق اترادي جو ڳوٺ، سيد ڪريم ڏنو شاهہ ڳوٺ، صديق بلوچ ڳوٺ، حاجي صالح جت ونگائي جو ڳوٺ، مامو ڪڇيءَ جو ڳوٺ، خمو ماڇيو جو ڳوٺ، الهڏنو مالهيو جو ڳوٺ، يعقوب مالهيو جو ڳوٺ، جمعو مالهيو جو ڳوٺ، موسيٰ مالهيو جو ڳوٺ، موسن خاصخيلي ڳوٺ، دائود چيرو ڳوٺ، علي خاصخيلي ڳوٺ، سومار چيرو ڳوٺ، ڪاڪ ڳوٺ، مبارڪ ڳوٺ، ڪارائي ڳوٺ، محمد سَمون ڳوٺ، چارڻ ڳوٺ، حاجي لونگ جمعو ڳوٺ، آڏڙي ڳوٺ.

مائي جيوٽي جي راڳ ڪي ٻڌڻ لاءِ سڄي تر جا ماڻهو ۽ پري پري جا ماڻهو آيا. واڻ درياهہ تي ميلو مچي ويو. مائي جيوٽي کي مَردن پئسا گهڻا ڏنا، پر ماين (عورتن) بہ وَس ڪان ڪونہ گهٽايو هو. انهن هَٿَ جون ٺاهيل رليون، وهاڻا، گهرا ڪٽي اڇي جيوٽيءَ کي تحفي ۾ ڏنيون، اُهي رليون ۽ وهاڻا وڏا قيمتي هئا. انهن تي هٿ جي هُنر جو سهڻو ڪم ٿيل هُجي.

ڪي عورتون گنديون (پوتيون، روا) آٽي جيوٽيءَ جي مٿان وڌيون، اُهي چنريون ۽ ٻانڌڙيون (گندين جا قسم) جيڪي مشهور هُيون. هونئن بہ سنڌ جون ثقافتي شيون ڏيهہ ۽ ڏيساور تائين مشهور رهيون آهن. ساموندي پٽيءَ جي ڪنڌين تي وڏا راڳ ٿيندا هئا.

اسان سوڪيءَ مان ڪنڀارن کان ٿانوَ وٺي ايندا هئاسين.حاجي موسو ۽ يعقوب ڪنڀار اهي ٻئي ڀائر هئا. انهن جو خاندان هن وقت حيدريءَ ۾ آباد آهي. اهي ڪپڙي جو ڪاروبار ڪن ٿا. گهارو شهرجي نئين آباد يعني وچ وارو حصو چئجي ٿو. اتي حاجي ابراهيم ڪنڀار جو ڪپڙي جو دڪان

آهي ۽ اُن جي پٽ حاجي لطيف ڪنڀار جو بہ ڪپڙي جو دڪان آهي. هينئر گهارو شهر ۾ ڪنڀارن جا ڪپڙي جا دڪان آهن. پوءِ محمد عمر خاصخيلي ۽ محمد سومار سهتو موڪلائي هليا ويا.

احمد خاصخيلي ابراهيم حيدري

ڪجهہ ڏينهن اڳ پياري دوست ايوب شان سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي. انهيءَ ٻڌايو تہ ڪجهہ ماڻهو سوڪي کان لڏي، حيدري ۾ اچي آباد ٿيا هئا، انهن مان ڪي حيات آهن، ڪي ابراهيم حيدريءَ جي پاسي (ميمڻ ڳوٺ) ۾ رهن ٿا. شام جو جليل ڪتي ۽ آءٌ گڏجي ابراهيم حيدري وياسين.

ريڙهي مياڻ کان ابراهيم حيدري بندرگاهہ تائين ويهن منٽن جو سفر هَجي. اسان ابراهيم حيدريءَ ۾ فشر فوڪ فورم پاڪستان جي آفيس ۾ پهتاسين اُتي ايوب شان انتظار ۾ هو. پوءِ اسين آفيسن مان نڪري پنڌ هلندا، ابراهيم حيدري شهر جي سنهڙين گهٽين مان هلندا اچي احمد خاصخيليءَ جي گهر آياسين. اتي ڪچهري ڪندي خبرون چارون پُڇندي احمد ٻڌايو تہ

“سوڪيءَ ۾ سُک ئي سُک هو، ائين سمجهو سوڪي شهر نہ پر سک جو گهر” هجي. اسين سڀئي هڪ گهر جي ماڻهن وانگر رهندا هئاسين، اتي ڪوبہ ماڻهو پيٽ بکيو ستو ڪونہ، نہ ٻُک ۾ ماڻهو ڪو مُئو. سوڪيءَ جا ماڻهو هر ڪنهن جي سار لهندا هئا ۽ آيل ماڻهن جي وڏي مهمان نوازي ڪندا هئا. سوڪي بندرگاهہ کان پيڙين وارا گذرندا هئا تہ انهن کي سڏي کير مکڻ ڏيندا هئا. چو تہ پاڳين ماڻهن جو شهر هجي، هر ڪنهن وَٽ چوپائي مال جا وٿاڻ هوندا هئا، سو کير مکڻ جام ٿيندو هو.

اسان جا پڙ ڏاڏا ميرپورخاص جا هئا. اسان جو ڏاڏو ميرپورخاص مان لڏي اچي سوڪيءَ جي پِر ۾ ڳوٺ ڪريم ناٿي بچلاڻي ۾ ويٺا. اسان جو هتي لڏي اچڻ جو سبب اهو هو تہ اسان جي وڏڙن “سوڪيءَ جي سک“ جي ساک ۽ هاڪ ٻڌي هئي.

جنهن ڳوٺ ۾ اسان جو ڏاڏو اچي رهيو هو، اهو آٺَ ايڪڙن تي هو. اسان جي وڏڙن سوڪيءَ ۾ هٽ کوليو. جڏهن “سُڪيا پر” ٿيڻ لڳاسين تہ پوءِ سوڪيءَ ۾ زمين ورتي سون. اسين پاڻ هارپو ڪندا هئاسين. اسان جو ڏاڏو واپار ڪرڻ لڳو. هي پيڙين ۾ ساريون ۽ چانور پرائي ڪراچي ڪٽي ويندو

هو. اتان هَٽَ جي لاءِ جنس (سامان شيءِ، وکر وڙو وغيره وٺي ايندو هو. اسان جي وڏڙن سان سوڪيءَ جي واڻين جي وڏي سِڪ پريت هئي، جڏهن واڻيا ويا پئي تہ روئڻ لڳا، سڀني کان روئي موڪلايائون. اسان جا وڏڙا بہ روئي ويٺا.

سوڪيءَ مان واڻيا هليا ويا هُجن. پوءِ سوڪيءَ ۾ اُهو رنگ ۽ واپار چَلتو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو. سوڪيءَ واڻين ڪانسواءِ خالي خالي لڳندو هو. جڻ شهر ڪٽل هوندو هو. پوءِ سوڪي ڦٽندو ۽ ڪٽندو ويو. جڏهن هندو ويا پئي تہ انهن زمينون مسلمانن کي ڏنيون ۽ چيائون ”جي واپس وري آياسين تہ اسان کي موٽائي ڏجو، نہ تہ اوهان جون ٿيون.

هڪ ڀيري اسان جو مائٽ سير ڪريڪ تي شڪار گهورڻ (مڇي مارڻ) ويو، اتي پڪڙجي پيو. انڊيا نيوي وارن هن کي پڪڙي وڌو، انهن جو آفيسر هندو هو. ان پڪڙيل پيڙين وارن کان پار پتا پڇيا، ڪير آهيو؟ ڪٿان آيا آهيو؟ وغيره انهن هر هڪ خلاصي کان پڇيو. محمد صديق خلاصي ڪيس چيو.

”اسين سوڪي بندرگاهہ کان آيا آهيون.“ آفيسر سوڪي بندرگاهہ جو نالو ٻُڌي ڪا گهڙي خاموش ٿي ويو. پوءِ پيڙين وارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ لڳو. پوءِ ان آفيسر پنهنجي باري ۾ ٻڌايو. اسان جا وڏا جڏهن سوڪي مان لڏي رهيا هئا تہ سوڪيءَ جي ماڻهن اسان جي وڏڙن سان سٺو سلوڪ ڪيو هو. مون کي پنهنجا پيءُ ماءُ سوڪيءَ جي ماڻهن جي محبتن ۽ انهن جي عزيزائپ جي باري ۾ ٻڌائيندا هئا. وڏڙن جون ڳالهيون ياد آهن، تنهنڪري توهان کي ڇڏيان ٿو.

سوڪي ۾ اسان جي پنجاهہ ايڪڙ زمين هئي. چار گهوڙا هئا. انهن ڏينهن ۾ خوشحال ماڻهن وٽ گهوڙا هوندا هئا. جڏهن سوڪي ڦٽو تہ اسان پنهنجي زمين حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڊُڪ ڊوڙ ڪئي، صرف 16 سورنهن ايڪڙن جي رقم ملي هئي. اسان شاديون پنهنجي ذات وارن مان ڪندا هئاسين، چنڊ جي سائي ۾ شاديون ٿينديون هيون. چنڊ جي پهرين رات کان چوڏهين چنڊ تائين اهي سايون راتيون ليکبيون هُيون، جن ۾ شاديون ٿينديون هيون. سايون راتيون معني سوجهري ۽ چانڊوڪي واريون راتيون.

سوڪيءَ جي ڦٽڻ کانپوءِ اسان جا وڏڙا “درياهہ آباد” تي اچي ويٺا، درياهہ آباد (لياري، ڪڏو، ميمڻ سوسائٽي، ڪراچي لياريءَ درياهہ آباد ڪارا

در وغيره) وارو علائقو هو. اسان جي وڏڙن ”درياهہ آباد“ تي نوراني مسجد ٺهرائي هئي. جنهن ۾ منهنجو نانو ”ميان جي محمد يوسف خاصخيلي هو. اُن مسجد جي سار سنڀال لهڻ، بانگ ڏيڻ يا ڪو اعلان ڪرڻ واري کي ”ميان جي“ جي لقب واري نالي سان سڏيندا هئا.

هڪ واقعو ٻڌايان ٿو تہ ”انهن ڏينهن ۾ جڏهن اسان جا وڏڙا حج تي پيادل ويا هئا، منهنجو پيءُ ٻچل ان سان پيا بہ ڳوٺ وارا ماڻهو هُجن. رستي ۾ هڪ جاءِ تي پڪڙجي پيا، اتي مهينو قيد ۾ هئا. اهو قيد ڪاٽي پوءِ حج تي ويا. بابا گهر کان نڪرڻ وقت امڙ کي روڪ پنجاهہ روپيہ ڏئي ويو هو. هي پئسا گهر جي خرچ پکي لاءِ رک، اسان کي ٻچ مهينا ٿيا سگهي ٿو تہ سال کن لڳي وڃي.

عيسيٰ خاصخيلي پٽ حاجي سومار خاصخيلي ڪيرواٽي

عيسيٰ خاصخيلي ڪيرواٽي پٽ حاجي سومار خاصخيلي ڪيرواٽي ڳوٺ علي ڪيرواٽي خاصخيلي ديهہ ٻبلو تپو ٻبلو، ٻبلو بہ واٽيون هندو هو، جنهن جي نالي سان ديهہ آهي، تعلقو ڪاروڇاڻ

آئون ستونجاهہ سالن جو آهيان. ديهہ سوڪي ۽ ديهہ ٻبلو اُن جي وچ تي ”علي ڪيرواٽي“ ڳوٺ ۾ وينل هئاسين. اسان جو ڳوٺ سوڪي کان تي ڪلوميٽر پري اتر طرف هجي. علي ڪيرواٽي ڳوٺ جي اوپر پاسي ۾ مُنٽي درياهہ ۽ ڏکڻ جي پاسي ۾ ميرواهہ درياهہ جو وڏو بندرگاهہ سوڪي هيو. علي ڪيرواٽي ڳوٺ ۾ اسان جا پنجاهہ سٺ گهر هئا. اهي سيئي ڪيرواٽين جا هئا. مالوند ماڻهو هئا. اهي سيئي هارپ ڪندا هئا. محمد موسي! ملڪاٽي وڏو زميندار هو. تنهن جا هاري هئاسين، تنهن چار سئو (400) ايڪڙ زمين اسان کي کٽائي ڏني. ان زمين ۾ جيڪي فصل ٿيندا هئا، ساريون، رتڙيون، ڪسرو. هن ساريءَ جو قد مڙس جيترو هوندو هو. سُڳنديا (سڳداسي) ڪامبر چانور، هي چانور چاليهن ڏينهن ۾ تيار ٿيندو هو.

ٻاسبتي چانور جام ٿيندو هو. ان کان علاوه چيٽ جا فصل واتئي واتا زمين ۾ ٿيندا هئا. جنهن ۾ مُور مٽر، اڙو ڪاري، اڙد سائي، مڱ، لاهوري گجر، پتائي گجر، موري وتاڙ رول، جنهن جي ڀاڄي پلي ٿيندي هئي، شوق سان ڪائيندا آهيون. ٻاجهر، جوئار. ان کان علاوه اسان جي زمين ۾ باغ هئا.

گنگو باغ، پيرن جا باغ، گدامڙين جا باغ، پيڙين جي پنن جا باغ، پرڏيهي وڻن جا باغ اسان جي زمين ۾ ميرون جا ڀلا وڻ هئا، انهن جا وڻن جا نالا... چمون، ڪتوبڙا، گداميٽي، پيرَ، صوفي وڏا پير، ناريل ڪتي آمري، جام جا وڻ (جام ذات بہ آهي) انبَ ليمان، سوپارين جا وڻ هوندا هئا، انهن جو قد ٽن فوٽن کان پنجن فوٽن تائين هوندو هو.

ٻيَر ۽ پيرن جا پيلا هئا. پرڏيهي وڻ، ڪَئي جو وڻ. هن وڻ مان ڪئونر ٿيندو آهي. حڪيم ڪَئي جي وڻ جي ڪئونر مان مردن جي طاقت واري دوا ٺاهيندا هئا. پرڏيهي وڻ، هن وڻ ۾ ڦريون ٿينديون هيون، ماڻهو وڻ مان ڪچيون ڦريون پٽي (ڪائيندا) هئا. سَريل وڻ، هن وڻ جي ڪاٺي ڏاڍي مضبوط ٿيندي هئي. سريل وڻ جيترو پراڻو اوترو ان جي ڪاٺي مضبوط ٿئي ٿي. ٻڙ جي وڻ مان حڪمت جون شيون ٺهنديون هيون. گيدوڙي جو وڻ، هن جي ڪاٺي مضبوط ٿئي ٿي. هن جي پن مان ماڻهو پيڙي ٺاهيندا هئا ۽ چڪيندا هئا تہ ان ۾ تماڪ وجهندا هئا. اسان وٽ جڏهن برساتون پونديون هيون تہ انهن ۾ وليون ٿينديون هيون. ولين جا قسم... گولو (ول) هي ول تي چڙهي ويندي آهي. هن جو ڦر گول چماٽي جهڙو ڳاڙهو ٿئي ٿو. هن جو ڦر ماکي کان وڌيڪ مٺو مصري ٿئي ٿو. سنگرال (ول) هن وڻ جو ڦر قد ۾ پينٻي جيترو ٿيندو آهي، پر پينٻيءَ کان سنهڙو، عورت جي سنهڙي آڱر جيترو ٿئي. ٿوهہ (ول) هن جو ڦر دوائن ۾ ڪم اچي ٿو. منڊيري (ول) گرمي جي موسم ۾ وڏي فائدي واري آهي. ڪُنيپون پيدا ٿين. هن جي ڀاڄي سٺي ٿيندي آهي.

اسان جا سڀ فصل واتائو هئا. سواءِ سارين جي لهڻ ڪانپوءِ ان زمين ۾ چيٽ ڪندا هئاسين، چيٽ جا فصل بغير پاڻي جي ٿيندا هئا. واتائي ۽ واتا جي معنيٰ اها زمين جنهن کي پهرين هر ڏئي پوءِ ترَ ڏيندا هئا.

ترَ جو طريقو

ڇهہ فوٽ ڊگهي ڪاٺي جيڪا سوا يا ڏيڍ فوٽ ويڪري هوندي هئي. ان سان ڪيڙيل زمين کي سرخو ڪِينداسين، يا ترَ ڏينداسين تہ پوءِ اُها زمين سڙجي سنئين تي ويندي هئي. پوءِ ناڙي ڪينداسين ۽ ٻج ڇٽيندا هئاسين. ان زمين ۾ اڳ ساريال فصل هيو.

پوءِ جليل کٽي ۽ مان دوستن کان موڪلائي ريڙهي آياسين. ڊاڪٽر چيو، "هلو تہ گُهچ سان ملون."

ريڙهي مياڻ ۾ محمد حسن گهچ جي گهر ۾ قاسم ولد زين موساڻي، موساڻي پاڙو محمد حسين ولد عمر ڊوراٽي پاڙو دريائي، گهچ موساڻي (بک جي گهاٽي) ڪڇري ۾ هر ڪنهن زندگيءَ جو هڪ واقعو ٻڌايو.

ادا! درياهہ جي ڏنڌي ۾ اسان سان واقعا الائي ٿيا آهن. ڏانڊي درياهہَ تي وياسين. هوڙيءَ ۾ پنج خلاصي محمد حسن موساڻي، محمد صديق موساڻي، محمد موسيٰ موساڻي، محدم قادر موساڻي، محمد جمن موساڻي ۽ آءُ محمد قاسم موساڻي شام پوڻان ڇهہ يعني وچين کان اوير آڪڙ جو ٽيم هُجي. وڏن سانن جو وقت، ڪلو ۾ ٻارنهن تگرنهن سانا تُرندا، ايڏا وڏا اسان مارڻ وياسين.

درياهہ منجهہ شڪار تي ويندڙ ناڪئان ۽ خلاصين سان زندگي ۽ موت جا واقعا ٿيندا رهندا آهن. پر هڪڙو ڏانڊي وارو واقعو جيڪو ٻڌايان پيو. ايڏي وڏي لَهر اُٿي جيڪا هوڙي تي آئي، هوڙي کي ائين وڪوڙي ويڙهي وئي جيئن ڪپڙي جو تاڪيو ويڙهبو آهي. ايئن ويڙهجي وياسين. پوءِ اسين هوڙي مان ٽپلانگ ڏئي پاڻ کي آجو ڪري پاڻيءَ ۾ ترڻ لڳاسين. ٻيو پاڙي وارو هوڙو جيڪو موساڻي ابلو جو هو. اُن اسان کي پاڻي مان ڪنيو ۽ پانجي هوڙي ۾ پاڙهيو. پوءِ ان اسانجي ٻڏل هوڙي کي ڇيڙو ٻڌي تڙ تي آندو.

ڪاجر درياءَ کان ناڪئي چيو تہ هلون، رات جي اُن مهل اونداهي هجي. واءُ تيز پيو لڳي. اسين ڪلئي سمنڊ مان ٻاهر اچون پيا. تقريبا ويهہ يا ٽيهہ واٽون ڪنڌي کان ٻاهر هُجون اُتي ناڪئي جي مت مُجها وئي، ناڪئي جو دماغ نہ پيو ڪم ڪري. پوءِ ناڪئي مکي سڏ ڪيو.

قاسو! ٻڌاءِ هير ڪهڙي تَرَ تي آئيون (آهيون)؟

ناڪئا! اونداهي الائي آهي، واءُ وڏندو پيو اچي، سُڌ نہ پئي!! مجرو (هوڙي جو منهن) تل تي ڪر.

ناڪئو، قاسو جي ڳالهہ سڻي هوڙي جو مُجرو تل تي ڪِو ۽ قاسو ماندا (موري وارو حصو) هوڙي ۾ ٻيهِي ونجهہ تانگهائي بيٺو، پر وَنجهہ نہ پيو لڳي، هوڙو هليو پيو اچي، واءُ تيز هجي، خلاصي اڌ ۾ جهليا پيا آئن!، ناڪئي جو دماغ ڪم نہ پيو ڪري، خلاصي پريشاني منجهان اڪئي جي مُنهن پيا نارين، قاسو

ونجهہ تانگائيندو پيو آچي، نيٺ ونجهہ اچي دوٽي ۾ لڳو.

ڊاڪٽر جليل کي ڪا ڳالهہ ياد آئي، مون کي اشارو ڪري چيائين، "ادا! اٿ تہ هلون، موساڻي پاڙي ۾ چاچا محمد پٽ عرس خاصخيلي وڏي عمر جو ماڻهو آهي، جنهن سوکيءَ کي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. هل تہ هلي ان سان ٿا ملون."

پوءِ اسان دوستن کان موڪلائي چاچا محمد جي گهر آياسين. چاچا محمد ولد عرس خاصخيلي، جنهن "سوکيءَ جو سُک اکين سان ڏٺو".

"ابا! اُهي سوکي جا سک، چڱن مڙسن جا فيصلا، محبتي ماڻهن جون محفلون......واهہ.......... سوکي تو جي سونهن.

" ابا! سوکيءَ جو شهر ڇئن دريائن، اُتر ۾ ميرواهہ، ڏکڻ ۾ " سنهڙي"، اوير ۾ "مُنٽي" ۽ اولهہ ۾ "گابار" درياهہ هو. انهن ڇئن دريائن جي وچ ۾ پنجاهہ ايڪڙن جو پيٽ هو. ان پيٽ تي خوبصورت شهر سوکي ۽ "بندرگاهہ" هو. سوکيءَ ۾ پيلي زمين، باغ ۽ سارين جي فصلن سان ساوڻي لڳي پئي هوندي هئي.

سوکيءَ جي شهر ۾ ٻہ وڏيون بازاريون، اتر کان ڏکڻ جي طرف ۾ هيون ۽ اُتر پاسي ۾ سارين جي مل (Rice Mill) سا ٽن ڀائرن "سيٺ ڏرمون مل"، "سيٺ تيجومل"، "سيٺ آسن داس" جي هُئي.

ابا! سوکي جي سک جي وڏي ڳالهہ اها هئي، جو اُتي "ٿاڻو" ڪونہ هو، نہ چور، سپاهي هو. ها.... باقي ڪسٽم جي آفيس هئي. سوکي بندرگاهہ کان جيڪو مال ٻيڙن، اُنن ذريعي ايندو هو ۽ سوکي شهر مان مال بندر گاهہ تي ايندو هو. ٻنهي کان ڪسٽم وٺندا هئا. معنيٰ ڪسٽم جي پرچي ڪانسواءِ مال لهندو ۽ چڙهندو ڪونہ هو. سوکي کان سچو گيهہ، جانورن جو چمڙو، چيٽ ۽ ڪٽيءَ جا فصل، تڏا تنوريون، آنُ وغيرهہ اِهي سڀ هتان ويندا هئا. جيڪي واپاري سوکي بندر گاهہ کان پنهنجا ٻيڙا پرائي ڏور ملڪن تائين وچي،ا تي ٽڪي پوندا ها ۽ پنهنجو مال کپائي، سي ورڻ جي ڪندا هئا تہ اهي انهن ملڪن مان گرم مصالا ٻيڙن جا پٽا وغيرهہ وٺيون ايندا هئا. انديا جون ٻيڙيون مشهور هونديون هيون.

ابا! هير هوري هجي، يا هورو. ٻيڙي هجي يا ٻيڙو ۽ لانچ وغيرهہ. سڀئي مشين تي هلن ٿا. پر اڳي ڪونہ هيون، ٻيڙيون، ٻيڙا، رنگي ٻيڙاسي "ممڙهن" ڪپڙن

جي ٿهيل "بادبان" تي هلندا هئا. سياري ۾ اتر واءُ لڪندو هوپ تہ اُتر پار جا ٻيڙا "سوکي بندر" تي ڪنگر انداز ٿيندا هئا. ۽ وري جڏهن انهاري ۾ اولهہ ڏکڻ جون هوائون لڳنديون هُيون تہ سوکي بندر کان ٻيڙا هاڪاري هلندا هئا ۽ اهي ٻين ملڪن ڏانهن عدن، مسقط، هندستان، يورپ تاءِ ويندا هئا.

ابل! مطلب تہ هر وقت سوکي بندر تي بهارون ئي بهارون ، خوشيون ئي خوشيون لڳيون پيون هونديون هُيون ۽ رات ڏينهن ماڻهن جا ميڙا متل هوندا هئا. ماڻهو ٻيرن، لانچن ۽ هوڙن سان سامان لاهيندا "ڏڳا گاڏي" "بيل گاڏي" هڪ شئي جا ٻہ نالا آهن گهڻا " ڏڳا گاڏي" چون تہ ڪي بيل گاڏي چوندا آهن. بندر گاهہ تي مزوري جام هئي، تڙن، ڊورن ۽ درياهن تي رهندڙ ماڻهو، سوکي بندر ۽ سوکي شهر بہ روزانو سياهہ ۾ مزدوري لاءِ ايندا هئا. بندر تي رات ڏينهن ڪم جو چلتو چلندو هو.

سوکيءَ جا واڻيا وڏا زميندار هئا، ڪي مسلمان بہ زميندار هئا. پر وانين جو واپار سان گهڻو واسطو هوندو هو. جيڪي مسلمان زميندار هئا انهن ۾ رئيس قاسو جت آمر، علي محمد قاسماڻي جت ۽ عثمان شيدي، ابا! ٻيا زميندار هئا، هان وڏپڻ (وڏي عمر) ۾ نالا وسري ويا آهن.

سوکيءَ ۾ سُک، ٻارهوئي سڄو سال مٺو پاڻي پيو وهندو هو. مٺو پاڻي جيڪو لڙهاٽيل مٺي پاٽيءَ سان هوندو هو. اها مٺي جنهن هنڌ تي بہ ويهي، ڄمي پوندي هئي تہ زمين جا ننڍڙا ننڍڙا، اهي اڙا، ٽڪرا "ٻيٽ" جنهن کي ڪاري جي ٻوليءَ ۾ "بل" چون، پوءِ نوان "بل" ظاهر ٿي پوندا هئا. ان زمين تي ساريون پوکيندا هئا ۽ ٻيا بہ فصل پوکيندا هئا. مٺي زمين ۽ مٺو پاڻي هُجڻ ڪري ڀلو فصل ٿيندو هو.

سوکيءَ جي اولهہ طرف ۾ مسلمانن جي بازار ۽ ان بازار جي پٺيان مسلمانن جا گهر، ڳوٺ هوندا هئا. ۽ اوڀر طرف بازار هئي. ان بازار جي پويان واڻين جا گهر هوندا هئا.

سوکيءَ ۾ ميلا، سٺا ميلا لڳندا هئا. انهن ميلن ملاکڙن ۾ هندو ۽ مسلمان گڏ هوندا هئا. ٻيو شادي مرادي هندو توڙي مسلمانن جي ٿيندي هئي تہ بہ گڏ شريڪ ٿيندا هئا.

ميلن ۽ هندن جي شادين ۾ ڳائڻا جن کي هاڻ فنڪار چون ٿا ناهن ڳائڻن، لتا، رفيع ۽ ٻيا ڳائڻا انڊيا مان ٻيڙين ۾ چڙهي سوکي شهر ايندا هئا.

راڳ جون محفلون سوکي شهر جي وچ ميدان تي ٿينديون هيون مسلمان مرد ۽ هندو مرد آمهون سامهون وچ ۾ ٿوري گهٽي ڳائڻ جي لاءِ ڇڏي ڏيندا هئا. ڪي ڳائڻا ڇير ٻڌي نچندا هئا. ان وچ واري گهٽي نچندا هئا. جيڪي ماڻهو ڳائڻن کي پيسہ ڏيندا هئا تہ ان ماڻهو وٽ بيهي رهندا ۽ ڳائيندا هئا هرڪو ماڻهو چاهيندو هو تہ ڳائڻو منهنجي ويجهو اچي ڳائي ۽ نچي. ان وقت جيڪي پئسہ هئا، انهن ڊينگلن، چانديءَ ۽ پتل جي پيسن جو رواج هيو. ماڻهن ڳائڻن جي مٿان ڊنگيلن روپين چانديءَ ۽ پتل جي سڪن جا وسڪارا لائي ڏيندا هئا. ائين لڳندو هو ڄڻ ڪنهن چانديءَ جي سڪن جو مينهن وسايو هجي.

واڻيا پنهنجن عورتن کي پردن پٺيان ويهاريندا هئا، اهي بہ ڊينگلن، چانديءَ جي سڪن جون ڳائڻن مٿان وسڪارو ڪنديون هيون، اڪثر رات جي پوئين پهر ۾ ڳائڻ وقت برسات پوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اهڙي برسات پئجي ويندي هئي، سڄو مزو ڦٽي پوندو هو، ماڻهن کي پيڇڻ لڪڻ جون جايون ڪونہ ملنديون هيون مرد، عورتون، ٻار پئي سانهون ڪندا ۽ رڙيون پئجي وينديون هيون.

ابل! سوکي بندر ۽ شهر جي چئو طرف ننڍا وڏا ڳوٺ ، جن ۾ مختلف ذاتين وارا ماڻهو رهندا هئا. اهي ٻاڳيا خوش ۽ مالوند هئا. انهن وٽ چوپائي مال جا وٿاڻ ويڙها، هر پاسي ويندڙ آباد يون، وستيون، مال جون ڪڏڪاريون، ساناڻ، پلا، مڇي ۽ مانيون.....

شام جي وقت جانور (چوپائو مال) جوءِ "چراڪائو" مان چري ڦري واپس وٿاڻ تي ايندو هو تہ انهن جانورن کي ٻڌل چڙن جون چونگارو، ڊگرن جي ڊڻ ڊڻ جا آواز، پري کان ئي ٻڌڻ ۾ ايندو هو. ان مال جي چڙن ۽ ڊگرن جي آوازن مان پتو پئجي ويندو هو تہ اهو فلاڻي ٻاڳئي جو "وڳ" پيو اچي.

ان وقت پنجاهہ روپين ۾ سارين جا ويهہ مڻ يعني "کراڙ" ملندو هو. ابا هيئر پنجاهہ روپين (50) ۾ ڪلو ان جو نٽو ملي ڇا تہ مهانگائي آهي.

ابا! اڳي ماڻهو جو ملهہ ۽ قدر هو ۽ هاڻ ماڻهو جو ملهہ ۽ قدر ڪونهي پر پئسن جو ملهہ ۽ قدر آ. جنهن وٽ ججهو ناڻو ان جو هرڪو سڏائي پيو.

ابا! واڻ، درياءَ، آياڙي درياهہ، ٻانهي واري مسجد وارو ڊورو، مل درياهہ، وٺور درياهہ، ڪوبر، گهوڙو درياهہ اهي سڀ آباد ڳوٺ هئا. هاڻ انهن هندن تي

ڪاري وارا ڪڪ لڳا پيا آهن.
ابل! اڳوڻي زماني ۾ مهاڻن جي ”مڍن“ ذات هئي. ماڻهو ڪم ذات گهٽ زات سمجهندا هئا.

هِل ڙي هل مهاڻا وڃي چوڏيون مار!

هينئر ڏسين پيو تہ هر ذات وارو ماڻهو چوڏيون پيو ماري ، مڇيءَ وارو ڌنڌو پيو ڪري.

سوڪيءَ جي شهر ۾ ”ابو ساتي“ جي هوٽل ۾ ٻچو سهتو جي هوٽل مشهور هيون، جن ۾ فونا ڦرندا هئا. انهن فونن جي ذريعي ڪلام ٻڌندا هئاسين. جن کي ”رڪاڊ“ بہ چوندا هئا. هاڻي تہ اهي ”فونا“ بہ ڪونهي ، هاڻ اهڙيون شيون نڪري پيون آهن جو وڃي ٿيا خير. هر ٻار وٽ موبائيل آهي اڳي ٻار ڦرهي، پٽي تي لکندا ۽ پرهندا هئا. هاڻ سڀ ڪو موبائل تي لکي پڙهي ويٺو آهي. سوڪيءَ ۾ حاجي خميسو ڪٽي جو دڪان هوندو هو، جيڪو پوءِ ڪارو چاڻ ۾ دڪان ڪولي ويٺو. موسي ڪنيار سوڪيءَ ۾ .

صبح جو ڊاڪٽر جليل ۽ پين دوستن کان موڪلائي ڪراچي هليو آيس.

ٻئي ڏينهن تي الهڏنو خاصخيلي ڪيرواٽي پٽ علي ڪيرواٽي خاصخيلي ڪارو چاڻ مان فون ڪئي.

”ادا! گهارو شهر ۾ چاچو عيسيٰ ڪيرواٽي خاصخيلي رهي ٿو. اُن وٽ وڃان پيو. توهين اتي اچو.“

”ادا! آءٌ گهارو اچان ٿو.“ پوءِ فون بند ڪري تياري ۾ لڳي ويس. آئون ڪراچي ۾ پاءُ نويد ٿلهو جي گهر رابعہ ستي ۾ رهيل هوس. پوءِ تيار ٿي پاءُ ۽ امڙ پيڻ کان موڪلائي هيٺ آيس. اتان رڪشہ ۾ چڙهي جوهر موڙ تي اچي ڊي ست (D-7) ۾ چڙهي، قائد آباد آيس. قائد آباد مان سجاول شهر ڏانهن وڃڻ واري وين ۾ جاءِ ملي وئي. ڪلاڪ سوا ۾ گهارو شهر ۾ پهتس، ايتري ۾ پاءُ الهڏنو خاصخيلي ڪيرواٽي جي فون اچي وئي.

ادا! آئون ”چيئرمين هوٽل“ تي ويٺو آهيان. مون ڪنڌ ورايو تہ اتر پاسي ۾ ”چيئرمين هوٽل“ ڏسڻ ۾ آيو. اڳتي وڌي هلڻ لڳس تہ سامهون پاءُ الهڏنو خاصخيلي ڪيرواٽي ويٺو هو. هن چانهہ ماني جي صلاح ڪئي پر مون کي ضرورت ڪونہ هئي.

الهڏني چيو قادو ملاح پاڙي ۾ چاچي عيسيٰ خاصخيلي ڪيراٽي جي جاءِ آهي، اتي هلنداسين. چاچا بہ اتي آهي. ان اسان سوڪيءَ جي باري ۾ حال احوال ڪنداسين. الهڏنو خاصخيلي رستي ۾ هلندي ننڍپڻ جي ڳالهہ ٻڌائڻ لڳو.

ڪاري چاڻ شهر کان ڏکڻ ۾ خچر جي مڪان تي آباد هو ۽ ميرواهہ ۽ سوڪي جو شهر ڏکڻ ۾ آباد هئا، اسان جي ڳوٺ جو نالو علي ڪيرواٽي هو. اسين ٻار هئاسين جو سوڪي شهر گهمڻ ويندا هئاسين. سوڪي ۾ اسان جي اوڙڪ وارا خاصخلي رهندا هئا. هڪ جو نالو سپاڳو خاصخلي هو. اسين هن وٽ ويندا هئاسين. سوڪيءَ جي بازار ۾ مانڊٽيون هيون. اسين مانڊٽين تان شيون وٺندا کئيندا (ڪائيندا)(هاسو (هئاسون) اتي هَڏو سوپاري ملندي هئي، جنهن ماڙ (ماڻهو) جون ڏائون مضبوط هونديون هيون، اهو هڏو سوپاري وٺي ڪائيندو هو... باقي پوڙها ماڙ (پوڙها ماڻهو) هَڏو سوپاري وٺي گهر اچي ان کي پاٽي منجهہ پسائي رکندا هئا. پوءِ صبح جو پاٽي مان هَڏو سوپاري ڪڍي ڪائيندا هئا. هڏو سوپاري جو اهڙو رنگ هوندو هو، جهڙو ڏونگي جي اندر وارو رنگ آهي.

اسان جا وڏڙا مالوند ماڙها (ماڻهو هئا) تن وٽ ڍور ڍڳا، مينهون، ٻڪريون، رڍون ۽ اُٺ هئا. اسان جي گهر ۾ بہ کير مکڻ جام هوندو هو... اسين ٻنين تي ويندا هاسين (هئاسين) اتي خوبصورت وليون ولون هونديون هيون ۽ گاهہ هجن، انهن ولين جا نالا ياد اچن پيا.

دود ڦُل، گاهہ هوندو هو، دود ڦَل هر مال کئيندو هو. لُلر گاهہ، برسات منجهہ ٿيندو هو. مال جو چَڙو (گاهہ) هوندو هو. مليرو، گاهہ جو قسم. هي گاهہ برسات ۾ ٿيندو هو. مال بہ کئيندو ماڙو (ماڻهو) مليرو گاهہ پٽي ان جو ٻوڙ رڌي ڪائيندا هئا. ڪُم ٿيندا هئا، ماڻهو کئيندا (ماڻهو ڪائيندا) هئا. پَپڻ بہ ٿيندا هئا.

جهنگ ڊاڪو. هي گاهہ جو قسم هو. هِن ۾ ڦر ٿيندو هو، جيڪو ماڙ کئيندا (ماڻهو ڪائيندا) ڏاڍي مٺي ٿيندي هئي. ڪانهہ پيرو. هي گاهہ جو قسم آهي. هن جو ميوو چگن ۾ هوندو. ماڙ کئيندا (ماڻهو ڪائيندا) تہ جانور بہ کئيندا هئا. منڌيڙو گاهہ... هي مال جو چَرو هو (جانور جو کاڌو هو) هي گاهہ برسات ۾ ٿيندو هو. ڏنگڻ گاهہ... هي سَنهو گاهہ ڪمند وانگر مٺي چڙهيو

ويندو هو. جانور ڍور ڏڳا ٻڪريون رڍون ۽ مينهون، اُٺ ڪئيندا هئا. ڏاٽا ٿيندا هئا.
سانوٽي: هي گاهه جو قسم هو. هي گاهه مال چرندو هو.
ٿوپ: گاهه جو قسم.
ٻِتر: گاهه جو قسم.
ڪانئر: گاهه جو قسم هو. هي گاهه گَپَ ۾ ٿيندو هو.
ساموندي لوئانڊو: هي گاهه جو قسم آهي.
ڏِير: هي گاهه جو قسم هو. مال چرندو هو.
سوراٽي: گاهه جو قسم.
سونئڻ: گاهه جو قسم. هن گاهه ۾ ٻج ٿيندو. ان ٻج جو ماٽهو پٽ رڌيندا هئا.
پاڙ: گاهه جو قسم.
اُبتي ڏنگٽي: گاهه جو قسم. هي گاهه مال ڪائيندو آهي.
ماميچو: گاهه جو قسم.
ڪانڊيرو: وڻ گاهه جو قسم. مال چرندو هو.
ڊامائو: گاهه جو قسم. مال چرندو آهي.
آڏيري: گاهه جو قسم.
ٻَن: گاهه. اسان ٻَنَ وڍيو گهر ٻر ان مان ٽاهيندا هئاسين.

گهر جون عورتون ٻَنَ مان تڏا تنوريون ٽاهينديون هيون. هٿ وارا پکا ٽاهينديون هيون. ٻَنَ جون تڏيون تنوريون ۽ پکا انهن تي ٻَنَ جا نمونا ڪڍنديون هيون. ڪي تڏا تنوريون ۽ پکا لسا يعني سادا ٽاهينديون هيون. سر سبز ساوڪ ئي ساوڪ باغات پيلا هئڻ سبب جي ڪري ساموندي پٽي ۾ برسات جام پوندي هئي، ان برسات ۾ گاهه پَٽَ ۽ وليون بي انتها خوبصورت ڦٽنديون هيون.

وَل جا قسم: ريبڙ وَل. هن جو ڦر گندري ڪان ننڍو ٿئي ٿو، پر ماڙ ڪيندا آهن.
چمبڙ: ول هن جو ٻج ٻه ڪائيندا آهن.
ڪُتي ول: هي ول مال چرندو آهي.
وائو ول: جانور ڪائيندا آهن.
ٻُڪن: ول جو قسم.

چَمبر ڪاٽي: ول جو قسم. هي ول ٻار جي سُتيءَ ۾ ڪم ايندي آهي.

اڄ ٻه ٻَنَ مان تڏيون تنوريون ٺهنديون آهن. اها ٻَنَ حيدر آباد ۽ ٻين ضلعن ۾ ايندي آهي. ماڻهو وٺندا آهن. اڳي اهو وقت هو جو ماڻهو اسان جي پن زمينن مان ٻَنَ مفت ۾ وڍيون ڪٽيون ويندا هئا. ايڏي ٻَنَ هوندي هئي. اسين عيسو خاصخيلي جي جاءِ تي پهچي وياسين، سائين عيسو خاصخيلي سان ملاقات ٿي.

حاجي ابوبڪر پُٽ حاجي محمّد عرس ڪٽي

شام جي وقت بجلي هلي وئي... عيسو خاصخيلي چيو...
ادا! مَي وٽ لائيٽ ڪينهي... (منهنجي گهر ۾ بجلي ڪونهي...)

پوءِ الهڏنو خاصخيلي چيو... هَل تہ هَلو... ڪاروڇاڻ جا ڪٽي گهارو ۾ رهندا آهن، پنهنجا عزيز دوست آهن. پوءِ اسين قادو محلي مان عيسو خاصخيلي جي جاءِ ڪان نڪتاسين، پنڌ هلندا آچي جوڪيا خليفہ محلي ۾ آياسين. الهڏنو خاصخيلي هڪ لوهہ جو دروازو ڪڙڪايو. ننڍڙو ٻار آيو. ان ڪان پُڇيائين.
تون جو پيُ ڪٽي...؟
ڇوڪر چيو "بابا گهر منجهہ آ.

پوءِ هڪ همراهہ ٻاهر آيو. تنهن اوطاق جو دروازو کوليو. اوطاق ۾ ويٺاسين هڪ بزرگ شخص آيو، تنهن پنهنجو تعارف ڪرايو.

حاجي ابوبڪر پُٽ حاجي محمد عرس ڪٽي ڪاروڇاڻ. اسين گهاري ۾ پنج سال اڳ 2012ع ۾ آياسين. آئون ننڍڙو هوس سوڪي ويو هوس... اتي اسان جا مائٽ عزيز رهندا هئا. حاجي خميسو ڪٽي رهندو هو، اُن جو دڪان ريزڪي سيڏي سامان وارو، حاجي خميسو ڪٽي منهنجو مامو هو. اُن جي جاءِ پَڪَ سرن جي ٺهيل هئي. اُن کي چار پٽ هئا... عبدالله ڪٽي، ابراهيم ڪٽي، سليمان ڪٽي، زاهد حسين ڪٽي.

عبدالله ڪٽي ۽ ابراهيم ڪٽي اِهي ٻئي مون ڪان وڏا هئا. سليمان ۽ زاهد ننڍا هئا. منهنجو مامو حاجي خميسو ڪٽي پوءِ ڪاروڇاڻ ۾ لڏي آيو. اُن مهل سوڪيءَ جا گهڻا ماڻهو لڏ پلاڻ ۾ هئا، لڏ پلاڻ ۾ هئا. اسان کي اِها خبر ڪونہ هئي تہ، ماڻهو تيڙ ٽاڙي ڇو پيا ڪٽن. سوڪيءَ جا ماڻهو ڪاروڇاڻ ۽ ٻين

هنڌن ڏانهن لَڏو ڪٽي چو پيا وڃن!! آئون ننڍو هوس تہ منهنجي ذهن ۾ اهي سوال ڦرندا هئا.

ڪارو ڇاڻ وڏو شهر هيو... اسان جي زمين هئي. هن وقت تائين اسان جي زمين ديهہ ٻبلو ۾ آهي ۽ ”ٻَينا“ آهي. يعني بنجر ٿي وئي.ڪاري پاڻي ڦٽائي ڇڏي آهي. بنجر ٿي وئي آهي. ڪاري لهجي ۾ غير آباد ۽ بنجر زمين کي ”ٻينا“ چوندا آهن.

اها رات گهاري ۾ گذاري صبح جو سوير حاجي ابوبڪر ڪتيءَ کان موڪلايوسين. الله ڏنو خاصخيلي ڪارو ڇاڻ هليو ويو. آئون گهاري کان سجاول ويندڙ وين ۾ چڙهي پوءِ ٺٽي ۾ لهي پيس. دوست شوڪت ڪماڻ جي دڪان تي آيس، خيال آيو تہ باقر خان سان فون تي ڳالهايان، مون باقر خان کي فون ڪئي، باقر خان مروا چيو. ”ادا! آئون مڪلي تي آهيان، توهان ڪٿي آهيو؟“

”ادا باقر! مان شوڪت ڪماڻ جي دڪان تي ويٺو آهيان.“

”چڱو توهان اتي ويهو، آئون اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ اچان ٿو.“

چاليهہ منٽن ڪانپوءِ باقر خان مروا بلوچ آيو، ان سان گڏجي سندس ڳوٺ آيس. ڪجهہ دير ڪانپوءِ محفل مچي وئي، سگهڙ، دوست، شاعر ۽ ٻيا ماڻهو بہ اچي ڪٺا ٿيا.

رات جو ڳوٺ رسول بخش مَروا بلوچ ۾ ڪچهريءَ ۾ ويٺا هُجون، سائين ايوب گَنيو بلوچ، جيڪو عمر ۾ سڀني کان وڏو ۽ ٻُت ۾ پڙُ هجي، پنهنجو تعاراف پاڻ ڪرائڻ لڳو: ادا! منهنجي عمر 93 سال آهي. ڳوٺ ايوب گنيو، ديهہ جاڙا والي، تپو ”ڪاڻ“ تعلقو گهوڙا ٻاڙي، ضلعو ٺٽو.

1946ع ۾ سوڪي بندر جا هندو واپاري جن کي واڻيو، واڻيا چوندا آهن، اُهي حالتن جو اندازو لڳائي ويا هئا. پوءِ سڀني سوڪيءَ وارن کي چوڻ لڳا... ”اسين وڃڻ وارا آهيون ۽ هاڻي هتي رهبو ڪونہ...“ پوءِ انهن پنهنجا تپڙ ٽاڙي، سوڙها ڪرڻ ۾ لڳي ويا... ڏسندي ڏسندي واڻين جا واهِرا پڪين جي آڪيرن جيان خالي ٿي ويا. اِها خبر ڪونہ پئي تہ سوڪيءَ جا پڪي آڪيرن مان اُڏري ڪهڙي طرف هليا ويا. اُنهن پنهنجا گهر آڪيرا سوڪيءَ جي سنڌي مسلمانن کي ڏنا هئا.

سوڪيءَ جو شهر سکيو، سَتابو ۽ سُهڻو شهر هُجي، جو هي شهر

دريائن جي وچ تي آباد هو. سوڪيءَ ۾ ساريال (سارين) جي مِل (ڪارخانو) هئي. مِل ۾ اُن جا ڍير لڳا پيا هوندا هئا. نورمحمد سَهتو ان مِل جو مُنشي هو. واڻين جي وڃڻ ڪانپوءِ سارين ڇڙهڻ واري مشين پٽائي حيدرآباد ڪٽائي ويو. پاڻ ٿورو عرصو سوڪيءَ ۾ رهي پوءِ تعلقو گهوڙا ٻاڙي جي ”اُداسي“ ڳوٺ ۾ اچي ويٺو. اداسي ڳوٺ ۾ واڻين جي ڪوٺِي هوندي هئي.

اداسي واجياڻي هُئي ان جي نالي سان ڳوٺ آهي، هن وقت ”اُداسي“ نالي سان سڏجي ٿو.

حاجي بابو شولاڻي بلوچ ولد آمو شولاڻي

صبح جو جليل ڪتي ۽ آءٌ موٽرسائيڪل تي چڙهي ابراهيم حيدريءَ وياسين، دوست ايوب شاهہ انتظار ۾ ويٺو هو. ابراهيم حيدريءَ ۾ ايوب شان، جليل ڪتيءَ سان گڏجي حاجي بابو شولاڻي سان ان جي محلي ۾ ملاقات ٿي. اُن سان سوڪيءَ شهر جي حوالي سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي. حاجي بابو، سوڪيءَ جي ڏينهن کي ياد ڪندي چيو، سوڪيءَ جي زمين سنڌو درياهہ جي پاڻي تي آباد ٿيندي هئي. هيءَ وڏي پاڳ واري زمين هئي. هن زمين ۾ قسمين قسمين جا فصل ٿيندا هئا. زرعي آبادي تمام سُٺي ٿيندي هئي، جنهن ۾ ساريال (سارين) جو فصل تمام گهڻو ٿيندو هو. اُنهن ڏينهن ۾ پلوڙ قسم جا چانور پيدا ٿيندا هئا.

تَڙيا چانور، رَتڙيا چانور، ڪارائي گَنجا چانور، سُڳديا چانور (سڳداسي) ايري چانور، اڙد مٽر، مور مٽر، ڇٽا، جَووَ، مڪائي ۽ ٻيا فصل بہ جهجها ٿيندا هئا. سوڪيءَ ۾ سايون ڀاڄيون ٿينديون هيون، جنهن ۾ ساوا مِرچ، هرو ٽماٽا (ڇماٽا) بصر، پالڪ، ٻيهہ، ميها، توريون، ڀينڊا، هنداڻا، گدرا وغيره جام ٿيندا هئا. رات جي وقت سوڪيءَ جي پاسن وارن دريائن جو نظارو ڏسڻ وٽان هوندو هو. انهن دريائن منجهہ رات ڏينهن ٻيڙا ۽ ٻيڙيون هلنديون رهنديون هيون، جيڪي ماڻهن کي هڪ ٻيٽ کان ٻئي ٻيٽ تي پهچائينديون هيون، انهن ۾ اهڙا ٻيڙا هوندا هئا، جيڪي گهورڻ (مڇيءَ جو شڪار) ڪرڻ ويندا هئا. ڪيترا وڏا ٻيڙا سوڪي بندر ۽ سنڌ جي ٻين تڙن تي مال ڪٽي ايندا هئا، پوءِ اهو مال لاهي ٻيڙا خالي ڪري سوڪي ۾ اچي اتان وري ٻيڙا ديسي گيهہ، چمڙو، ان وغيره ڀرائي ڪٽي ويندا هئا. اُهي سوڪي مان آنَ ڇَنَ، ڀاڄيون، چانور، ڪي وري وهِڙَ (جانور) وٺي ويندا هئا، ڇو تہ سوڪيءَ ۾ ڀلا

گهوڙا ۽ اُٺن جا اعليٰ نسل هوندا هئا.

سوڪيءَ جي درياهن ۾ هر وقت ميلا هوندا هئا، ٻيڙين جا ناکئا، درياهہ منجهہ ٻيڙيون هاڪاريندي، ڪلام ڳائيندا هئا، انهن جو سُريلو آواز هوا سان رلي ملي پري پري تائين ويندو هو. ٻيڙين جي هلڻ جو شور غُل، آواز ۽ ناکئن فلاصين جا گيت جڏهن ڪنڌين وارا ٻُڌندا هئا تہ ڪلي تڙي پوندا هئا. درياهن جي ڪنڌين تي راڳ رنگ جون محفلون، ٿينديون هيون، جيڪي ڪنڌين جي سونهنءَ هوندا هئا. درياهي ماڻهن کي نئين زندگي ملي ويندي هئي. درياهہ جا ماڻهو ٻيڙائتن جا گيت، مِٺڙا ٻول ٻڌي خوشيءَ ۾ مور جيان نَچي پوندا هئا ۽ چوندا هئا... ”شال آباد هُجن، اهي ٻيڙائتا ۽ ڪنڌين وارا“ درياهہ موج مستيءَ سان وَهي تہ پوءِ چو نہ مهاڻن ملاحن، ناکئن ۽ خلاصين جون مَستيون ٿين، ڪنڌين تي ڪُڏڪاريون ٿين ۽ محبتي ماڻهن جا ميلا مچَن.

سنڌو درياهہ ۽ ساموندي پٽي ۾ رهندڙ ماڻهن اهو ڪڏهن ڪونہ سوچيو هو تہ... اهڙا ڪارا ڏينهن ڏسڻا پوندا. دردن جا چُڳا ۽ ڪُڏڪاريون ڪندڙ ڪنڌيون، پَٽَ ۽ پوناءِ ڇاڙون سيئي سوڪهڙيءَ ۾ سُڪي مروڙ جي اڻ مندائتي موت جي مُنهن ۾ هليون وينديون. هير جنهن درد جي پيڙاهہ ۾ ساموندي پيڙهجن ٿيا پيا... سا سون ۽ چانديءَ وارن ماڻهن کي خبر ڪِهڙي...!!؟

سوڪيءَ جا هندو، سماجي چڱ ڀلائي وارا ڪم ڪندا هئا، مسافر خانہ ٺهرائڻ ۽ جانورن جي لاءِ الڳ پاڻي وارا حوض ٺهرائڻ، سوڪي جو شهر صاف سٿرو هوندو هو. سوڪيءَ جي مکيہ واٽين کي ڪا گوڙ واري خبر پوندي هئي تہ شهر ۾ ٿوري لُڇائپ ٿئي پي، تہ هڪدم عثمان ۽ قاسو جَت کي گهرائيندا هئا. سوڪيءَ ۾ ماتار ڪرائيندا هئا ۽ ڪين اها هدايت ڪندا هئا، ”سوڪي سيني جي لاءِ سُک جو آکيرو آهي. سک ۽ شانتي سان رهجي ۽ هلجي.“ حاجي بابو شولائي کان موڪلايو.

شام جو دوست جليل ڪٽيءَ سان گڏجي ابراهيم حيدري جي پاسي ۾ جمع ڳوٺ هجي، اتي پنهون پٽ حاجي رمضان ڪلمتي بلوچ سان ملڻ آياسين، جڏهن پنهون سان ملڻ ٿيو هي ڏاڍو خوش ٿيو. اوطاق کوليائين، ان منجهہ ويٺاسين. هن جي عمر اسي (80) سال هئي، پر لڳي ڪونہ رهيو هو.

پنهون ڪلمتي بلوچ ڳالهيون ڪندي ٻڌايو تہ:

اسان جي سوڪيءَ ۾ زمين هئي. سوڪي جا زميندار هياسين، شهر سوڪي، ديهہ سوڪي، ٽپو ٻَبلو، مالحال ڪارو ڇاڻ تعلقو شاهہ بندر، ٽپو ٻَبَلو ۾ 3 ديهون هيون. ٻَبَلو ديهہ، پيٽڙي ديهہ ۽ سوڪي ديهہ. بندرگاهہ ميرواهہ درياهہ جي ٿوري فاصلي تي ڏکڻ ۾ سوڪي شهر هو. سوڪي بندرگاهہ جي اولهہ ۾ گابار درياهہ هو. منهنجو ڏاڏو واڍڪو ڪم ڪندو هو. آئون هير بہ واڍڪو ڪم هوڙا، ٻيڙيون وغيرہ ٺاهيندو آهيان. تر وارا ماڻهو مختلف شهرن وارا ماڻهو واڍڪو ڪم ڪرڻ جي لاءِ گهرائيندا آهن تہ هليووڃندو آهيان. اسين خاص طور تي سوڪيءَ جي بازار ۾ ابو ساٽي جي مٺائي ۽ ان جي هوٽل تي چانهہ پيئڻ ضرور ويندا هئاسين.

سوڪي ۾ ہہ مک ماڻهو فيصلا ڪندا هئا. رئيس قاسو جت پاڙو آمر پٽ صوبيدار خان جت، عبدالرحمان شيدي ولد عثمان شيدي درزي هو ۽ سوڪيءَ جو ننڍڙو زميندار بہ هو. عثمان شيدي ٺاهوڪو درزي هو. رئيس قاسو جَت جو وڏو قومي سردار جنهن جو نالو مامو خان ملڪاڻي هو. سردار مامو ملڪاڻي جو پٽ رئيس غلام قادر ملڪاڻي تعلقو جاتي، ضلعو سجاول. انهن جا سوڪيءَ جي بازار ۾ ڪپڙن جا وڏا دڪان هئا. حاجي خميسو ڪٽي، رئيس قاسو جت، عثمان شيدي امين جت ونگائي، حاجي صديق جت ونگائي، حاجي سليمان جت ونگائي، حاجي قادر بخش بلوچ ولد محمد خان بلوچ وغيرہ انهن جا ڪپڙن جا دڪان هئا.

سوڪيءَ ۾ سکر کان ٻيڙا ۽ ٻيڙيون ايندڀون هيون. اهي لابارن جي ڏينهن ۾ اچي لاباروڪري ساريون ڪٽي مل (سارين جو ڪارخانو) ۾ ايندا هئا. سوڪيءَ ۾ جَت دبائي وارن جا وڏا ٻيڙا هوندا هئا. اهي سوڪي مان آن جا ٻيڙا ڀرائي ڪراچي ويندا هئا. جت دبائي ڪلاچيءَ مان ڪپڙو، ريزڪي سامان وغيرہ اُن جا وڏا ٻيڙا ڀرائي سوڪي بندرگاهہ، ڪارو ڇاڻ، ڪيٽي بندر ۽ شاهہ بندر انهن تي مال پهچائيندا هئا، انهن ٻيڙن جو مک مالڪ ابراهيم جت دبائي هوندو هو. ابراهيم جت تعلقو ڪيٽي بندر، ديهہ جاوو درياهہ ونو تي رهندو هو.

اسين پنهون ڪلمتي کان موڪلائي اسڪوٽر تي چڙهي ريڙهي اچڻ لڳاسين. ريڙهي مياڻ ڳوٺ جي موڙ وٽ سامهون لوڻ جون ڪاريون

نندڙيون نندڙيون ٻاريون، جَنِ ۾ لوڻ جي اڇي چَمڪَ سج جي ڪرڻن تي تجلا چانديءَ جي سڪن وانگر ڏئي رهي هئي. اُنهن لوڻ جي ٻارين ڪان پري ڪُجھ فاصلي تي سمنڊ ۾ جهاز بيٺل هُجن. آءُ ريڙهي مياڻ ڳوٺ جي طرف ٿورو هلي بيهي رهيس. ڪَنَ تي سوزڪيءَ ڪيءَ جو آواز آيو. ڪَنڌ ورائي ڏٺو تہ موڙ ڪان هڪ سوزڪي ريڙهي مياڻ جي طرف وَر ڪائي اچڻ لڳي، اُن ڪي هٿ ڏنو تہ بيهي رهي، مان سوزڪي جي "ڪُڻ" (پويان) ۾ ويهي رهيس. روڊ جي ڪاٻي پاسي تي جبل جي ٽڪري هُئي. اُن تي ڪچا ڪپا گھر ٺهيل هجن. روڊ ۽ اُن ٽڪريءَ جي وچ ۾ ديوين جا گھاٽا وڻ، ڪلراٺي زمين هئي. اُن زمين تي ڪٿي ڪٿي گند ڪچري جا ڍير هئا. روڊ جي ساڄي پاسي تي پوٺو (ڪلراٺي زمين) ان ڪان پري پاڻيءَ ريڙهي درياهہ جو ۽ ساوا وڻ ڏسڻ ۾ آيا.

اُهي وڻ تمر جا هئا، سوزڪي ريڙهي مياڻ جي پَڪي روڊ تي هلندي رهي، روڊ جي ساڄي پاسي ڪان ڇهن ستن فوٽن تي ڪي پڪيون جايون، ڪي ڪڙن ڪانن وارين جاين جون قطارون هُجن .روڊ ۽ جاين جي وچ وارو حصو هيٺ هجي. جنهن ۾ گندو پاڻي بيٺل هيو. روڊ جي ٻئي پاسي ڪان گندي پاڻي تي نالو هيو. روڊ تي سوزڪي هلندي جڏهن ريڙهيءَ جي مين روڊ تي هلڻ لڳي، روڊ جي ٻنهي پاسن ڪان دڪان ۽ گھر هجن. دڪانن ۽ گھرن جي اڳيان مٽيءَ ۽ گند جا ڍير پيل هئا. اُنهن ڍيرن تي ڪُتا سُتل ۽ ڪي ڪُتا هڪٻئي سان ويڙھ ڪندا ڊوڙندا رهيا.

رحيم بخش ولد غلام محمد ڪٽي

اسين ڊاڪٽر رحيم ڪٽي جي ڪلينڪ تي آياسين. پوءِ ڳالهيون ڪندي رحيم چوڻ لڳو، ادا! اسان جا وڏڙا پڙڏاڏا پهريائين "مورانجهر" ڳوٺ ۾ رهندا هئا. جيڪو مور چڏائي ۽ وٺيون ٽڪي جي ڳوٺ جي آس پاس ۾ آباد هو. پوءِ اررهين صديءَ ۾ اسان جا وڏڙا نالي محمد صديق ۽ سندس ڀاءُ نالي محمد اُهي مورانجهو مان لڏي اچي ڪارو ڇاڻ ۾ ڏهيسر ڳوٺ وٽ پنهنجو الڳ ڳوٺ، مسجد، مدرسو آباد ڪري ويٺا (هينئر اُهي ڳوٺ ڪون آهن) اُهي ملان هئا، درس تدريس جو ڪم ڪندا هئا ۽ انهن هڪ "سريل" جو وڻ پوکيائون جيڪو. ڏيڍ سئو سالن جو آهي. اڃا بيٺو آهي. واڻين جي "پل پلائي" هوندي هئي. پوءِ اتان لڏي شهر جي اولهہ طرف ۾

"يار محمد اولياءَ" واري پاسي ويا. ملڪ جي ورهاڱي ٿيڻ ڪانپوءِ واڻيا هليا ويا. انهن پنهنجي گھرن ۽ دڪانن جون چاٻيون اسان جي ڏاڏي عبدالرحمان کي ڏئي هليا ويا. جيڪي واڻين، ملڪاڻين ۽ جتن جون زمينون مقاطعي تي ڪٽي آباد ڪندو هو، پوءِ ايوب جي دور ۾ "ڪاري ڇاڻ يونين ڪائونسل" جو چيئرمين بڻيو. ايمانداريءَ سان سڀ ڪم ڪار انجام ڏيندو هو. سڀ "عبدالرحمان چوهدري" جي نالي سان بہ سڏيندا هئا.

اسين وڏڙن کان ٻڌندا پيا اچون تہ "ڪارو ڇاڻ بندر ۽ سوکي بندر شهرن جي حوالي سان گھڻا مشهور هئا. ڪارو ڇاڻ ۽ سوکي شهر ايترا سُکيا ۽ ذرعي آبادي وارا شهر هوندا هئا. جيڪي بہ ايندو هو، اهو پاڻي گھرندو هو تہ کير جا وٽا ۽ لسيءَ جا وٽا پري ڏيندا هئا. محبت پرين ماڻهن جا هر وقت ميلا هوندا هئا. جڏهن مهراڻ جون موجون ۽ مٺو پاڻي جهڪو ٿيندو ۽ آهستي آهستي رڪجي ويو ۽ پاڻيءَ اچڻ ڇڏي ڏنو. زرعي زمينون، جيڪي سهڻن باغن ۽ وڻن سان هئار هونديون هيون، اهي سڀ ڪاري پاڻي، جيڪو مٺي پاڻي (درياهہ جي پاڻي) جي نہ اچڻ ڪري اهي زمين ۾ داخل ٿي ويو. ڏسندي ڏسندي سوکي ڪارو جا سونا پٽ اجڙي ويا ماڻهن لڏ پلاڻ شروع ڪري ڏني. سوکي جو منهن کي "پل پلائي" ۽ ڪشمير چوندا هئا. هاڻ انهن پٽن تي "ڪانگ" ٻگهہ بہ ڪڏهن ڪڏهن ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ماڻهون ائين اڏري هليا ويا جيئن چوندا آهن "وڻ بہ ويا واهرا بہ ويا"، اسان بہ مجبوري ۾ ڪاري ڇاڻ ڇڏي، لڏي اچي ريڙهي مياڻ ۾ اچي آباد ٿياسين. اسانجو بابا غلام محمد ڪٽي ريڙهي مياڻ ۾ ئي دم ڏٽي حوالي ڪيو. اسين هاڻ هت رهندا آهيون. هتي منهنجو وڏو ڀاءُ عبدالجليل ڪٽي ۽ آءُ گڏ رهندا آهيون، مگر ڪارو ڇاڻ جون خوشيون، خوشحاليون اسان ڪان وسرن ئي ڪونہ ٿيون.

ڪجھ دير ڪانپوءِ سائين محمد عمر ڄاموٽ ۽ رزاق راهي آيا. ٻنهي سان ملڻ ٿيو. مون سيني کي اڳواٽ اچڻ جو ٻڌائي ڇڏيو هو، حال احوال ڪرڻ ڪانپوءِ چيو.

ادا "بندر" تي هَلو. اُت خلاصي، واڍا آهن. اُنهن سان ڪچهري ڪَريون، "بندر" تي ماڻهن جي پيهہَ رهي ٿي. ڪيتريون ٻيڙيون اچن ۽ ڪي ٻيڙيون ريهڙيءَ مان سامان ڪنيو وڃن. ڪي ناڪئا ۽ خلاصي ٻيڙين ۾ ويسي (سيڌو سامان) وٽاءِ ۽ شڪار گھورڻ جي تياري ۾ هوندا آهن. ڪي ٻيڙيون سُڪيءَ

(تڙ) تي رکيل آهن. اُنهن ٻيڙين هوڙين ڪي مرمت جي لاءِ ناڪئن بيهاريون آهن. اتي هير وڏي رونق آهي”.
سائين محمد عُمر چاموٽ جي ڳالهہ ٻڌي، آءُ اُٺيس ڊاڪٽر جليل ۽ رحيم بخش کان موڪلايو. پوءِ رزاق راهي ۽ سائين محمد عمر چاموٽ سان گڏ ڪلينڪ مان نڪري سوزڪي آڏي وٺان مٺياسين تہ نوجوان سوزڪي جي پاسن ۾ تہ ڪي وري روڊ جي پاسي وارين پٺين سان ٽيڪ ڏئي ويٺا هجن، انهن جا ڪنڌ لڙيل، اکيون ٻوٽيل، جسم ساٺو ۽ ڏٻرو، وات ۾ گٽڪو ۽ ڇُورو هُجين. ڪي ٻار پاسي مان گذريا تہ انهن جا وات بہ ڳاڙها ۽ مِٺن جي اندران ڪجهہ شئي هُجين. اُنهن جون مِٺون، مُرلي وڄائيندڙ مگٹهار جي مٺين وانگر ڦوڪيل هيون. ڪي نوجوان ڇوڪريون وڏن برقعن سان مُنهن اگهاڙو هٿن ۾ پرس گهرن مان نڪري سوزڪي ۾ وڃين ويٺيون.
رزاق راهي ٻڌايو تہ هتان سوزڪي چشما ڳوٺ، حيدري بندرگاهہ ۽ ٻين پروارن ڳوٺن ڏانهن ويندڙيون آهن. اسين مين روڊ وارو رستو ڇڏي هڪ گهٽيءَ ۾ داخل ٿياسين. جيڪا سڌي ”عبدالغفور چاموٽ بندرگاهہ ٿي وئي. ريڙهي مياڻ جو وڏو بندرگاهہ آهي. گهٽيءَ جي ٻنهي پاسن کان گند جا ڍير هجن. رستي جي وچ تي گٽرن جا ڍڪڻا کُليل ڪن گٽرن جو اڌ منهن تي گول لوهہ جا ڍڪڻا رکيل هجن. رستي ۾ نوجوان ڇوڪرا، ڇوڪريون، اُنهن جي وات ۾ سوپاريون، ڇُورو ۽ گُٽڪو هجي. رستي ۾ هر گذرندڙ ماڻهوءَ جو وات ڳاڙهو ڏسڻ ۾ آيو. رزاق راهي کي چيو: ”هتان جا ماڻهو ماني گهٽ ۽ گُٽڪو گهڻو استعمال ڪندا آهن. رزاق راهي کلي ڏنو. هُن جي وات ۾ بہ گُٽڪو هجي. ريڙهي مياڻ جا ماڻهو رنگ جا سانوار ۽ بُت ۾ سُڪل هجن. اسين بندرگاهہ ڏانهن ويندڙ گهٽيءَ ۾ هلندا رهياسين. سائين محمد عمر چاموٽ چيو.
ادا، هي جاءِ پنهنجي آهي، آچو چانءِ پي پوءِ ”بندر“ تي هلون ٿا. جاءِ جي ڏاڪن تي ماربل لڳل هجي. اسين اندر ڪمري ۾ داخل ٿياسين. کٽ تي سائين عبدالغفور چاموٽ سُتو پيو هو. هن سان آٺَ نَو سال اڳ ملاقات ٿي هُئي. حال احوال ٿيڻ کانپوءِ سائين عبدالغفور چاموٽ مون کي سڃاتو. ڪائنس طبيعت جي باري پُڇيو تہ ٻڌائڻ لڳو.
ادا، ست مهينا اڳ هن کي جاءِ ۾ جتي سُتو پيو آن، هلندي ڪري پيس، پوءِ

وهجي رهيس. هاڻ هلي نہ ٿو سگهان، ڇَڙي ۽ ڪنهن سهاري تي اُٺي ٿورو هلندو آهيان، ڪٻي ٽنگ سان هلي نہ ٿو سگهان.
سائين عبدالغفور چاموٽ ڳالهہ ڪندي، کٽ تي پاسو ورايو، ايتري ۾ رزاق راهي چار چانهيون کڻي آيو ۽ سيني کي چانهہ ڏئي، هڪ ڪوپ چانهہ جو پاڻ کڻي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.
سائين عبدالغفور چاموٽ پنهنجي ٽنگ جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳو. ”ادا، وڏي ڳالهہ اها آهي تہ مي جي ٽنگ ڀڳل ڪونهي، نہ ڪنهن هنڌ کان ٽٽل آهي، نہ ئي ڌَڪَ ڦَٽ جو نشان آهي، نہ وري ڪِ سور آهي. ٽنگ ۾ ڪو درد ٿئي ڪونہ پيو. پر پٽ تي پير رکي هلي نہ پيو سگهان. هي ٽنگ هلڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو آهي. ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايان ٿو پيو، ڦڪيون بہ هڻان پيو پر ڪو فائدو نہ آهي.
اڌ ڪلاڪ ڪن سائين عبدالغفور چاموٽ سان ڪچهري ٿي. پوءِ ڪائنس موڪلايو. اسين ساڳي گهٽيءَ مان بندرگاهہَ جي طرف هلڻ لڳاسين. سڄي هٽ تي هڪ گهر جي اڳيان وڏيءَ عمر وارو جوڙو (عوررت ۽ مرد) ويٺو هجي. اُهي پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا ٿي رهيا، پر اُنهن جي وات ۾ بہ ڇورو هُيو. هڪ جاءِ ۾ ڪجيءَ جو وڻ هُيو. ڪجي جون ڇڙيون پَٽَ جي مٿان گهٽيءَ جي طرف لڙيل هيون. ڇهن منٽن کانپوءِ اسين ”بندر“ تي پهچي ويا. تڙ تي ننڍڙا ٻار سائيڪلون هلائيندا رهيا. ڪي ٻار سُڪيءَ تي بيٺل ٻيڙين ۾ راند ڪندا ٿي رهيا. اسين ”ريڙهي درياهہ“ جي ڪنڌيءَ تي آچي بيٺاسين. درياهہ ۾ ٻيڙيون/هوڙا/هوڙيون هلنديون رهيون. ڪي ٻيڙيون درياهہ جي ڪنڌيءَ سان بيٺون هجن. اُنهن ۾ ماڻهو ويٺا هُجن. اسين تڙ کان واپس ٿياسين تہ ڪي ماڻهو سائين محمد عمر چاموٽ سان اچي مليا. پوءِ سڀئي گڏجي ”بندرگاهہ“ جي هڪ دڪان تي اچي ويٺاسين. سامهون ”ريڙهي درياهہ“ جو نظارو بہ ڏسڻ ۾ ٿي آيو.
ڪچهري ۾ ويٺلن ماڻهن پنهنجو تعارف ڪرايو. مُحمد جمن موساڻي عمر 48 سال، محمد رمضان خاصخيل، نور احمد جت، گلزار ”چاڪي“ ملڪائي، رزاق راهي فنڪار ريڙهي مياڻ، يوسف ملڪائي احمد سياراڻي، محمد جمن موساڻي، اُتي ڪلاڪ ڪن دوستن سان ڪچهري ڪري اٿياسين. سائين محمد عمر چاموٽ چيو. هاڻ ٻي پاسي هلنداسي. گهاتو

هيئر ڪٽنگ سيلون آهي. اتي ڳهڻا ماڻهو وينل آهن. جنهن جاءِ تي بيٺا آهيون. ان جي پٺيان آهي.

ريڙهي مياڻ مارڪيٽ هيءَ مارڪيٽ ”ريڙهي بندرگاهه“ تي هئي. اسين هلندا، نور محمد چاموٽ آئل شاپ“ اُن جي سامهون هاشمي ٽيلرز ۽ ”گهاتو هيئر ڪٽنگ سيلون“ هئي. اسين اُتي آياسين ته پنج ماڻهو وينل هئا. اُنهن پنهنجو تعارف ڪرايو. ”محمد يعقوب عمراڻي پنهنجو احوال ٻڌايو“.

آءٌ 1965ع ۾ ٺٽو ضلعو جي ”ٻُهارا“ شهر مان لڏي هت آيو هوس. هيئر هت ئي ”گهاتو هيئر ڪٽنگ سيلون“ کولي پنهنجو گذر سفر ڪريان پيو. پوءِ ٻي ماڻهو پنهنجهو تعارف ڪرايو. منهنجو نالو محمد حنيف شيخ، هيرئ شيخ محلا ريڙهي ۾ رهندو آهيان. اسان جا وڏا اصل سيوهڻ جا هئا.

محمد موسيٰ ”چاڪي“ اسين اصل سوڪي شهر جا آهيون، جڏهن سوڪي ڦٽو ته ”شاهه بندر“ تي اچي ويناسين. ڪجهه عرصو چوهڙ جمالي ميهڙ ۾ رهياسين هير چاليهن سالن (40) کان وٺي ريڙهيءَ ۾ رهون ٿا، هِت درزڪو ڪم ڪندو آهيان. علي محمد شيخ ۽ واڍو عباس موساڻي پنهنجو نالو ڪڇهريءَ وارن کي ٻڌايو. هن جي عمر سال هئي. قد جو ڊگهو، اڇو مٽو، ڳالهائڻ ۾ سيني کان تيز هيو. واڍو عباس موساڻي، ڪڇهريءَ وارن کي ”ٻيڙيءَ منجهه“ استعمال ٿيندڙ ڪاٺين جا نالا ٻڌايا. ايتري ۾ گهچ ۾ ابو واڍو ۽ ڊاڪٽر وارا به اچي پهتا،

اُولي:

هتّا:

جُنگ: اها ڪاٺي جيڪا پاٽين کي پاڻ ۾ ڳنڍي ۽ مضبوط ڪري

لَي:

ڪاترو: هن ڪاٺي جا به قسم ٿيندا آهن، ڪاترو وڏو، ڪاترو ننڍڙو (1) ڪاترو، هيءَ ڪاٺي ٻيڙيءَ جي اڳيان گولائيءَ ۾ لڳندو آهي. جنهن کي مانديو ڪاترو چوندا آهن.

(2) ڪاترو: هيءَ ڪاٺي ٻيڙيءَ جي پويان سنڌو لڳندو آهي جنهن ”ڪاترو پويون“ به چوندا آهن.

تَرَ: هيٺيون تر وارو حصو

راسو پيلجو: هي ڪاٺيون هوڙي ۽ ٻيڙيءَ جي ساڄ (ساڄي ۾ لڳن، ڪاٻي ۾

لڳن)

داسو پيلجو: اُها ڪاٺي جا هوڙي جي پنهي پاسن کي لڳي.

آڏا: اُهي ڪاٺيون جيڪي ٻيڙي جي اندران لڳنديون آهن. پٽَ، پاٽيا، رَوَ، سڪاڻ، مورو.

پوءِ دوستن کان موڪلائي ڊاڪٽر جليل جي گهر آيس.

صبح جو ڊاڪٽر جليل جي ڪلينڪ تي آياسين. اتي حسن درو سان ملاقات ٿي. حسن ولد ڌَرو ملڪاڻي عمر سوا سؤ لڳ ڀڳ آهي.

پوءِ حسن درس چوڻ لڳو ڪاڪ ۾ وينو هوس، جيڪا سوڪي جي اوپر ۾ هُئي. حاجي بچل خان ملڪاڻي جيڪو اُن ترَ جو وڏي حيثيت وارو باد شاهه ماڻهو هو، ڪاڪ اسانجو ڳوٺ هو. سوڪي تي ڪم ڪار سان ويندا هئاسين. سوڪيءَ جي ڏکڻ ۾ عثمان ڪورائي جو ڳوٺ هو. اُن ڳوٺ ۾ گهمڻ ويندا هئاسين. عثمان ڪورائيءَ جو ڳوٺ ”سنهڙي“ درياهه تي هو.

سوڪيءَ ۾ جا پِل پلائي هئي. اها ڪٿي ڪونه هئي، سوڪيءَ جي پاسي ۾ ”بندر“ هيو. اُتي عالي پاڻٽي مير بحر هو جيڪو مير واهه درياهه تي پتڻ اڪاريندو هو. ڪارو چاڙ يا ٻين پاسن کان ماڻهو ايندا هئا. اُنهن کي پار اُڪاريندو هو. سوڪي شهر جي ايراضي اڍائي کان ٽي ڪلوميٽر پکيڙ ۾ هئي. سوڪيءَ ۾ گهمندي مزو ايندو هو. اُن ٽيم ۾ سوڪي ڪشمير هئي. ڪوڙ ڪپٽ ڪونه هئي. امن وارو شهر هو. سوڪي پتڻ تي لَهي سوڪي شهر ڏي ويندي، ڏهه منٽ لڳندا هئا. سوڪيءَ جا ماڻهو وڏن چار چڱن جي ڳالهه ٻڌندا هئا. ڪنهن کي هَڪل ڪبي ته اُهو ماٺ ٿي، مُڙي ويندو. جهيڙو جهٽو ڪين ڪندو. هاڻ اُلٽو وقت پيو هلي، ڪو به چئن چڱن ۽ وڏن جي ڳالهه کي ٻڌي ڪونه پيو ۽ اڻ ٻڌي ڪري هليو پيو وڃي. مون کي چار پٽ آهن. اُنهن جي شادي ڪرايم، انهن جون مايون پٽن کي ڪٽي ويون. آءٌ ڏيءَ وٽ ڪاوان ٿو. هن پيرسني جي حالت ۾ آهيان پر سچائي سان مرڻ گهران ٿو.

رات جا سوا نَو (15: 9) ٿيا هئا، فون جي گهنٽي وڄي نمبر ڏٺو ته ياءُ الهڏنو خاصخيلي ڪيرواڻيءَ جو هيو. هن ڳهارو شهر ۾ ملڻ جو پروگرام رکيو هو، سو تيار ٿي ڳهارو جي لاءِ نڪتس. مون کي قاعد آباد ڪراچي کان سجاول شهر جي ويگن ملي، ان ستر روپيه (70) ڪرايو ورتو. ڪلاڪ سوا ڪانپوءِ ڳهارو بس اسٽاپ تي پهتس. ايتري ۾ الهڏنو خاصخيلي جي فون

آئي...

”ادا! آئون چيئرمين هوٽل تي ويٺو آهيان. اهو بس اسٽاپ تي آهي...“ منهنجي پرسان گاڏي وارو ويٺو هجي، تنهن کان ”چيئرمين هوٽل“ جي باري ۾ پڇيو.

”سائين! توهان سڄي طرف ڏسندا، سامهون چيئرمين هوٽل آٿو.“

”ادا مهرباني!“

مون ڪنڌ ورايو تہ سامهون ”چيئرمين هوٽل“ هجي. الهڏنو خاصخيلي ڪيرواٽي سامهون ڪاٺ جي صندل تي ويٺو هو. ان ڏي وڌي ويس. مون کي ڏسندي ئي اٿي آيو. هٿ ملائي چوڻ لڳو.

”ويهو ماني کائون.“

”ادا ماني دير سان کائيندس.“

”چڱو هاڻي چاچي عيسي خاصخيلي جي جاءِ تي هلون ٿا.

الڏنو خاصخيلي هلندو ڪجهہ ڳالهيون ٻڌائڻ لڳو.

سوکيءَ ۾ خواجہ رهندا هئا. اهي زميندار هئا. هاڻي ڪراچي نيو مارڪيٽ ۾ سونارڪو ڌنڌو ڪندا آهن. اسين سوکيءَ ۾ گهمڻ ويندا هئاسين. ڏاڍو مزو ايندو هو. ڪارو چاڻ ۾ رهندا هئاسين، پر سوکي ۾ هڪ نہ ٻئي ڏينهن ويندا هياسين، سوکي جا ڪنيار، اهي لڏجي ڪارو چاڻ ۾ اچي ويٺا. ڪجهہ سالن ڪانپوءِ اهي ڪاروچاڻ مان لڏي وڃي گهارو ويٺا. هير گهارو ۾ انهن جي ڪپڙن جا دڪان آهن.

اڳي برسات پوندي هئي تہ ڪارو چاڻ ۽ ساموندي پٽي ۾ خوبصورت گلڙا ڦٽي پوندا هئا. وليون پٽن تي اپري ايندڙيون هيون. مَريڙو، لُلر، سائون، ڪُنڀي، پٽ پُون ڦاڙ، پوئانتي، گولاڙو، پيا بہ ڪوڙ نالا آهن. ڪي وليون آنَ ڏينديون هيون. اسين ان جو پٽ پچائيندا هئاسين. ڪارو چاڻ جي پاسي ۾ اُترادي ملاحن جو ڳوٺ هو، جيڪو اسحاق اترادي سان مشهور هو. ان اترادي ڳوٺ ۾ مِي جا (منهنجا) سک وارا دوست هئا.

ادا! ساموندي ماڙهن (ماڻهن) جي حياتي هاڻي ڏاڍي ڏکي آهي. درياهہ جون ڪنڌيون پَسو، پيٽن ۽ ڍورن کي وڃي ڏسو، اجڙيا، ڪارا لڳا پيا آهن. اُهي ماضي واري سُونهن مال جون ڪُڏڪاريون، پاڳين جا وٿاڻ جيڪي خوشين سان پريا پيا هوندا هئا. اهي سڀ ڪونہ آهن. هير نہ ڪِي

وٿاڻ، نہ ڪي وڻَ وليون. نہ وري پاڳيا آهن. ڪنهن ڍوري ۽ درياهہ جي ڪنڌيءَ تي ڪو گهر آهي تہ اهو بہ آسري ۾ ويٺو آهي تہ من سنڌوءَ جو مِٺو پاڻي آچي... پر اِها اُميد واري تند اندر منجهہ ڇڇي پئي آهي.

ڪارو ۽ سوکيءَ ۾ ”ڪاتيار“ ويٺا هوندا هئا، انهن جا ڪي گهر ڪڏا مارڪيٽ ۾ آباد آهن. اصل ۾ اُهي سوکي شهرجا آهن.

حاجي ابراهيم فقيراڻي جت سان ڳالهہ ٻولهہ

ٻئي ڏينهن منجهند جو ٻارهين وڳي ڳوٺ رسول بخش مَرووا بلوچ ۾ حاجي ابراهيم پٽ حاجي صديق فقيراڻي جَتَ سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي هن ٻڌايو تہ:

”اسان جو ڳوٺ ڪيٽي بندر کان چئن ميلن تي آهي. منهنجي پيءُ ”حاجي صديق فقيراڻي جت“ جي نالي سان ڳوٺ آهي. هن ڳوٺ ۾ سئو کن (100) فقيراڻي جتن جا گهر آهن. اسان جي ڳوٺ کان ٿوري پنڌ تي دبائي جت رهندا آهن. ان ڳوٺ جو نالو حاجي اسماعيل دبائي جت آهي. اسان جا مائٽ وڏا سي سوکيءَ ۾ رهندا هئا. اسان جي وڏن جو سوکيءَ منجهہ اُنين (اُٺن) جو ڌنڌو هو. لاباري جي مُند ۾ اسين اُٺيون (اُٺُ) درياهہ منجهان اڪاري، سوکيءَ تي ويندا هئاسين. اسين پنهنجو لڏو ٻيڙين ۾ ڪٽي ويندا هئاسين. سال ۾ ٻہ مهينا ”ڪتي ۽ نهاري“ اهي هندي مهينا آهن، اهي ٻئي مهينا سوکيءَ ۾ رهي لاباروڪندا هئاسين. سوکيءَ ۾ اُٺين (اُٺن جو واپار بہ ڪندا هئاسين. اسين اُٺين جو واپار اچ تائين ڪندا اچون ٿا. اسان جو اهو ڌنڌو صدين کان وٺي آهي. هير اسين پيا ڪريون. هاڻي مَڇي وارو ڌندو بہ ڪريون. منهنجا ٿي ٻيڙا آهن، هڪ ٻيڙو مال (اُٺين) کي پاڻي پيارڻ جي لاءِ ۽ ٻہ ٻيڙا (هوڙا) مڇيءَ جي شڪار لاءِ آهن. اسان جي ڳوٺ ۾ سئو ٻيڙا (هوڙا) آهن. سيئي جَت مڇيءَ وارو ڌنڌو پيا ڪريون. سنڌ جي ساموندري پٽي ۽ لاڙ ۾ ميلا لڳندا آهن، اُتي اُٺيون ڪاهي وڃي وڪرو ڪندا آهيون.

غلام شاهہ جو ميلو ”مَلهہ درياهہَ“ تي لڳندو آهي. اسين پنڌ اُٺيون ڪاهي ويندا آهيون. اسان کي ڏهہ ڏينهن لڳي ويندا آهن. بدين جي پاسي ۾ ساجن سوائي جي ميلي ۾ اُٺيون ڪاهي ويندا آهيون. هن ميلي تي اُٺيون (اُٺ) زيادهہ وڪرو ٿينديون آهن. اُٺين (اُٺن) جا ڪيترائي قسم آهن. هر

اُٺ جو پنهنجو مُلهه هوندو آهي. اُنين جا رنگ به ٿين. ڪتي رنگ، ڪاري رنگ، ساوي رنگ، پوري رنگ، ڳاڙهي رنگ وغيره. اُنن ۾ ذاتيون ٿينديون آهن.

سنڌي سنهڙا اُٺ، مڪراني اُٺ، جابلو اُٺ، ڍاٽي اُٺ، هي اُٺ ٿر جي پاسي جا آهن. ڪارائي اُٺ. هي اُٺ ساموندري پٽي جا آهن.

صبح جو باقر خان مروا بلوچ سان گڏجي نٽي آيس، ان ڪان موڪلاءِ ڪراچي هليو ويس. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ باقر خان جي فون آئي.

”ادا! آءُ هير نٽو مڪلي تي آهيان، مجهند جو هِتان ڪُم وٺائي ساڪرو شهر مَنجهه ايندس. سو توهان اُتي آچو...“

ادا باقر خان! مان هِن وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ آهيان، هڪ وڳي هتان نڪرندس، پوءِ پنجين وڳي ڌاري ساڪرو پهچي ويندس.

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان واندو ٿي، ڀاءُ نويد ٿلهو جي گهر آيس. ماني ڪائي ٿيلهو ڪٽي ٻاهر روڊ تي آيس. رڪشه ۾ چڙهي جوهر مري تي اچي، اتان D-7 گاڏي ۾ چڙهي قائدآباد آيس. اُتان ڳاڙهو شهر جي وين ۾ ويٺس. گهارو جي گولائيءَ وَٽ وين بيهي رهي، گولائي ڪان هڪ رستو گُجوءِ نٽو وچي رهيو هو. ٻيو رستو ٻوهارا. ساڪرو ڳاڙهو ۽ ڪيٽي بندر ڏانهن ٿي ويون. گهارو جي وٽان هڪ وڏي عُمر جو شخص وين ۾ چڙهيو، منهنجي ڀرسان خالي جاءِ هَئي، اُتي ويهي رهيو. ڪجهه منٽن ڪانپوءِ وين هلڻ لڳي، ان همراهه سان حال احوال ٿيا، هُن پنهنجو نالو محمد موسيٰ لاشاري ٻڌايو. ڳاڙهو ۾ هُن جو ڪاروبار هو. وين جي در تي بيٺل نوجوان وڏي آواز ۾ ساڪرو .... ڳاڙهو.... ساڪرو ..... ڳاڙهو چوندو رهيو. اڳيان اسپيڊ بريڪر هَجي، وين جَهڪي ٿي ته اُتي ٽي چار ماڻهو بيٺا هئا. انهن وين کي هَٿ ڏنو ته وين بيهي رهي، وين جي اندر ٽن ماڻهن جي ويهڻ جي جاءِ هُئي، هڪ ڄڻو وين جي مٿان ويهي رهيو. آواز ڏيندڙ ڇوڪرو وين جو دروازو بند ڪري اُهو به وين جي پٺيان بيهي رهيو، پنج لڳي پنجاهه منٽن (5:50) تي وين ساڪرو شهر ۾ داخل ٿي.

وين ساڪرو جي روڊ تي هلندي رهي، هڪ چوڪ تي بيهي رهي ڀَرِ ۾ ويٺل محمد موسيٰ لاشاري هيٺ لٿو ۽ چيائين.

سائين ٿورو اڳيان پاسي تي سنڌ بلوچستان گبول هوٽل آهي توهان

اُتي ويهي رهندا. جي اسان وَٽ ڳاڙهو شهر هلو ته مهرباني ٿيندي.

سائين! توهان جا لک ٿورا، منهنجو دوست ساڪرو ۾ آچڻو آهي.

لاشاري صاحب ڪان موڪلائي ٿورو اڳتي هليس ته سامهون هوٽل هَجي، اُن تي سنڌ بلوچستان گبول هوٽل لکيل هيو.

ساڪرو جي روڊ تي ماڻهن جي آچَ وڃ، غريب سارو ماڻهو، هر هڪ جي مِٽَ مُرلي وڄائيندڙ جوڳي جي مِٽَ وانگر ڦوڪيل هجي، اِها ڳالهه سمجهه ۾ ٿي آئي، هتان جا ننڍا وڏا ماڻهو گٽڪو گهٽو واپرائين پيا.

اُهي هلندين هلندين ڪنڌ کي لاڙي ڳاڙهي رنگ جي پچڪاري روڊ تي اُڇلائي وري هلندا رهيا، ساڪرو شهر جون پٽيون، هوٽلن جي ٻاهران روڊ ۾ گهٽين ۾ ڳارهن رنگن جا چٽاءِ داغ هجن. گبول هوٽل جي ٻاهران مانڊٽي هُئي، آءُ مانڊٽيءَ جي پاسي مان گذري هوٽل ۾ آيس چانهه ڪاڙهيندڙ ڇوڪري کي هڪ چانهه جو چيو.

اُن جي وات ۾ چورو هُجي، مون کي آواز ڏيڻ کان اڳ وات ۾ چورو کي ڦيرائي مِٺ جي هڪ پاسي رکي چيائين، ڀاءُ ويهو چانهه سُٺي ٺاهِ ڏيان ٿو.

هوٽل ۾ ٽي چار ماڻهو چوڪڙي ٺاهيون پاڻ ۾ ويٺا ڪچهري ڪَنَ، دخل تي ويٺل جوان کي ڏنو ته اهو به گٽڪو ڪائي رهيو هو، آءُ ٿيلهو ڪرسيءَ تي رکيو، پاسي ۾ هَٿَ ڌوئڻ جي جاءِ هُجي. اُتي هَٿ ڌوئي، مُنهن تي پاڻيءَ جو ڇَنڊو هنيو، پوءِ اچي ڪرسيءَ تي ويٺس، ايتري ۾ ڇوڪرو چانهه ڪٽي آيو، هُن جا ڏند ڳاڙها ۽ ڪارا هُجن، وات ڳاڙهو هوس، چانهه رکندي چيائين.

ڀاءُ! ڪُجهه کپي.

ادا! مهرباني.

روڊ تي ٽريڪٽر ٽالهي کي گذرندو ڏٺو، اُهو ٻٽاڻن جو ڏسڻ ۾ آيو. هوٽل ۾ وڏي عمر جو ماڻهو، اُن سان گڏ ڏاڙهي سان هڪ شخص هو، اهي ٻئي هوٽل ۾ آيا. جنهن ماڻهوءَ کي ڏاڙهي ڪو نه هُئي، اهو خان، خان چئي ٻي همراهه سان ڳالهائي رهيو. مون فون ڪري دوست باقر خان کي گبول هوٽل جي باري ۾ ٻڌايو، باقر خان چيو، آءُ مڪلي مان نڪري چڪو آهيان، توهان اِنهيءَ هوٽل تي اِتي ويٺا هجو آچان پيو، ايتري ۾ هوٽل جو بيرو آيو، تنهن

ڪان پڇيو.

ادا، هت ساڪرو ۾ پٺاڻ آهن ڇا.؟

منهنجي سوال پُڇڻ تي هُن جي منهن ۾ گهنج پئجي ويا، پوءِ تيز آواز ۾ چيائين، ساڪرو شهر کي ڇڏيو، پٺاڻ ٽولن جي شڪل ۾ هر ننڍي وڏي ڳوٺ ۾ ڪاهي پيا آهن، الائجي ڪٿي ڪان آيا آهن، ساڪرو ۽ ٻين شهرن ۾ پنهنجا ڪاروبار کولي ويٺا آهن، اُنهن کي پنهنجن وڏيرن جو هَٿ آهي، ڪٿي اِهي پٺاڻ هتان جا زميندار ٿي نہ وڃن، اهو اسان مسڪينن کي خوف ورائي ويو آهي.

اسان آئيون آڻ پڙهيا، پتو پوي ڪو نہ پيو، ڇا پيو ٿئي. اسان جي ماڳن تان ٻاڙهو، ڪارو ٻگهاڙ جا دوست ايندا آهن. ٻگهاڙ ۽ ٻُهارا ويندو آهيان، اُتي بہ پٺاڻ پريا پيا آهن. اِهي پٺاڻ ٽريڪٽر هلائين، واهن جي ڪاٽي ڪٽڻ، نسوار گٽڪو ۽ ڪپڙي جا ڪاروبار ڪَن، ٻيو اهو تہ هر هڪ شهر ۾ پٺاڻن جا پنج ڇهہ هوٽل آهن. ننڍين شهرن ۾ هڪ ٻہ پر ساڪرو ۽ ٻاڙهو ۾ چانهہ جا هوٽل ججها کوليون ويٺا آهن.

ٻيري جي ڳالهہ ٻڌي خاموش ٿي ويس، هي پٺاڻ قائدآباد ڪان ڏاپيجي، گهارو ساڪرو، ٻاڙهو تائين آيا آهن. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ڪجهہ سال ۾ سامونڊي پٽيءَ تي رڳو پٺاڻ ئي پٺاڻ هُجن. ٻيرو خالي ڪوپ ڪٽي ويو، مان اُتي دخل ٿي آيس، چانهہ جا پئسا ڏئي واپس پنهنجي جاءِ تي ويٺس. مون ڏٺو تہ باقر خان مروا بلوچ هوٽل جي پاسي ۾ مانڊٽيءَ هئي، اُتي موٽرسائيڪل بيهاري رهيو، هو ٿيلهو ڪٽي هوٽل ڪان ٻاهر نڪري آيس، باقر خان سان مليس.

باقر خان جي موبائيل جي گهنٽي وڳي، هن ڪنهن کي چيو، “اسين ٻہ ڄڻا آهيون، رات جو تو وٽ پهچي ويندا اسين. ماني ٽڪيءَ جو بندوبست ڪري ڇَڏِ، اسين ساڪرو مان نڪرو ن پيا.” باقر خان فون بند ڪئي ۽ چيائين ادا، موٽرسائيڪل جي چين ڍَري ٿي پئي آهي، اڳيان پٺاڻ جو دڪان آهي. اُهي نيون موٽرسائيڪلون ڪپائيندا آهن، اُتي هلي موٽرسائيڪل جي چين ڇڪرائي، پوءِ ٻاڙهو، ڪيٽي بندر وارو رستو وٺي هلنداسين. پر ٻاڙهو ڪانپوءِ ٻگهاڙ ۽ ڪيٽي بند وارو رستو ڪو نہ وٺي هلنداسين، اهو ڏاڍو خراب رستو آهي، ٻاڙهو ڪان ڪچو گس نڪري پيو،

رات جو وقت آهي، گس سنو ڪونهي ڪو، پر سوَلو آهي، اُهو وٺي مور ڇڏائي ڳوٺ ۾ هلنداسين.

اسين موٽرسائيڪل ڪاهي اُن دڪان تي آياسين، باقر خان موٽرسائيڪل جي چين ڇڪرائي، هوا تيز گهلي رهي هُئي، روڊ جي ٻنهي پاسن ڪان پَڪا دڪان هُجن، دڪانن ڪان ڪجهہ فاصلي تي ڪکن ڪانن واريون جايون هُيون.

روڊ تي هڪ چنگچيءَ ۾ ٻوريون سَٽل هيون. هلائيندڙ ڇوڪرو جي پٽيان ماڻهو ويٺل هُيا. ڪيتريون ئي چنگچيون سواريون ڪنيون پيون وڃن، ڪي ساڪرو شهر ڏي آچي رهيون تہ ڪي وري ساڪرو مان ماڻهو ڀَريو وڃن پيون.

اسان کي سج لهي چڪو هو، واءُ تيز لڳي رهي هُجي، گهوڙا ٻاري روڊ ٽپي اڳتي هلندا رهياسين، روڊ جي ٻنهي پاسن ڪان ڪلراٺي زمين، پري ڪان ڪي گهرَ چَنن، مَنهنَ، ڪانن ڪڙن وارا ڏسڻ آيا. هاڻ اسين ڊارا ڳوٺ ٽپي چڪا هياسين، واءُ تيز گهلي رهيو هو، باقر خان موٽرسائيڪل جي رفتار جَهڪي ڪَئي، روڊ پَڪو هُيو، گاڏين جي آچَ وَچَ لڳي پئي هئي.

باقر خان هڪ ڳوٺ ڏانهن اشارو ڪيو، جيڪو روڊ ڪان ٿوري پنڌ هجي. “ادا، هيءَ ڳوٺ قاضي احسان جو آهي، اُن جي ڀَر ۾ واڍا ڳوٺ (واڍن جو ڳوٺ) آهي. جيڪي ڪٿي آهن، اسين ٻُهارا شهر جي ويجهو آهيون. سڄي هٿ تي هڪ پيٽرول پمپ هو، باقر خان مروا بلوچ اُن پيٽرول پمپ تي موٽرسائيڪل بيهاري ۽ پيٽرول وجهرايو. “هي پيٽرول پمپ واحد گَراٽو ميمڻ جو آهي. پيٽرول پمپ تي هڪ نوجوان اچي باقر خان سان هٿ ملايو ۽ وري مونسان ملائي باقر خان کي چيو.

ڪاڏي پيا وَڃو....

ادا، مور ڇڏائي جي ڳوٺ وڃون پيا.

باقر خان اُن ماڻهوءَ ڪان موڪلائي موٽرسائيڪل چالو ڪئي. ٻهارا شَهر ۾ اسين آٽ لڳي دٻو ريگيوليٽر تي پهتاسين. باقر خان اتي ٻن ٽن منٽن جي لاءِ موٽرسائيڪل بيهاري هيٺ لهي ويو. اڳيان سروي هجي، اتان ٿي دٻو ريگيوليٽر کي آٺَ، دروازا هُجن. ٽنو، وَر شهر جو گندو پاڻي ۽ واهنِ جو گندو پاڻي زمينن جو پاڻي، سڀئي هِن ريگيوليٽر جي رستي سان وڃي سمنڊ

۾ چوڙ ڪندا آهن. اسين موٽرسائيڪل چالو ڪري اڳتي هلياسين. ڏهن منٽن ڪانپوءِ ٻاڙهو شهر جي ٻاهران عزيز ملاح جي هوٽل وَٽ چانهه پيئڻ جي لاءِ گاڏي بيهاري سون، ان وقت عبدالجبار تاثير ’شاعر‘ جي فون آئي، تنهن مون کان حال احوال پُڇيا.

ادا، ڪٿي آهيو.

”سائين، ٻاڙهو شهر جي ٻاهران هوٽل تي چانهه پيئڻ جي لاءِ بيٺا آهيون“. ٿوري دير ڪانپوءِ اسان ٻئي شهر ڏي ويندا سين. ”ادا! چڱو، توهان پنهنجي منزل تي پهچو، پوءِ حال احوال ڪبا. فون بند ٿي وئي، موٽرسائيڪل جي پاسي ۾ ڪاٺ جو وڏو صندل هيو، اُتي چڙهي، پلٿي هڻي ويٺاسين. ڪاٺ جي صندل تي پاڻيءَ وارو ڪولر پيو هيو، اُن مان گلاس پاڻيءَ جو ڀري منهن تي ڇنڊو هنيو، پوءِ ٻچيل پاڻي جو ڍڪ ڀريو.

هڪڙو همراهه آيو، اسان سان هَٿ ملائي صندل جي پاسي ۾ ويهي باقر خان سان ڳالهه ڪري رهيو هو. باقر خان اُن ماڻهو جي باري ۾ ٻڌايو.

هي خاصخيلي آهي، هنن جي وڏڙن ٻاڙهو نالي سان هي شَهر آباد ڪيو. هن شهر ۾ سوڪي ۽ ڪاروچاڻ جا ڪيترائي ماڻهو آباد آهن. هير وڏو شهر ٿي ويو آهي، ڪنهن وقت ۾ هن جاءِ تي هڪ دُڪان، هِڪُ ڍَڪُ هوندو هو. جڏهن سمنڊ جي کاري پاڻيءَ درياهن جي ڪنڌين کي ڦٽائڻ ۽ اُجاڙڻ شروع ٿيو ته اُتان جي ماڻهن لڏپلاڻ ڪري مختلف ماڳن ۽ هنڌن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڃي آباد ٿيا. هي پَٽَ خالي پيا هُيا، پوءِ هن پَٽَ تي ماڻهن پنهنجا گهر اَڏيا. هي ٻاڙهو شهر وڏو آهي، ڪيٽي بندر ساڪرو وارو روڊ مان وڏي ماڻهن جي آچُ وَڃ ٿيندي هئي. جنهن سبب جي ڪري ٻاڙهو شهر ٻن ٽن گهرن ۽ جاين وارو هنڌ هاڻ وڏو مرڪزي شهر بڻجي ويو آهي. هن شهر ۾ پناڻن جا ماني وارا هوٽل، چانهه جا هوٽل آهن. ان کان علاوه ٻيو ڏنڊو به ڪندا آهن ۽ وڌندا وڃن ٿا. هنن پٽن ۾ پناڻ ڏاڍو آيو آهي، آهي واهن جي ڪاٺي، هَرن وارو ٽريڪٽر ٺاهڻ وارو به ڪم ڪندا آهن. باقر خان مروا بلوچ اُن همراهه سان ڳالهائيندي چيو:

خاصخيلين جا پنج پاڙا آهن، 1 خاصخيلي 2 خاص ڪيلي 3 غلام 4 ٻانها 5 گڊا آهن، اسين ڏهه منٽ ڪن اتي ويٺاسين پوءِ اُن همراهه کان موڪلايوسين. باقر خان چيو.

ادا! اسان کي ڀڳهاڻ وڃڻو آهي، ٻاڙهو شهر ڪانپوءِ ڀڳهاڻ، ڪيٽي بندر آچي ٿو. پر رستو گهڻو خراب آهي، سالن کان وٺي ائين ئي پيو آهي، رستي تي پٿر آهن، جيڪي ٽائرن جي لاءِ ٻُڙي آهن. گاڏين جا ٽائر پنچر ٿيو وڃن، ڦاٽي پون ٿا.“

اسين ٻاڙهو شهر مان اندران هڪ ڪچو رستو وٺي هلنداسين، هي رستو مختلف ڳوٺن مان گذري ٿو، علي محمد جانيارو، سڪندر علي جانيارو جانيئڙو ۽ شيخ ڳوٺ ڪانپوءِ اوچتو درياهه جو پاسو وٺي، اُهو ٽپي ڀڳهاڻ ۾ داخل ٿي، پوءِ مور چڙائي هلنداسين.

باقر خان جي ڳالهه ٻڌي اندازو لڳايو ته اجان ڪلاڪ ٻن جو پنڌ ٿيندو. هاڻ اسين ٻاڙهو شهر مان گذرڻ لڳاسين، شهر جي وچ وارو رستو جنهن تي پٿر هُجن. ائين لڳو، جڻ سالن کان وٺي هن روڊ تي پٿر وڇايل هجن. تنهن کي پڪو روڊ ڪونه ڪيو ويو آهي. سنڌ جي ڳوٺن ۾ رستن ۽ روڊن تي ۽ شهرن جي گهٽين ۾ اڪثر پٿر وڇايل هوندا آهن. بس روڊ ٺهي ويا. اهو مڪمل پڪو روڊ بڻايو ڪونه ويندو آهي. موٽرسائيڪل پٿرن واري روڊ تي هلندي رهي، ٻاڙهو شهر ۾ خاصخيلي جي هوٽل هُئي. اُتي ڪاروچاڻ جون گاڏيون بيٺل هُيون، خاصخيلي هوٽل کان گهارو ۽ قائدآباد ۽ حيدري بندرگاهه تائين وينديون آهن.

ڪيٽي بندر کان ڪراچي ويندڙ گاڏيون ٻاڙهو، ٻهارا، ساڪرو کان گذري وينديون آهن.

هاڻ اسين ٻاڙهو شهر مان نڪري، هڪ ڪچو چارو (رستو) ورتو، اُن رستي جي ٻنهي پاسن کان فصل هُيا. ڦٽيون، ڪيلا، ڪمند ۽ گدرن جا فصل هئا. ڪٿي خالي سُنسان پَٽَ هئا، ڪنهن مَهل گدڙن جون اُوناهيون آچي رهيون هُيون. اوچتو باقر خان موٽرسائيڪل کي بيهاريو، موٽرسائيڪل جي اڳئين بتيءَ جي روشنيءَ ۾ ڪُجهه ڪچا گهر ڏسڻ ۾ آيا. باقر خان گهرن ڏانهن ڏسي چيو.

”ادا! اسين رستو ڀلجي وياسين.“ هڪ ڪچي رستي مان ٻه ٽي ڪچا ٻيا رستا نڪرندا رهيا، سو ماٺَ ڪري بيهي رهياسين. باقر خان چيو، هاڻ ڳوٺاڻو اچي پيو ان کان پڇبو، هڪ همراهه کي گهرن مان ٻاهر ايندو ڏٺوسين، جڏهن اهو پرسان آيو ته باقر خان مروا اُن کان رستي بابت پُڇيو.

ادا، رستو پلجي بيهي رهياسين، اسان کي مور چڏائي وڃڻو آهي. آءٌ ڪيترائي ڀيرا هن گس سان آيو ويو آهيان، پر رات جي ڪري گس پلجي ويا آهيون. اهي پٽر ماڻهن جي لاءِ وڏو آزار بڻيل آهن. مهرباني ڪري ٻگهاڻ وڃڻ جو رستو ٻڌايو. اُن همراهه هَٿَ جو اشارو ڪري چيو، "وري وڃو".

"وَري وڃو" اهو لفظ سمجهه ۾ ڪو نه آيو.

"ادا، گس سمجهه ۾ آچي ويو"، باقر خان ائين چئي، پوءِ موٽرسائيڪل کي ڦيرائي هلڻ لڳو. ڪجهه فاصلو طئي ڪيوسين ته هڪ هنڌ تي ٻه ڪچا رستا نڪرن پيا، هڪ ڪچي رستي اسين آياسين، هاڻ ٻيو ڪچو رستو وٺي هلڻ لڳاسين، پندرنهن ويهن منٽن ڪانپوءِ ڏٺوسين، جنهن رستي هلي رهيا هئاسين، اُن مان ٻه ٻيا ڪچا رستا نَڪرن پيا. اسان هڪڙو رستو وٺي هلندا وياسين، خبر تڏهن پئي ته اسين ڪنهن گهر جي پڌر (اڱڻ) تي اچي بيٺاسون. اُتي مال جو وٿاڻ هُيو، هڪ نوجوان بيٺو هجي، اسان کي ڏسي اچڻ لڳو. اهو سمجهي وياسين ته آسين هاڻي گس پُلجي ويا آهيون، اهو آيو اسان سان هٿ ملائي چيو.

آءٌ سمجهي ويس توهان پلجي ويا آهيو، اهو ٻڌايو ته ڪٿي ويندؤ.؟

ٻاءُ، ٻگهاڻ ويندا اسين.

چڱو، توهين هيٺ لَهو، آءٌ گاڏي هلائيندس. توهان منهنجي پويان ويهو ۽ توهان کي صحي گس تي چڙي پوءِ گهر موٽي ايندس.

اسين هيٺ لٿاسين، اُن نوجوان گاڏي هلائي ۽ هلندو رهيو، ڪجهه منٽن ڪانپوءِ هڪ چواٽي تي موٽرسائيڪل کي بيهاريو، پاڻ هيٺ لهي چيائين.

ادا، اهو گس وٺي ويندا اڳيان اوچتو درياهه جي چاڙ ايندي، جيڪا ٻگهاڻ جي پاسي ۾ آهي.

ادا، مهرباني.

پوءِ اسين موٽرسائيڪل چالو ڪري هلياسين، ڪجهه منٽن ڪانپوءِ اوچتو درياهه تي نهيل پُل ٽپي ٻگهاڻ شِهر ۾ داخل ٿياسين. رات جو وقت هجي، شهر بند هيو، ڪٿي ڪٿي ڪتن جي ڀونڪڻ جا آواز ٿي آيا. روڊ جي پاسن کان گند ڪچري وارين جاين تي ڪتا ويٺا هُئا، ڪتن ڪانن جا

دڪان نهيل، ڪجهه پڪا گهر هُئا.

باقر خان چيو، هي روڊ ڪاروڇاڻ ڦاٽ درياهه تي وڃي ٿو. باقي اڌ ڪلاڪ جو پنڌ ٿيندو، پوءِ اسين مور چڏائي ڳوٺ ۾ پهچي ويندا اسين.

رستي جي پاسن کان ديوين جا وَڻ هئا. اسين پنجويهه منٽن ڪانپوءِ ڳوٺ مور چڏائي ۾ پهتاسين. هڪ پڪي جاءِ ڏسڻ ۾ آئي، اُن ۾ داخل ٿياسين، باقر خان مروا چيو. هي اسڪول آهي. موٽرسائيڪل بيهاري، ان جي لائيٽ ٻاري چڏي ۽ موبائل فون ڪڍي، ان جي روشني ڪَري، روشني ڦيرائيندي پٽ کي ڏسندو هليو پئي. ڪيس پَٽَ صاف ڏسڻ ۾ آيس ته پوءِ فون تي ڪنهن سان ڳالهائڻ لڳو.

"عباس! هَلي آ اسين رَسي ويا آهيون.؟"

اسڪول ڪان سَڏَ پنڌ تي گهرَ هئا. اسين اسڪول مان ٻاهر نڪري آياسين، اتي ٻاڙهين پڪي سرن جو روڊ هجي. ان جي سامهون هڪ هڪ ڪمري واريون جايون هجن. جنهن جاءِ ۾ روشني ٻري رهي هئي، ان جاءِ ڏانهن باقر خان اشارو ڪري چيو، "ادا! هي سوڪي ويلفيئر جي آفيس آهي." هن ڳوٺ ۽ ڀرپاسن وارن ڳوٺن ۾ سوڪي شهر جا ماڻهو رهن ٿا. ڪي وڏي عمر جا آهن، هڪ ٻه ماڻهو حيات آهي، ان جو ڏک پتو ڪريون ٿا، هينئر رات ٿي وئي آهي، صبح جو ڪنهن هڪ سان ملي وٺندا اسين.

باقر خان ۽ آئون ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين ته ڪجهه نوجوان ميدان تي ٻن ڪٽن تي هنڌ وڇائي هليا ويا. پوءِ اسين اچي ڪٽن تي ويٺاسين، ايتري ۾ هڪ نوجوان اچي هٿ ملايو ته باقر خان چيو، "ادا! هي عباس آهي، جنهن کي مون فون ڪئي هئي."

پوءِ عباس هٿ ملائي گهر جي پاسي هليو ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ ماني ڪڻائي آيو. اسان سڀني ماني کاڌي، هَٿ ڌوئي ويٺاسين، جنهن جاءِ ۾ روشني هُئي اُن مان هڪ ماڻهو ٻاهر آيو. اسان سان هٿ ملايو، پوءِ عباس چيو.

هي سوڪي ويلفيئر آفيس جو سيڪريٽري آهي، هاڻ هلو ته "سوڪي" آفيس ۾ ڪچهري ڪريون، پوءِ سڀئي اُٿياسين، سوڪيءَ جي آفيس ۾ ٻه نوجوان ويٺا هئا، اسان ويٺاسين ٻه ٽي ٻيا ماڻهو آيا. انهن سڀني جو باقر خان مروا تعارف ڪرايو، ڳوٺاڻن سان ڪچهري هلندي. سنڌي ٻوليءَ جي

پراڻن لفظن تي بحث ٿيو. ڪچهريءَ ۾ چاچا محمد شولائي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا بيت ٻُڌايا تہ باقر خان چيو.

"چاچا محمد شولاڻي جو وڏو ڀاءُ عمر مشهور ناڪئو هيو."

پوءِ محمد پٽ حاجي هاشم شولاڻي پنهنجي شاديءَ ۽ ڳوٺ ٽِڪو جو واقعو ٻڌايو، ٽِڪو ڳوٺ ديهہ وَٽيون ۾ آهي، ڳوٺ ۾ ميلا ملاڪڙا لڳندا هئا.

اتي دڪان کي ڪاڇيل ۾ ٻُنيو هو. (ڪاڇيل جي معنيٰ ڏکڻ ۽ ٻُنيو جي معنيٰ دروازو) جتان اسين سامان سَڙا ورتا ها. مِي جي شاديءَ جو خرچو ارڙهن سئو روپيہ آيو. مي جي ڀاءُ ناڪئو حاجي عمر شولائي دڪاندار کي اڳ ۾ ٽي هزار روپيہ ڏئي ڇڏيا هئا. شاديءَ کانپوءِ اُن دڪاندار ٻارنهن سئو اسان کي موٽائي ڏنا.

منهنجو ڀاءُ ناڪئو عمر شولائي، مشهور ناڪئو هو جيڪو "عُمر چَرئي" جي نالي سان مشهور هُيو، هِڪ ڀيري درياهہ تي مڇيءَ جو شڪار گهوريندي انڊين نيويءَ وارن سان جهڳڙو ٿي پيو، جنهن ۾ منهنجي ڀاءُ عمر کي گولي لڳي، ٻي گولي جَت عارف ڇڇ جهان خان کي لڳي، ٻئي مري ويا، پوءِ اسين اُهي لاش ڪٽائي آياسين.

ڪجهہ دير جي لاءِ محفل ۾ ماٺ ڇانئجي وئي، پوءِ چاچا محمد شولاڻي چيو.

"اسين ماڙ "ماڙهو" درياهہ جي ڊنڊي ڪانسواءِ رهي ۽ جي نٿا سگهون. اهو اسان جي جيئڻ جو گس آم، ان گس ۾ ايترا ڏکيا ۽ موتمار واقعا اپري پوندا آهن، جو پنهنجن پيارن جو منهن بہ ڏسي ڪونہ سگهندا آهيون. درياهہ تي شڪار ڪندي، طوفان هوائن، تيز موتمار لهرن سان لڙندي، وڙهندي بہ اسين زندگي هارائي ويهندا آهيون. اسان جي انهن ڏکن ۾ ڪو وڏو ماڙهو شريڪ ڪونہ ٿيندو آهي. بس اسين پنهنجو پاڻ ۾ "درياهي ماڙهو" (درياهہ جو ڊنڊو ڪندڙ ماڙهو) هڪ ٻئي جي ڏکن ڏاکڙن کي سمجهندي، محسوس ڪندي، پنهنجا سور هڪٻئي سان سلي ونندا آهيون. پوءِ وڏي دل ڪري ٻيهر ٻيڙا تيار ڪري، درياهہ جي پنڌ تي نڪري ويندا آهيون. جڏهن مڇيءَ جي شڪار تي ويندا آهيون تہ اها پڪ بہ ڪونہ هوندي آهي، ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ واپس تڙ تي اچي پنهنجن پيارن عزيزن ۽ اولاد سان ملنداسين. درياهہ ۾ هولندي هر ڪنهن کي پنهنجي ٻچڙن جا خيال ورائي

ويندا آهن پر ان وقت ڪري بہ ڇا ٿو سگهجي. اسين روزي بہ پنهنجي ٻچن لاءِ ڪمائڻ ويندا آهيون." ابا! درياهہ ۾ دل وڏي ڪرڻ ڪان سواءِ هلي نٿو سگهجي.

چاچا محمد شولاڻي جي ڳالهين هر ڪنهن جي هانءُ تي لوڙهي ڇڏيو هو.

رات جو ٻارنهن وڳي تائين ڪچهري هلي، باقر خان مروا بلوچ چيو. سوکي بندرگاهہ جو رهندڙ ماڙهو هِن ڳوٺ جي پاسي ۾ (مور شولاڻي) ڳوٺ ۾ رهي ٿو، ان کي هير نياپو ڪيو آهي. اهو صبح جو سوير ايندو. اُن سان ڪچهري ڪانپوءِ حاجي علي بخش مرگهر بلوچ جي ڳوٺ ڏي هلنداسين، پوءِ سيئي "سوکي ويلفيئر آفيس مان نڪري آياسين".

صبح جو سوير ناٿو شولاڻي چيئرمين پُٽ مور شولائي، هن جي عمر سئو سالن کان مٿي هئي، هلڻ ۾ چُست ۽ ڳالهائڻ منجهہ ڀَڙو هو. لَٽَ هٽ ۾ هيس سوکي ويلفيئر آفيس ۾ اچي پهتو. پوءِ حال احوال ڪندي سوکيءَ جون يادگيريون ٻڌائڻ لڳو.

اسان جو ڳوٺ "حاميد وارو" ڪيٽي بندر جي ڏکڻ ۾ آهي. ڳوٺ ۾ شولاڻي ذات ڪانسواءِ بلوچ، گَبا خاصخيلي، دبائي جَت، دبلا رهندا آهن.

سوکي شهر ڪان ڏهہ ميلن تي اسان جو ڳوٺ (حاميد وارو) آهي، اسين سوکيءَ ويندا هئاسين تہ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي "مزار واري ڇاڻي" درياهہ مان گُذري، وري "مٺڻي درياهہ" منجهہ اچي ٿورو اڳيان سوکيءَ جي بندرگاهہ تي ٻيڙي بيهاري، پوءِ سوکيءَ جي شهر ويندا هئاسين.

سوکيءَ ۾ زمين جو ڪَم، هارپو ۽ ڪڏهن مزدوري بہ ڪندا هئاسين. اسان پنج ڇَهَہ ماڙهو گڏجي سوکي شهر ۾ ڪمائڻ ويندا هئاسين. جيڪي ڳوٺ جا ماڙهو مونسان گڏ ڪم ڪرڻ هلندا هئا، انهن جا ڪجهہ نالا ياد آهن.

حاجي هاشم شولاڻي، موريو شولاڻي، آرو گَبو، تار گَبو ۽ ٻيا بہ ڳوٺ وارا هلندا هئا. ڪڏهن تہ اڪيلو سوکيءَ هليو ويندو هوس.

سوکيءَ جي وڏي بازار هُئي، دنيا واپار جي لاءِ ايندي هُئي. قاسو "عامر" جَت جي هوٽل هوندي هُئي. اُن جا ريزڪي ۽ ڪپڙي جا دڪان ها، قاسو جَتَ "عامر" هُن جا پاڙو هو. ڪيس ماڙهو قاسو عامر جت يا ڪي "قاسو

جت” جي نالي سان سڏيندا هئس، هي سوڪيءَ جو وڏو زميندار هو.

سوڪيءَ شهر ۾ هر جمعي تي ملاڪڙو ٿيندو هو. اسين شوق سان ملاڪڙو ڏسندا هئاسين، مون کي اُنهن مَلهن جا نالا ياد آهن.

ڇُڏي دبلو، پچالي دبلو، بروهي پورو، حُسين سوڍو (سوڍائي) اسماعيل شولائي، آءُ بہ مَلهہ وڙهندو هوس، ملاڪڙو اهڙو لڳندو جڻ ميلو لڳي ويو، سوڪي جي تَر (پرپاسن) جا ماڻهو ايندا هئا.

جيڪو مَلهہ ٻئي کي مَلهہ ماريندو هو تہ ڇوڪير ڪنڌي ٺاهي بيٺل ماڻهن جي اڳيان ڪڏندو هلندو، خوشيءَ ۾ ٽلندو هو تہ ڪنڌيءَ وارا ماڻهو اُن کٽيندڙ مَلهہ کي چانديءَ جا روپيہ انعام ۾ ڏيندا هئا.

سوڪي جا خا شا ماڻهو وڏا ماڻهو زميندار ڪُرسيون وجهيون ويٺا ملاڪڙو ڏسندا هئا. پوءِ اُهي آخر کٽندڙ مَلهہ پهلوانن کي انعام ڏيندا هئا. ترَ جا مَلهہ (پهلوان) ملاڪڙو ختم ٿيڻ کانپوءِ واپس وريو پنهنجن ڳوٺن ڏانهن هليا ويندا هئا. باقي پري پنڌ جا پهلوان سوڪيءَ جي زميندارن جي اوطاقن ۾ ٽڪي پوندا هئا.

سوڪيءَ ۾ راڳ هر سال ٿيندو هو. جنهن ۾ وڏا ڳائڻا ايندا هئا. مون جن ڳائڻن جو راڳ ٻڌو، انهن ۾ مائي ڀاڳي، مائي جيوٽي، چندر، سوپراج، ڀڳت ڪنور رام، مگڻ واٽيو اهو بہ وڏو ڳائڻو هو.

غلام رسول شاهہ ڳائڻو هي ساڪرو شهر جو هو. گيدوڙو مهاڻو ملاح، حُسين مِرگهِل لاڏيون شهر جو هو. هن جا شاگرد بہ هئا، جيڪي پاڻ سان وٺي ايندو هو. هن کي سازدا پنهنجا هئا. سَيد سُليمان شاهہ ڳائيندو ۽ نچندو هو. ماڻهن کي هن جو اهو انداز گهڻو پسند هو. سوڪيءَ جا ماڻهو راڳ جا شوقين هئا.

“ڪيٽي بندر ۾ هر سال ميلو لڳندو هو، اُتي اِهي سڀئي ڳائڻا ايندا هئا. ڪيٽي بندر تي وڏا ملاڪڙا لڳندا هئا. سنڌ جا بندر آباد هوندا هئا. مون پنهنجي ساڃهہ ۾ چار بندرگاهہ ڏٺم. ڪيٽي بندر، شاهہ بندر، ڪاروڇاڻ ۽ سوڪي بندر گاهہ ڏٺا هئا. هاڻي اهو زمانو اکيون ڏسنديون الائجي نَہ،” ناٿو شولاٽي بندرگاهَن جي ڳالهہ ڪندي، ٿڌا ساهہ ڀريندو رهيو. اسين سنڌ جي انهن جاين تي هلياسين، گهمياسين ۽ ڦرياسين. هير اِهي پَٽَ اُجڙيا پيا آهن. شاهہ بندر، ڪيٽي بندر ۽ ڪاروڇاڻ بندر ڦٽي ويا آهن. سوڪي ڦٽي ويو، هاڻ

گهوڙا، سنڌ جي سونهن کي سونٽو هَنيو ويو. هاڻ اسين اُچ سان ٿا مَرون، پاڻي آهي ڪو نہ، هي پٽ ڪٿان آباد ٿين. هر وقت اها اندر ۾ ڳڻتي ڳاريندي رهندي آهي.

مِڪي (مون کي) جوانيءَ جو هڪ واقعو ياد آچي پيو. دبو درياهہ جنهن هنڌان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. اُتي رات جي وقت ساموندي تيز لَهرَ اُٿي هئي. درياهہ منجهہ هلندڙ ٻيڙيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري هلي وئي، ٻيڙيءَ منجهہ هڪ ننڍڙي ڇوڪري هُئي، جيڪا ڪنڌيءَ وارن وڻن ۾ ڦاسي هئي. ٻيڙيءَ مان جيڪي ماڻ پاڻي ۾ ڪري پيا، سي ترندا اچي پنهنجي جان بچائي ڪنڌيءَ تي آيا. انهن ڇوڪريءَ کي ڏٺو جيڪا وڻن جي ٽارن منجهہ ڦاسي پئي هئي. پوءِ اُن کي ڪنيائون تہ ساهہُ هوس، اُها ڇوڪري جوان ٿي ۽ شادي ڪيائين، اُن جي اولاد ڏٺي، سندس اولاد جي بہ اولاد ڏٺي، ٿورو عرصو اڳ گذاري وئي آهي.

سوڪي جو شهر ڪنهن گهَڙي ياد ايندو آهي تہ پوءِ مائي ڀاڳي، سليمان شاهہ جا ڪلام ياد ايندا آهن. ڇو تہ انهن کي اتي ڳائيندي مون ڏٺو هو.

پوءِ ناٿو شولاٽي چيئرمين موڪلائي ويو، ڪچهريءَ ۾ ويٺل ناڪئو گل محمد، سڀ هليا ويا. باقر خان چيو، اُٿو تہ پرپاسي ۾ مرگهر دوست عبدالله مرگهر، شفيع محمد مرگهر رهن ٿا، انهن وٽ هلون ٿا. ڳوٺ مور چڏائي جي ٻاهران “ڪورا” هَجَن، جنهن کي گول ننڍڙا ننڍڙا سوراخ، ڇئن پاسن کان هئا. اُنهن سوراخن جي وٿيءَ مان دونهون ٻاهر آچي رهيو. جيئن ڪو موالي چَرس جو سوٽو هڻي نڪ مان دونهون ڪڍندو آهي. ائين ڪوري جي سوراخ مان دونهون نڪري رهيو هو، اُهي ڪورا پٺاڻن جا هئا.

اسين مور چڏائي ڳوٺ کان نڪري ڪچي رستي تان هلندي اچي پَڪي روڊ تي چڙهياسين. هي روڊ ڪاروڇاڻ وڃي رهيو هو، ڪجهہ منٽن کانپوءِ رستي تي لوهَہ جو بورڊ لڳل هيو. جنهن تي وڏن اکرن ۾ لکيل هيو. “ڳوٺ حاجي بخش علي مرگهر بلوچ،” ڪڇي هٿ تي موٽرسائيڪل کي موڙي هلندا رهياسين، ڳوٺ جي ٻاهران ڇَنن مَنهن وارا گهر هئا. ڪچي رستي تان هلندين مسجد جي پاسي هڪ پڪو بنگلو هيو. بنگلي جي اڳيان گهاٽا ڊگها وڻ انهن وڻن جي گهاٽي ڇانورن جي هيٺان پلاسٽڪ جون ڪرسيون رکيل

هيون. باقر خان مروا وٽ جي هيٺان موٽرسائيڪل ڪي بيهاريو، بنگلي جو دروازو ڪليل هيو. اسين در تي پهتاسين تہ ساموهن هڪ همراھ پٽ تي ٽيڪ ڏئي سگريٽ ڇڪي رهيو هو، اسان کي ڏسي اٿيو، هٿ ملائڻ ڪانپوءِ ڪچهري ٿي، هڪٻئي کان حال احوال پڇڻ لڳاسين. باقر خان چيو.

رئيس حاجي علي بخش مرگهر جو وڏو پُٽ رئيس حاجي احمد خان 2001ع کان 2009ع تائين ناظم يونين ڪائونسل تعلقو ڪاروچاڻ جو بہ پيرا ناظم ٿي چڪو آهي. ايتري ۾ ٻيا دوست بہ اچي ڪچهري ۾ شامل ٿيا. سائين شفيع مُرگهر بلوچ، محمد يوسف مُرگهر بلوچ، باقر خان مرواھ بلوچ، سائين شفيع محمد مُرگهر بلوچ، سوڪيءَ جي باري ۾ ٻڌايو تہ سوڪي "پل پلائي" جو شهر هو، سوڪي هنن پٽن، ماڳن، چاڙن ۽ ڍورن جي سونهن وارو شهر هو، سوڪي شهر ۽ بندرگاھ سان، سامونڊي ننڍڙا ترَ، ڳوٺ وَسنديون آباد هونديون هُيون.

رئيس حاجي احمد علي مُرگهر بلوچ ڳوٺ جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳو، 1965ع ڌاري علائقو آباد هو. اسين اتي رهندا هئاسين، منهنجي والد رئيس علي بخش مرگهر بلوچ 1963ع ۾ جتي هيٺئر وينا آهيون، هي علائقو ديھ دولو شولاٽي ۾ زمين ورتي هُئي. هيءَ علائقو برساتن ۽ سنڌو درياھ تي آباد ٿيندو هو. اُنهن ڏينهن ۾ ٻئراج ڪو نہ هئا. اسين سيئي ڌُريءَ جو ڳوٺ آباد علائقو ڇڏي هن پٽَ تي اچي ويناسين. ڪُل ڇهہ گهر هُئاسين، هن ڳوٺ جي اتر طرف ۾ ڦٽو درياھ وهندو هو. جيڪو سنڌو درياھَ جي شاخ هو. ڦٽو درياھ اڳتي هلندو ديھ جهالو وتان قلندري درياھ جي نالي سان سڃڻ لڳي ٿو. قلندري درياھ ڪيٽي بندرگاھ کان اڳتي هلندو وڃي سَمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو.

هي ڳوٺ ميداني علائقو هو ماڻهن جي اچ وڃ تمام گهٽ هوندي هئي. ڏينهن جو بگهڙ هوندا هئا. هي اهو وقت هو، جڏهن 1965ع جنگ لڳي هئي، اسين وٽن ۾ لڪي، ڪَڏن ۾ ويهي پناھ وٺندا هُئاسين. اسين جڏهن ٻهارا شهر ويندا هئاسين تہ اوچتو درياھ ٽپي ٻهارن ۾ داخل ٿيندا هئاسين. ٻهارا وٽ سرڪاري گاڏيون جيڪي اسٽيٽ بينڪ ڪراچي کان ايندون هُيون.

پوءِ اچ وڃ جي سهولتن ۾ اضافو ٿيو. ڪيڪڙا گاڏي ٻهارا کان ٽِڪو

گوٺ تائين ويندي هُئي، پوءِ ٽِڪو ڳوٺ کان ٻاپيهو ڳوٺ ۽ سجڻ واري تائين هلندا هُئا. ٻهارا شهر منجهہ قاضي رهندا هُئا. اُهي ڪيگڙا اُنهن جا هئا 1971ع کان پوءِ اسان جي ڳوٺ پرسان ٻيا ڳوٺ بہ آباد ٿيا. 1974ع ۾ انڊو شاخ ۾ اضافو ٿيو، هيءَ شاخ اسان جي ڳوٺ کان اڳتي وڏي وئي، انڊو شاخ مان دارسي شاخ نڪتي هُئي. هڪ ڪار بنگلي جي در وٽ اچي بيهي رهي، ان مان ٻہ ماڻهو هيٺ لٿا، جن جو تعارف شفيع محمد مرگهر ڪرائيندي چيو، ادا! هي عبدالحفيظ ملاح ڪائونسلر آهي. رات جو دير تائين ڪچهري هلندي رهي، شففيع محمد مرگهر شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو شعر پڙهيو.

پَڳَ ٻَاسي گهارِ، آيَلِ! سامُونڊيُن جي؛
وڃِهي جِيُ جَنجارِ، جِمَ وَڃَنئِي اوهِري.
(سر سامونڊي)
مانَ پُڇَنئِي سُپِرين، ڇتان لاهِ مَ ڇَرُ؛
اُنِين جا اَمُرَ، ڪَڏُ تہ خالي نہ ٿئين.
(سر سريراڳ)

عبدالله مرگهر ڏاڍي سريلي آواز سان ڪچهري وارن کي لطيف سرڪار جا شعر ٻڌايا. ان ڪانپوءِ يوسف مرگهر سر گهاتو مان بہ شعر ٻڌايا.

گهنگهريا گهڻ جاڻ، موڙهي مَتِ مَهائيين؛
وِيا گَڏِجِي وِيرِ ۾، ٻيا مُنهن مَهراڻ؛
اڳيان پويان تاڻَ، وِيا ويچارن وِسري.

ماڪَ پچايَن مولهيا، مٿان راتِ پئي؛
اوليون اُجهڻَ لَڳِيون، وِيا وَنجهہ وَهِيءَ؛
ڪَلاچِيان کَهي، ڪَڏِهن ڪونہ آئيو.
(سر گهاتو)

جيئن تہ رات گهڻي ٿي وئي هئي، ڪچهري ۾ ويٺل رئيس حاجي احمد علي خان مرگهر ٿورو اڳ سيني کان اڳ موڪلائي گهر وڃي رهيو هو ۽ هاڻ ٻيا ڪچهري وارا ويٺل دوست بہ موڪلائي هليا ويا.

صبح جو سوير اُٿي تيار ٿي، نيرن ڪئي، باقر خان کي واپس مور چڏائي ڳوٺ وڃڻو هو، سو موڪلائي هليو ويو. ادا يوسف مرگهر ٻڌايو تہ ڳوٺ مان ڳاڙهو شهر تائين ڊاٽسن وڃي ٿي، اُها ڪجھ وقت پڳهاڻ شهر ۾ بيهندي پوءِ ڳاڙهو شهر ويندي، مان تيار ٿي ويٺس. سائين شفيع مرگهر بلوچ آيو، ايتري ۾ جاءِ جي پاسي کان ڊاٽسن اچي بيٺي، جنهن جي پنيان ڪجھ ماڻهو ويٺا هئا. ادا شفيع ڊاٽسن جي پنيان (ڪُڻ) ڏانهن هليو ويو، ڊرائيور جي پاسي ۾ هڪ ماڻهو جي جاءِ خالي هئي، ڊرائيور دروازو کولي آواز ڏنو، ادا اچو.

اڳيان هڪ ماڻهو ويٺو هو، تنهن هٿ ملايو ۽ پنهنجو نالو علي بخش مُرگهر ٻڌايو. ڳوٺ علي بخش مرگهر بلوچ کان ڊاٽسن هلڻ لڳي، جڏهن پڳهاڻ ۽ ڪاروچاڻ روڊ تي چڙهي تہ ڪجھ ماڻهو بيٺل هئا. اهي ڊاٽسن جي ڪُڻ (پنيان) ۾ چڙهيا. ڊرائيور پنهنجو نالو عبدالرحمان مُرگهر بلوچ ٻڌايو. اُن وقت صبح جا سوا ست ٿيا هئا، ڊاٽسن رستي مان ماڻهن کي کڻندي، لاهيندي جنگي سَر روڊ تي اچي پوءِ پڳهاڻ شهر ۾ داخل ٿي. شهر جي مين روڊ تي بيهي رهي ماڻهو سڀ هيٺ لٿا.

ڊرائيور عبدالرحمان مرگهر چيو.

ادا، توهان پڳهاڻ ۾ ويهو، اسين ميٽ مان ٿي اچون ٿا. پوءِ ڳاڙهو هلنداسين آءُ ڊاٽسن مان هيٺ لهي بيهي رهيس، پاسي ۾ محبوب هوٽل هو، اُتي چانھ پيئڻ جو خيال آيو.

پوءِ هوٽل ڏي ويس، اتي ڪاٺ جا وڏا صندل پيا هجن. جن جي مٿان ڳاڙها ڪپڙا لڳل هئا. اُن صندل جي پاسي ۾ سبزي ۽ ميون جو دڪان هو. نوجوان ڇوڪرو گاڏي تي رکيل سامان کي ٺاهي رهيو هو. اُن جي پاسي ۾ پيو همراھ ڪپڙي سان گاڏي تي رکيل ميوون کي صاف ڪندو ٿي رهيو. مان انهن کي سلام ڪري پاسي واري صندل تي ويهي رهيس. ايتري ۾ بيرو پاڻي جو گلاس ۽ چانھ کڻي آيو، بيري چيو، هي چانھ شبير ميمڻ توهان جي لاءِ ڏني آهي.

پوءِ اُتي اُن جو شڪريو ادا ڪيو، ايتري ۾ شبير ميمڻ اچي صندل تي ويٺو، پر هن جي نگاھَ گاڏي تي سامان ۽ گراهڪن ۾ هئي. پوءِ بشير ميمڻ چيو، "گاڏي وٽ بيٺل نوجوان جيڪو ميون ۽ ڀاڄين کي ڪپڙي سان صاف

ڪري رهيو هو. اهو منهنجو وڏو ڀاءُ آهي. اسين ميمڻ آهيون. سامونڊي پٽيءَ ۾ "جوهو" ننڍڙو شهر آهي. هن ڳوٺ ۾ ميمڻ گهڻا رهندا آهن ۽ پين ذاتين جا ماڻهو بہ رهندا آهن. ڪجھ ماڻهو هَٽَ مٿي ڪٽي شبير جي ڀاءُ کي اشارو ڪري هليا ويا، شبير جو ڀاءُ هَٽ وارو ڪپڙو رکي آيو. ڀاءُ کي چوڻ لڳو، "بہ ماڻهو گُذريا آهن. جيڪو هتي گذريو آ، اُن کي نَوين(9:00) وڳي کڻندا ۽ پيو بہ ڪلوميٽر پري گذريو آ، اُن کي ڏهين وڳي کڻندا، "سو آءُ وڃان پيو" پوءِ شبير ميمڻ جو ڀاءُ هليو ويو، چانھ پيئڻ ڪانپوءِ شبير ميمڻ ٻڌايو تہ بہ ماڻهو مري ويا آهن، هڪڙو ويجهو آهي، پيو پرئين ڳوٺ ۾ آهي. منهنجو ڀاءُ انهن جي ميت ۾ وڃي پيو." ائين چئي شبير اُٿيو، سامهون گراهَڪ ڏانهن وڌي ويو.

ڪلاڪن ڪن ڪانپوءِ عبدالرحمن مرگهر جي ڊاٽسن هوٽل جي سامهون بيٺي، هُن اشارو ڪيو. آءُ اٿي شبير ميمڻ کان موڪلائي ڊاٽسن ۾ ويٺس، پندرنهن منٽن ڪانپوءِ ڳاڙهو شهر ۾ خاصخيلي هوٽل جي پاسي ڊاٽسن بيهي رهي. عبدالرحمن کان موڪلائي هوٽل تي اچي ويٺس، پاسي ۾ مانڊٽي هئي. اُن کي موبائيل چارج ڪرڻ جي لاءِ ڏئي هوٽل ۾ وڃي ويٺس. پن ڪلاڪن ڪانپوءِ فون چارج ٿي، مانڊٽي واري کي ڏھ روپيا ڏنا. ايتري ۾ هڪ سوزڪي مانڊٽي جي اڳيان بيهي رهي تنهن ۾ ويٺل ڊرائيور "ڪارو، ڪارو" چئي، ڪاروچاڻ جي لاءِ ماڻهن کي آواز ڏئي رهيو هو. آءُ وڌي اڳتي ويس ڊرائيور چيو.

ادا، اڳيان سامان پيو آهي، توهين ڪُڻ ڏي وڃو. ڪڻ جي معنيٰ پنيان وڃو. پنيان سوزڪي جي اڌ حصي ۾ سامان پريل هيو. باقي حصي تي ماڻهو ويٺا هئا، مان چڙهي ويهي رهيس. پوٽين هڪ وڳي سوزڪي ڳاڙهو شهر مان هلي. مون فون تي الهڏنو خاصخيلي کيرواٽي کي ٻڌائي ڇڏيو هو.

سوزڪي هلندي آچي پڳهاڻ جي مين روڊ تي المهراڻ شاپنگ سينٽر محمد عثمان ڪُڙمون. هي شاپنگ سينٽر جنگي سَر روڊ تي هو. اُن جاءِ وٽ بيهي رهي، ڊرائيور هيٺ لهي شاپنگ سينٽر جي دڪان ۾ هليو ويو. شاپنگ سينٽر جي سامهون ڪلمتي ايگريڪلچر اسٽور هيو. ڏھ منٽ سوزڪي وارو اُتي بيهي رهيو، پوءِ آيو سوزڪي چالو ڪري جنگي سَر روڊ تي هلڻ لڳو. جنگي سَر روڊ تي سجي طرف نور محمد عرف سعودي

پيروز اڻي بلوچ جيڪو ڪيڪڙو ڪُوڪَا جو واپاري هو.

ڦات درياهہَ جي ترَّ تي آياسين، اجان پاتڻي آيو ڪو نہ هو، پوءِ چانهہ جو خيال ٿيو.

ڪاروڇاڻ جي تڙ تي ننڍڙي ڪانين جي ڇَپَري واري هوٽل هئي. اُن منجهہ آيس تہ سائين عبدالحفيظ ملاح ويٺو هيو، جنهن سان رات جو ڳوٺ علي بخش مُرگهر بلوچ ۾ ملاقات ٿي هئي. پوءِ سائين عبدالحفيظ هوٽل ۾ ويٺل ٻين ماڻهن جو تعارف ڪرايو، ايوب سَهتو، عبدالحفيظ سَمون، آمين ملاح، علي احمد پيروز اڻي جي هوٽل تي چانهہ ٺاهيندڙ جو نالو پير محمد شاهہ هو.

پَتڻ تي هوڙو ڪُوڪا (جِيت) ڪٽي آيو. اُن هوڙي ۾ سائين عبدالحفيظ ملاح ٻيا سَپ چڙهي هليا ويا. اهو هوڙو بلوچن جو هو. اسان کي ڪاروڇاڻ وڃڻو هو، پتڻ اجان ڪو نہ آيو هو. هت پَتڻ جي معنيٰ ٻيڙي وارو آهي، ٻيڙيءَ وارو اجان ڪو نہ آيو هو، ڪاروڇاڻ وڃڻ وارا ماڻهو تڙ تي ويٺا پاتڻيءَ جو انتظار ڪن، اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ درياهہ منجهہ هوڙي ڏسڻ ۾ آيو، جيئن ترَّ جي ويجهو ايندو ويو تہ هوڙي جي مشين (ٽنگ مشين) جو آواز هوا تي تيز ٿيندو آيو. ڪجهہ منٽن ڪانپوءِ هوڙو تڙ تي اچي بيٺو. اُن ڏانهن ماڻهو لهڻ لڳا.

هڪ ماڻهوءَ آواز ڏنو.

"يوسف پاتڻي آچي ويو، ڪاري جا ماڻهو هَلو." آءُ هوٽل مان اُٿي تڙ تي هلڻ لڳس. هوڙي منجهہ ماڻهو سامان رکي رهيا هئا، جيڪي تڙ تي بيٺا هئا. انهن هوڙي منجهہ سامان رکيو تہ پاتڻي سکاڻ (هوڙي جي پوئين حصي) تي اچڻ کان اڳ ناتاري ڪنئين جيڪا پاڻيءَ ۾ لڳل هئي. پوءِ سکاڻ تي آيو ۽ موٽر چالو ڪئي تہ هوڙو ڦات درياهہ منجهہ هلڻ لڳو. درياهہ جون لَهرون پاڻيءَ جي ڇَنڊ ٻيڙيءَ ۾ ويٺل ماڻهن جي مٿان وسائينديون رهيون هيون. جڻ اهي آيل کي ڪيڪار ڪنديون هُجن. هوڙو (ٻيڙي) پاڻيءَ جي لهرن تي لَڏندو هلندو رهيو.

پاتڻي يوسف مشين ۾ ٻڌل ڏوري جيڪا هُن جي هَٿَ ۾ هئي اُها پير جي هيٺان ڏئي ڇڏي، قميص جي کيسي مان پُڙي ڪَڍي، اُن کي کولي چورَي (گٽڪي) جي ڇَپٽي ٻَري وات ۾ وڌي، چوري کي مِٽَ جي هڪ پاسي

۾ ڪَري پُڙي کي بند ڪري واپس کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. پوءِ پير جي هيٺان مشين واري ڏور ڪٽي اُن کي ڇڪَ ڏني تہ ٽنگ مشين وڏو آواز ڪيو ۽ ٻيڙي تيزيءَ سان درياهہ مَنجهہ هلڻ لڳي. ڪنهن وقت پينگهہ جيان لوڏا ڪائيندي، آسيري پاسيري ٿيندي هلندي رَهي. جڏهن ڪاروڇاڻ واري ڪَنڌي ويجهو آئي تہ پاتڻي مشين جي ڏور کي ڍَرو ڪَيو تہ مشين جو آواز جَهڪو ٿيندو ويو. ٻيڙيءَ جي مُهري ڪنڌيءَ سان لڳي. مشين بند ٿي وئي. سکاڻ وارو پاسو ڦري آيو. اهو ٻہ ڪنڌيءَ سان لڳو بيٺو پاتڻي ناتاري هنئين تہ ٻيڙي بيهي رهي، پاتڻي ٻيڙيءَ وارن کان ڀاڙو وٺڻ لڳو، مان ٻيڙيءَ مان هيٺ لَٿس ۽ پاتڻي کي ٽيهہ روپيا ڏنا، ترَّ تي گڏهہ گاڏي وارو بيٺو هيو. ستار ڪتي اُن ۾ سامان رکي رهيو هو.

سُڪيءَ تي ٽي هوڙا بيٺا هُجن، ستار ڪتي آواز ڏنو.

ادا، ٿيلهو گڏهہ گاڏي منجهہ رکو، آچو تہ هلون.

مون ٿيلهو گاڏي ۾ رکيو پوءِ آءُ ۽ ستار گڏهہ گاڏي سان گڏ هلڻ لڳاسين، ڪلراٺي زمين هئي، پَٽَ تي لاٽن جون وَٽيون هُجن، ستار ڪتي پُڇيو.

ادا.... ڪاري منجهہ ڪنهن وَٽ ويندا...؟

الهڏنو ڪيرواڻي خاصخيلي وَٽ ويندس.؟

پندرنهن منٽن ڪانپوءِ ڪارو ڇاڻ شهر ۾ داخل ٿياسين، سڄي هٽ تي هوٽل ماڻهن سان ڀريل هجي، هوٽل ۾ فلم هلي رهي هئي. هوٽل جي ٻاهران ماڻهو چانهہ پي رهيا هئا. آءُ گڏهہ گاڏي واري سان هوٽل کان اڳتي هليو ويس، مون ڪنڌ ورايو تہ ستار هوٽل وَٽ بيٺو هو، هُن مون کي آواز ڏنو ۽ چيائين:

ادا..... الهڏنو خاصخيلي هوٽل مَنجهہ آهي؟

آءُ گاڏي مان ٿيلهو ڪٽي واپس موٽيس تہ الهڏنو ڪيرواڻي خاصخيلي هوٽل کان ٻاهر آيو، اسين ملياسين، ستار ڪتيءَ کي چيو:

ادا مهرباني.

الهڏنو خاصخيلي ۽ آءُ ڪاروڇاڻ جي بازار ڏانهن هلڻ لڳاسين، بازار ۾ اُها رونق ڪونہ هئي جيڪا ڪجهہ سال اڳ ڏٺي هئي. هڪ دڪان ۾ داخل ٿياسين، اُتي ويٺل ماڻهو سِڪَ سان مليا، ڪاٺ جو وڏو صندل پيو

هُجي. هڪ همراهه اشارو ڪري آواز ڏنو. "ادا! پاڃهڻ تي ويهو" پوءِ آءٌ صندل تي ويهي رهيس، اُن وقت شام جا چار پنجويهه (4:25) ٿيا هُئا، الهڏنو خاصخيلي دڪان ۾ ويٺل ماڻهن جو تعارف ڪرائڻ لڳو. هڪ جهوني ماڻهو هَٿَ جو اشارو ڪَري چپ رهڻ لاءِ چيس، پوءِ اهو ماڻهو پاڻ تعارف ڪرائڻ لڳو.

ادا، منهنجو نالو الله ڏنو ڪتي ولد محمد ڪتي عمر ستر سال آهي. پوءِ هڪ نوجوان ڏي اشارو ڪري چيو، عبدالقادر پٽ الهڏنو ڪتي، اُن ڪانپوءِ پين ويٺلن پنهنجو پاڻ تعارف ڪرايو. عبدالرشيد، الهڏنو خاصخيلي، فضل حُسين ڪتي ولد الهڏنو ڪتي، غلام مُرتضيٰ عرف ابولي ڪتي محمد شريف بلوچ، الهڏتو ولد مصري ميربحر ڪاروچاڻ.

الهڏنو خاصخيلي سيني ڪي منهنجي اچڻ ۽ ڪم بابت ٻڌائي چڏيو هيو، الهڏنو ميربحر پٽ مصري ميربحر صندل تي اچي ويهي چيو .
"ادا! خوش آهيو. ڏاڍي خوشي ٿي جو ڪاروچاڻ ۾ آيا آهيو."

الهڏنو ميربحر ڪاروچاڻ ڪچهري وارن ڪي پنهنجي ڳالهه ٻڌائڻ لڳو

آءٌ ننيڙو هوس، سوڪي گهمڻ ويندو هوس، اُتي سوڪيءَ جي بازار ۾ عيدڙو مُهاڻي جي هوٽل هُئي. آبو هنگورو جنهن ڪي آبو موالي بہ سڏيندا هئا. اُن جي هوٽل ۽ منائي جو دڪان هو. بازار ۾ ماڻهن جو ميلو مَتل هوندو هو، مَرد ۽ ننيڙا پار گڏ هلندا، سودو سامان وٺندا هئا. اُن زماني ۾ هوٽلن تي فوني وارا رڪارڊ وڄندا هئا. اُسين اهي رڪارڊ شوق سان ٻُڌڻ ويندا هئاسين. انهن رڪارڊن تي سنڌي ڪلام ۽ گانا هلندا هئا.

سوڪيءَ ۾ "سونا" بازار هُئي، اُن بازار ۾ ماڻهو سون جون لٽيون ٺَهرائڻ ۽ وَٺڻ ايندا هُئا.

سوڪيءَ ۾ سارين جي 200 هارس پاور جي مشين هُئي. جتي ڇَڙَ، ڀَيس ۽ ڏرائي ٿيندي هُئي. آءٌ ننيڍو هوس سوڪيءَ ۾ گهمڻ، شيون ڪائڻ ۾ مَزو ايندو هو ۽ سارين جي مشين ڪي ڏسڻ ويندو هوس، اُها ڪيئن پئي آن ڇَڙي ۽ پيهي ٿي. جڏهن بہ سوڪيءَ ويندو هوس اها مشين ضرور ڏسندو هوس. هونئن بہ ٻار ڪي هر نئين شئي ڪي هر هر ڏسڻ جي عادت هوندي آهي.

سوڪيءَ مُنجهه ڪنڀار هُئا، اُهي ٺَڪر جا ٿانوَ ناهيندا هئا. ميرواهه،

درياهه تي ڏکڻ طرف سوڪي بندر گاهه هو. درياهه ميرواهه جو پاتڻي پيڙي هلائڻ وارو پٽڻ اڪارڻ وارو منهنجو سئوٽ "عالي پاتڻي" هوندو هو. اُن سان بہ سوڪي شهر گهمڻ ويندو هوس. سوڪي بندرگاهه کان هڪ ڪلوميٽر سوڪيءَ جو شهر هو. بندرگاهه کان ماڻهو شهر تائين پنڌ ايندا ويندا هئا. واپارين جو مال ڍوئڻ جي لاءِ بندرگاهه تي بيل گاڏيون جيڪي رات ڏينهن واپارين جو مال ڍوئيندو، سوڪي شهر ۾ لاهيندو، وري سوڪي مان ٻيو مال ڀري بندر گاهه تي ايندو ويندو هيون. بندر تي ماڻهن جي رش ۽ بيل گاڏيون سدائين بيٺيون هونديون هيون.

ماڻهو بيل گاڏين (ڏاند گاڏين) ۾ چڙهي سوڪي ايندا هئا، سوڪي ۾ اسان جو گهر بہ هو. اُتي پاسي کان اسان جي مائٽن جا گهر بہ هئا. جن جا نالا ياد آهن، جمعو ميربحر، رڪيو ميربحر، اِهي پئي پائر هئا.

عالي ميربحر پاتڻي، عالي ميربحر پاتڻي جو پٽ مُحمد جو گهر بہ سوڪيءَ ۾ هو. پاڙي منجهه پيون برادريون رهنديون هيون، ڪاروچاڻ ۽ سوڪيءَ جا ماڻهو ايندا ويندا هئا، ڪيترن ماڻهن جا پنهي بندرگاهن تي گهر هوندا هئا. دڪان ۾ هر ڪو وينو ڏيان سان قصو ٻڌي پيو.

سائين الهڏنو ڪتي ولد محمد ڪتي ڪاروچاڻ

ڪچهريءَ ۾ سائين الهڏنو ڪتي ڪي خاص ڳالهيون ٻڌايون. منهنجي پيدائش 7 جولاءِ 1948ع ۾ آهي، لڳ ڀڳ اُن وقت منهنجي عمر پنج سال هُئي. جڏهن منهنجي مامي جي شادي ٿيڻي هُئي. اسان جو عزيز رشتيدار حاجي خميسو ڪتي، جنهن ڪي اسان شاديءَ جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ سوڪي وياسين. منهنجي نانيءَ ۽ نانو برادري روايت سان دعوت ڏيڻ خاطر بيلَ گاڏيءَ ۾ (ڏاند گاڏي) تي چڙهي، تڏهن اهو پاسو سُڪل هوندو هو، ڪاروچاڻ کان ميرواهه تائين، ڪو ڍورو يا ڍوري بہ ڪا نہ هوندي هئي. اسان بيل گاڏي ڪي ميرواههَ پتڻ تي بيهاري، اُتان اسان پٽڻ پار ڪيو تہ اسان جي مائٽن اُن پتڻ تائين بيل گاڏي موڪلي هُئي. جنهن ۾ اسين چڙهي سوڪي شهر ۾ پهتاسين. جيڪو الهڏنو ميربحر چيو آهي، آبو منائي جو دُڪان حاجي خميسي جي دڪان جي ڪاڇيلي (ڏکڻ طرف) ۾ هو. آءٌ ننڍو هوس، مون اُن وقت سوڪيءَ جو نظارو ڪَيو... هَر دڪان جو ٿلهو مٿي ناهيل هوندو

هو. واحد سوکيءَ شهر ۾ دڪان زمين تي ڏهيل هُئا.

رات جو گهر ۾ سُمهڻ جي ڪوشش ڪئي، ننڍو چار سال جو ٻار هوس، اُن وقت مون کي شور ٻڌڻ ۾ آيو. مون نانيءَ کي چيو:

ناني! آءُ سُمهي نہ ٿو سگهان، هي شور ڇا جو آهي؟

آبا.... پاسي ۾ هَنجَ پکي ۽ ٻيا پکي ٽن جا آواز آهن، آبا... ماٺ ڪري سُمهي رَهُہ، پر اڄ تائين رات جي وقت ۾ اُهي آواز منهنجن ڪنن ۾ گونجندا آهن. اُن آواز کي 65 سالن ۾ بہ وساري ڪو نہ سگهيو آهيان.

اسان پنهنجي مائٽ حاجي خميسو ڪتيءَ کي دعوت ڏني، ٻئي ڏينهن تي ڪاروڇاڻ واپس آياسين.

59- 1958ع ۾ آءُ ڪاري ۾ قرآن پاڪ پڙهندو هوس، اسان سيني کي سوکيءَ گهمڻ جو ارادو ٿيو. مون سان گڏ مدرسي جا ٻيا شاگرد هئا. اهو ئي عالي پاٽي اسان کي اُڪاري پار ڪَيو، اڳيان خالي ميدان ڏسڻ ۾ آيا، جتي اڳي گهر ڏٺا هُيم، هاڻ اُهي ميدان هئا.

آتي رولو ڪتا هئا، جن اسان تي حملو ڪيو، اسان وٽ لَٺيو ۽ ٻانا هئا. ڪتن کي ڀڄائي ڪڍيوسين. ان وقت سوکي ڦٽندو ٿي ويو، جيڪو اڳي واٽين جي وقت ۾ سوکي سُهٽي ڪنوار جيان لڳندي هئي، هينئر اها سوکي نہ هئي. اتي خالي ابو جي هوٽل ۽ ٿوري منائي رکيل ڏسڻ ۾ آئي، جتان اسان منائي ورتي سون، وري واپس ڪاروڇاڻ آياسين. ٻَر پري پري ڪُجهہ گهر ڏسڻ ۾ آيا هئا، ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ سُکن ڀريو شهر سوکي ڪيئن ڦٽو آ.

سوکيءَ ۾ ڪسٽم آفيس پڻ هئي. جيڪو سامان سوکي مان هندستان ويندو هو. اُن جي ٽيڪس آفيس ۾ ڀَري پوءِ هندستان مال موڪليندا هُئا. انهي سان گڏ هڪ محال آفيس بہ هئي، محالڪاري سائين جمن شاهہ سيد محال ڪاري اُتي جو هو. ان سان گڏ اُتي ٽپال ڪاتو هو. جيڪو ٽي ڏينهن ڪانپوءِ ڪيٽي بندر کان محمد ٽپالي، ٽپال کٽي ايندو هو. اهو ئي اُن ڏينهن تي سوکيءَ جي ٽپال واپس ڪيٽي بندر کٽي ويندو هو.

1977ع ۾ جڏهن ڪارو ڇاڻ تعلقو ٿيو تہ ان جي آفيس مسواڙ تي هئي، سوکيءَ ۾ جيڪي سرڪاري آفيسون هُيون، اهي سيئي ڪاروڇاڻ شهر ۾ قائم ڪيون ويون هيون. جنهن ۾ مختيارڪار جي آفيس محمد ڪتيءَ

نئين بازار نهرائي هُئي، اُن جا ڪمرا خالي پيل هئا. جيڪي سوکي شهر جا آفيسر ڪاروڇاڻ ۾ اچڻ سان اُهي خالي جايون ڏسڻ سان پسند ڪيائون، اُتي ئي آفيسون کوليائون.“

الهڏنو ڪتيءَ جي دڪان تي ڪچهري ٿي، سج لهڻ ۾ ڪجهہ وقت هو تہ دڪان بند ٿيڻ لڳا، الهڏنو بہ دڪان بند ڪرڻ لڳو. پوءِ سيئي اُٿياسين ۽ هڪٻئي کان موڪلايوسين، الهڏنو ڪيرواٽي خاصخيلي چيو:

”ادا! مِي جو سئوٽ موٽرسائيڪل ڪاهي آيو آهي. ڪاروڇاڻ کان اڍائي ميل پَري اسان جو ڳوٺ علي ڪيرواٽي آهي. جيڪو ڪاروڇاڻ ۽ سوکي شهر جي وِچ تي آهي.“ پوءِ موٽرسائيڪل تي ٽئي چڙهي روانہ ٿياسين. ڪاروڇاڻ کان ٻاهر سڌ پنڌ تي پٽرن جي جاءِ ڏهيل هئي، جنهن جا در دروازا ڪو نہ هئا. ڪنهن هنڌان پت جا وڏا پٿر نڪتل هئا. الهڏنو ڪيرواٽي خاصخيلي ٻڌايو. اها جُهريل جاءِ ڏسو ٻيا، ڪنهن وقت مختيارڪار جي آفيس ۽ ٿاڻو هو. ٻيا ڪيترائي ڪمرا هُئا، جنهن ۾ پوليس جو عملو رهندو هو. هينئر اُهي سڀ جايون ڊهي پَٽَ تي ويون آهن، صرف اِهي بہ ڪمرا بيٺل آهن. ڪاروڇاڻ ۽ پرپاسي ۾ رهندڙ ماڻهن جا ڪيس ميجسٽريٽ هلائيندو هو. ڪاروڇاڻ ۾ پوسٽ آفيس ۽ هسپتال هوندي هُئي. هاڻ انهن جاين جا نشان آهن. هاڻ ڪاروڇاڻ ڦٽندو وڃي پيو، ايندڙ سالن ۾ بلڪل ڦٽي ويندو. جيڪڏهن پاڻي آيو تہ پوءِ ڪارو ڪلي پوندو. موٽرسائيڪل تي پڪي جاءِ کان گذري اڳتي هلندا وياسين، رستو ورياسو هو، چوڦير ڪلراٺي زمين، ڪٿي ڪٿي سُڪل وَڻ ڏسڻ ۾ آيا ٿي. زمين تي لاٽن جو وليون هيون، انهن لاٽن ۾ ڇار جا وڻ هُئا. ڪنهن وقت موٽرسائيڪل جَهڪي ڪرٽي تي پئي. جنهن طرف نظر ڦيرائي ڏٺو تہ لاٽا، جاريون (وڻ جو قسم) لَيون، ديوين جا وڻ، ڪٿي ڪٿي ٻير جا وڻ نظر آيا ٿي.

هاڻ اسين ڪاروڇاڻ ۽ سوکيءَ بندرگاهہ جي وچ تي هياسين، اولهہ جي ڪنڌ ۾ سج جي لالاڻ جهڪي ٿيندي وئي. چئن پاسن کان اوندهہ گهيرو ڪري وئي، لاٽن منجهان سنهڙن جيتن جا آواز ٿي آيا. رستو ورياسو ڪَچو رهيو. الهڏنو جو سئوٽ موٽرسائيڪل آهستي هلائي رهيو هو. مون وقت ڏٺو تہ اڌ ڪلاڪ ٿي چڪو هو، سامهون وڏي خالي تلاءُ هو. جنهن جي بند تي ڪٽ پئي هُئي، ان تي هنڌ وڇايل هيو. موٽرسائيڪل ڪٽ جي پاسي

وَٽ بيهي رهي، اسين هيٺ لٿاسين. الهڏنو ڪيرواٽي چيو. هي پنهنجو ڳوٺ آهي، ڪجهه وکن تي اسان جا گهر آهن. رستي ۾ ڪيترائي سُڪل ڍورا ڏسڻ ۾ آيا هئا. اُنهن جا نالا ٻڌايان ٿو.

رستي ۾ پنج واهڙ (ڍورا) هئا، اسين ڍوري کي واهڙ به چوندا آهيون.

1- حاجي رحمت الله جو واهڙ
2- صدر وارو واهه
3- جمو سليمان جو واهه
4- الياس سمون جو واهه
5- محمد علي گبو ٻاڙهائي واهه
6- ڪمن گبي جو واهه
7- وادي وارو واهه
8- پينگهر نالي وارو واهه
9- ميڙائو ماليو جو واهه
10- سيٺ مصري ڪتي جو واهه
11- درگاهه متارو شاهه جو واهه
12- ٻتڙيا واهه
13- ديوان منگل مل جو واهه

الهڏنو خاصخيلي ڪيرواٽي ٻڌايو ته:

جنهن هنڌ اسين ويٺا آهيون، هي علي ڪيرواٽي ڳوٺ آهي. هن ڳوٺ جي اوڀر ۾ مُنٽي درياهه ۽ ڳوٺ جي ڪاڇيل (ڏکڻ طرف) ۾ ميرواهه درياهه آهن. سوڪي بندرگاهه، ميرواهه ۽ سنهڙي درياهن جي وچ ۾ هو. ايتري ۾ چار پنج نوجوان آيا، انهن جي هٿن ۾ هٿ بتيون هيون. اُهي ماني ڪٺي آيا هئا، پوءِ اسين ماني کائڻ ويناسين. مانيءَ کانپوءِ ڪچهري شروع ٿي، ڪچهريءَ ۾ هوت ولد احمد خاصخيلي، علي اڪبر ولد علي ڪيرواٽي، الهڏنو ولد علي ڪيرواٽي خاصخيلي آهستي آهستي ڪچهريءَ ۾ پيا به دوست شامل ٿيندا ويا.

هوت ولد محمد خاصخيلي ڪيرواٽي:

هن جي عمر ستر سال هُئي، ڪچهريءَ ۾ ويٺلن کي سوڪيءَ جي يادگيرين بابت ٻڌائڻ لڳو. آءٌ ڳوٺ کان نڪري، خواجه جي ٻنيءَ کان تانگهه

(نئيو پاٽي) هوندو هو، اُتان اُڪري سوڪي شهر ويندو هوس. گهران اُڙد (گاهه جو قسم) ڪٽي اِها ڪپائڻ ويندو هوس. اُڙد گاهه جا ٻه قسم ٿين ٿا. ڪاري اُڙد ۽ سائي اُڙد. انهن ٻنهي گاهن کي ڪَٽي ان مان ٻج ڪڍي سوڪيءَ وڪڻڻ ويندو هوس، اُتي آني ڪلو ڪپائيندو هوس.

انهن پئسن يعني هڪ آني مان سوڪيءَ جي مٺائي کائيندو هوس. عَلو مور جَهريو جي سوڪيءَ بازار ۾ هوٽل هوندي هئي. اُتي پاٽيءَ کان بغير نج کير ۾ چانهه ملندي هئي. ڏاڍي مزي واري واهه، واهه جو چانهه هئي. اُها شوق سان پيئڻ ويندو هوس. جنهن کي جا ماڻهو "سکٽي چانهه" چوندا هئا، مٺائي کائي چانهه پي گهر موٽي ايندو هوس.

سوڪي شهر جي ڪاڇيل (ڏکڻ طرف) ۾ مال جو وٿاڻ هو، اهو منهنجي مامي ڪاري جو هو. آءٌ ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ جنهن جو نالو "ساٽي" هو، اسين اُن وٿاڻ تي رهندا هُئاسين. اسين مينهن جي کير مان مکڻ ڪڍي، اُن مکڻ کي باهه تي رجائي صفا ڪنگٽي ڪري، پوءِ بازار منجهه وڪڻندا هئاسين. ڪنگٽي جي معنيٰ "صاف سترو" آهي. وٿاڻ تي اڪثر ڪدڙا فقير خير وٺڻ ايندا هئا. انهن سان مي جي دوستي ٿي وئي. اُنهن ۾ بابل ڪدڙو، اسماعيل ڪدڙو، شريفا ڪدڙو، ڀگڙو ڪدڙو، حاجي ڪدڙو، مرزا ڪدڙو ۽ نازان ڪدڙو، اهي نالا ياد هُئا، گهڻا نالا وسري ويا آهن، سوڪيءَ ۾ فقيرن (ڪدڙن) جي ڏاڍي عزت هوندي هئي، سوڪيءَ ۾ ڪدڙن فقيرن جي مَڙهي هوندي هئي. اُهي ڪدڙا فقير ڳائيندا به هُئا، شريفان ۽ نازا جا آواز ڏاڍا سريلا هوندا هئا.

سوڪيءَ جي ڪنهن گهر ۾ پُٽ جو اولاد ڄمندو هو. اُن جي ڀِنَ ونندا هئا. پوءِ ڄمندڙ ڇوڪر جا چاچا، ماما، ماسيون، ماميون سي فقيرن کي گنديون ۽ مال، ڍور ڍڳا ۽ روڪ پئسا به ڏيندا ها.

علي ڪيرواٽي خاصخيلي جنهن جي نالي سان هيءُ ڳوٺ آهي، علي ڪيرواٽي خاصخيلي جي ڇوڪرن جا طهر هُئا. اُن جلال چانڊيو کي دعوت ڏئي هتي گهرايو هو. جلال چانڊيو کي ڏهه هزار روپيا ڏنا هئا، اُن کان علاوه تر جي ماڻهن جلال چانڊيو کي وڏو قرب، مانُ ۽ عزت ڏيڻ سان گڏ جَهجو ڏوڪڙ پيسو ڏنو، تحفه ڏنا، اهو ضياءُ الحق جو دور هو.

ڪاري ۽ سوڪيءَ ۾ ڪنهن به وڏي ماڻهو کي پيسو ڏوڪڙ وارو، يا هلندي پُڄندي ۽ سَرنديءَ وارا ماڻهو پٽ ڄمڻ تي وڏي خوشي ڪندا ها،

وڏا راڳ ٿيندا ها. سوڪي ۽ ڪاروڻي شهر خوشين جي ڇولين سان ڇُلڪي، اُٿلي پوندا هئا، فقيرن ۽ فنڪارن ۽ پهلوانن جا جاوا (ڏِڄَ) ٿي ويندا ها.

اسين سباجهڙيءَ پٽن ۾ منو ڪچيءَ، مائي ياڳيءَ جا راڳ ٻُڌا. جن ماڻهن وٽ مال هوندو هو. اُنهن کي ياڳيا چيو ويندو آهي. سوڪيءَ ۽ ڳوٺن ۾ اسان جي ڳوٺ علي ڪيرواٽيءَ ۾ "ڄَر پيندي هُئي" معنيٰ هَر روز مينهن ويامندي هُئي. هي پَٽَ ايڏا پلارا ۽ سباجهڙا پٽ سون جيان چمڪندا، جرڪندا هئا."

جنهن هنڌ اسين ويٺا هئاسين، ان جي پاسي ۾ وڏو سڪل تلاءُ هجي، ان جي بندن جي پاسي ۾ گدڙن جي ٻاھڙ ٿي، هوت محمد ڪيرواٽي ان طرف نهاري، وري ڪنڌ لاڙي چوڻ لڳو.

"ادا! اڳي ايڏا سُهڻا پَٽَ هُئا، هاڻ ساموندي پٽيءَ سوڪي، سُڪ پري، سونا سنگ، پَنَ ڏيڻ واري ڪانهي ڪا، پوري ساموندي پٽي سُورن جي تؤُ ۾ سَڙي ويئي آهي. سُڪ پريا ماڳَ، سور جي باهـ ۾ سَڙي رک ٿي ويا. هاڻ هر طرف ڪاري پاڻيءَ واري ڪاري زمين، جتي ياڳين جا ياڳ وارا وٿاڻ، پکين جا پيارا آواز، پڙاڏ ۾ ايندا هئا. هَير اُتي، لاٽن جون وَليون ۽ جار بيٺي هئي، رات جي وقت گدڙن جون آناهيون اچن ٿيون. انهن سوڪيءَ وارن کي قصن ۽ ڏينهن کي سارينديءَ اندر اُڪڙيو پوي، "ٻَس ڪاري (سمنڊ جي پاڻي) ڦتايا ڪَيت اسان جا" ڪي ڳوٺ سوڪي جي شهر جهڙو ڏيک ڏيندا ها، اُهي سڀ اُجڙي ويا. خالي ڪلراٺي زمين بچي آ، ڪو وقت اهڙو بہ اچي ويندو. اهي پَٽَ بہ پنهنجا نشان ڇڏي ويندا، جيئن ماضي وارن بندر گاهن جا نشان بہ نہ ٿا مَلن. اُهي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ هليا ويا. سي هي پَٽَ بہ ائين سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ ۾ گم ٿي ويندا. هزارن ايڪڙن تي پکڙل علائقو آباد هو، جنهن ۾ سوڪي جو شهر هو ۽ وڏو بندر گاهہ، سي سَڀَ سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ ڊڪجي گم ٿي ويا. سنڌ جي ٻين بندر گاهن وانگر سوڪي بندر جو نالو ڪتابن ۾ پڙهنداسين. هاڻ ڪڏهن سوڪيءَ جي پٽن کي ڏسندا آهيون، اندر ۾ سڏڪن جي اُٿل پٿل ٿيندي آهي. متڻي ۽ ميرواهہ درياهن مان هلندي اکيون سوڪيءَ جي پٽن ڏانهن لڙي ويندون آهن. بس ٿڏو ساهہ نکري ويندو آهي. هاڻي سوڪي جي شهر جي زمين جو ٿورو ٽُڪر سو بہ ڪلراٺو بچيو آهي، هاڻ اسين بہ لڏڻ جي سوچيون پيا.

"الهڏنو ڪيرواٽي خاصخيلي چيو، هاڻ هِت رهڻ آهنجو ٿي پيو آهي. ساڪرو يا ڪنهن پَٽَ تي سَولي آبادي واري زمين مِلي پوي تہ اسين اوڏانهن هليا ويندا اسين، انهيءَ ڪوشش ۾ لڳا پيا آهيون."

رات جو وقت هُجي، آسمان ۾ ٽمڪندڙ تارن کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي رهي هئي، جيئن اڳي ڳوٺاڻيون عورتون رئي گندي ۽ چنريءَ تي رنگين ستارا هڻنديون هيون، اهي ستارا چمڪندا تارن جهڙو ڏيک ڏيندا رهيا. آسمان جي جهوليءَ منجهہ ننڍڙا ۽ وڏڙا تارا ٽمڪي ۽ چمڪي رهيا هئا، ڪنهن وقت ۾ هي پَٽَ بہ آسمان جي تارن جيان ڏيک ڏيندا هئا. وري پٽ تي نگاهہ ڦيرائي ڏٺو تہ، ڪلراٺي زمين جي جهوليءَ تي لاٽن جون وَليون، جن جي اندران سنهڙن جيتن جا آواز اچي رهيا هئا، بس پوءِ ڪنهن مهل آسمان کي تہ ڪنهن مهل ڪاري پٽن کي ڏسندي اُداس ٿي ويس".

ايتري ۾ هوت جو آواز آيو.

ادا، هاڻ رات جَهجي ٿي ويئي آ، منهنجو ڳوٺ پَري آهي. منهنجي ڳوٺ جو نالو قبول خاصخيلي آهي، هاڻ سيني کان موڪلاڻي ڪريان پيو. ڪَچهريءَ ۾ ويٺل رستم خاصخيليءَ کي هوت چيو:

رستم! مِکي لائيٽ ڏي، اوندهہ لڳي پيئي آهي، وات تي نانگ چُرندا هوندا، سُياڻي لائيٽ واپس ڏئي ويندس. رستم جي هٿ ۾ ننڍڙي سيلن واري لائيٽ هئي، اُها هوت کي ڏنائين پوءِ ڪچهريءَ مان سڀئي اٿيا.

الهڏنو ڪيرواٽي، رستم پٽ الهڏنو، مجيد پُٽ حاجي خاصخيلي، ابراهيم پُٽ حاجي، سِلو پٽ حاجي، آمون پٽ حاجي، عيدو پٽ حاجي خاصخيلي، عثمان پٽ الهڏنو، سلطان پٽ الهڏنو، دلدار پُٽ الهڏنو، بَراد پٽ علي ڪيرواٽي، محمد پٽ بَراد، عيسو پٽ سومار خاصخيلي، عرس پٽ عيسيٰ خاصخيلي، موسيٰ پٽ عيسيٰ خاصخيلي، اُميد علي پٽ سومار سڀئي هليا ويا، علي اڪبر خاصخيلي ڪونہ وَيو. پَٽَ تي تڏو وڇايل هيو، جتي ويهي ڪچهري ڪئي سون، علي اڪبر اُن تي هنڌ وڇائي سمهي رهيو.

صبح جو سوير سج ڪَني ڪَڍي تہ اُٿيس، ايتري ۾ چوڪرو چانهہ ماني کڻي آيو. پَٽَ تي پاڻيءَ جو پريل پَيولو (پلاسٽڪ جو ڊرم) خالي ٿامري (ديڳڙو) نُولو (ڇَل) ۽ ٻاجَهٽ (ننڍڙي صندلي) پيا هئا، مان اُٿي ٻاجهٽ تي ويهي، پَيولو مان ٿورو پاڻي ٿامريءَ ۾ وڌو ۽ نُولو مان پاڻي لاهي هَٿ مُنهن

ڏوئڻ لڳس، ڪٺ جي سيرانديءَ ڪان ٿوال پيو هو. هَٿ منهن ڌوئي تڏي تي آيس، علي اڪبر چانهه ڪوپ ۾ لاهي ڏني، ماني ڪائڻ ڪانپوءِ ڇوڪرو ٿانوَ ڪڻي ويو، اڪبر خاصخيلي اُٿي گهر ڏي ويو. واپس ۾ هڪ بانئو (لَٽَ) ڪڻي آيو، هن جا پير اگهاڙا هئا، هڪڙو ٻار ٻَڪرين جا ڌڻ ڪاهيون پئي آيو، ٻڪرين جي اڳيان ۽ پاسن ڪان ڇَيلڙا ڪُڏَ ٽپنگ ۽ ٽپا ڏيندا لاٽن ڪي سگهندا ڄار جي وڻ وٽ آيا. ٻہ ٻڪريون ڄار جي وَڻ تي چڙهي ويون. اُتي ڄار جا ساوا پَنَ ڪائي رهيون هيون، ڪي ٻڪريون لاٽن منجهہ چرنديون اڳتي هلنديون ٿي رهيون. ڳوٺ جي ٻاهران سڪو تلاءُ هو، اُن جي بند تي ڪٺ رکيل هئي جنهن تي اسين ويٺا هئاسين، تلاءُ جي اُوڀر ۾ مُٽِٽي درياهہ هو.

علي اڪبر چيو:

هاڻ هَلو تہ ڪاري هَلو، هنڌ بسترا پيولو، ٿولو، ٿامري ۽ ٻاجهٺ اُهي سڀ سامان ڇوڪرا پاڻ ڪڻي ويندا. پوءِ اسين علي ڪيرواٽي خاصخيلي ڳوٺ مان پنڌ نڪتاسين. ڪاروڇاڻ ڪان اڍائي ميل هو. ڪارو ڪان صبح جو نائين ڏاري پَتڻ نڪرندو آهي، اُن پتڻ تي مون ڪي پهچڻو هيو، اهو پتڻ ڦاٽ درياهہ جي پرينءَ ڪنڌي تي پهچائيندو، جتان سوزڪي يا ڊاٽسن ٻگهاڻ ۽ ڳاڙهو ماٺهن ڪي ڪڻي ويندي آهي. اسين ڪلراٺي زمين تي ٿهيل پيرو چارو ڪان هلندا رهياسين، پَٽَ تي لاٽا، ڄاريون، سُڪل ٻير جا وڻ هيا.

علي اڪبر چيو:

ادا، ٻَينا زمين آهي، يعني ڪاري زمين آهي، "ٻُينا لفظ جي معنيٰ غير آباد ۽ ڪاري زمين،" هڪ ٻڪري ڄار جي وڻ تي چڙهي وئي، وڻ جي هيٺيان ننڍڙو ڇيلو ٻي ٻي ڪري رهيو هو. اوسيتائين دانهون ڪندو ٻاڪاريندو رهيو، جيسيتائين ڄار جي وڻ تي چڙهيل ٻڪري هيٺ لهي ڪو نہ آئي.

ڪي ڇيلڙا ڪلراٺي پَٽَ تي ڊوڙندا، لاٽن جي ننڍڙن ٻوٽن ۽ زمين تي ليٽيل لاٽن جي وَلين مٿان ڪڏندا ٿي ويا.

رستي ۾ ٻري ٻري ڪان ڪانن ۽ ڪَڙَن جا ڇنا ۽ مَنهہَ ڏسڻ ۾ آيا منهنجو ڌيان انهن گهرن ڏانهن ڏسندي علي اڪبر ڪيراٽي چيو:

ادا، هي پَٽَ جنهن تان هلي رهيا آهيون، سي اُجڙي ويا آهن. اسان ننڍپڻ ۾ هن علائقي ڪي ڏٺو هو. ڪاروڇاڻ ڪان وٺي ميرواهہ ۽ مُٽِٽي درياهن

تائين هي پٽ آباد هئا. سون جي تعداد ۾ مختلف ذاتن وارا ماڻهو رهندا هئا، وڏا باغ زمينون سهڻن فصلن سان ساڀون، ساهہ واريون لڳنديون هيون. آباد هو، هَنن پٽن تي ملاڪڙا لڳندا هئا. ڪارو ۽ سوڪي ڦِٽو تہ هِن علائقا بہ اُجڙي ويا. هاڻ ڪجهہ گهر جيڪي ڇڊا ڇڊا هئا، جنهن ۾ رونجها، بگدا، سهتا، ميربحر ۽ خاصخيلن جا گهر جهجا آهن.

1. ڇُتو ڄاموٺ ڳوٺ خاصخيلي
2. لالڻ خاصخيلي ڳوٺ
3. علي محمد ڪيرواٽي ڳوٺ
4. صديق اوٺاڙي خاصخيلي
5. اسماعيل بگدو
6. صديق رونجهو
7. الهڏنو رونجهو
8. جمعو سهتو
9. محمد سهتو
10. حاجي خاصخيلي
11. عبدالله ميربحر ۽ ڪتين جو ڳوٺ

ڪاروڇاڻ جي ويجهو آياسين، ڪجهہ گهر ڏسڻ ۾ ٿي آيا. پاسي ۾ قبرستان هيو، جيڪو پراٽو نظر اچي رهيو هو. هي قبرستان ميلن ۾ هيو.

اسين قبرستان جو پاسو وٺي هلندا ڪاروڇاڻ جي بازار منجهہ آياسين، الهڏنو ڪتيءَ جو دڪان هجي، اُتي ڪي ماڻهو وڪر، سودو سامان وٺي رهيا هئا، الهڏنو ڪتي دڪان تي ويٺو هو، اسان ڪي ڏسندي، اٿيو ۽ سڪ سان مليو، هڪ ڇوڪري ڪي چانهہ جو چئي پوءِ صندل ڏانهن اشارو ڪيو، اسين صندل تي ويهي رهياسين، ايتري ۾ الهڏنو ميربحر آيو، هن سان مليس ڪين چيو:

آءُ وڃان ٿو پاتڻي يوسف ڪهڙي وقت پتڻ ڪيندو؟ الهڏنو ڪتي چيو:

يوسف پاتڻي شهر ۾ ايندو آهي تہ مون وٽان چڪر ڏئي پوءِ پتڻ تي ويندو آهي، توهين الڪو نہ ڪريو، اجهو پاتڻي آيو، الهڏنو ميربحر اُٿيو، آءُ پاتڻي يوسف ڪي ڏسي ۽ چئي اچان ٿو. الهڏنو ميربحر هليو ويو، ڪجهہ منٽن ۾ موٽي آيو، پاتڻي هوٽل تي چانهہ ويٺو پئي، هيڏانهن اچي پيو.

هڪ ڇوڪرو چانهہ کڻي آيو، اسان سڀئي چانهہ پيئڻ لڳاسين. دڪان ۾ ننڍا وڏا جيڪي بہ آيا ٿي، انهن جي وات ۾ چورو، گٽڪو ۽ ڪن جي وات ۾ پان هجي، ننڍڙا ٻار دڪان تان سوپاريون، سونف جون ننڍڙيون پڙيون وٺيو ٿي ويا. دڪان ۾ ويٺل نوجوان دڪان جي فرش تي ڳاڙهي پچڪاري وات واري اڇلائين پيا تہ فرش تي ڳاڙها نشان، ڇُٽا ٿي پيا وڃن. اُنهن کي دڪاندار بہ ڪجهہ نہ ٿي چيو.

اسين چانهہ ختم ڪئي تہ، پاتڻي يوسف دڪان تي آيو، پوءِ اسان اُٿياسين. هر هڪ کان موڪلايو، الهڏنو ميربحر مونسان گڏ اُٿيو ۽ پتڻ تي هلڻ لڳو، يوسف پاتڻي اسان کان تڪڙو هلندو هڪ دڪان کان گٽڪي جون پڙيون ورتيون، اسين هلندا رهياسين، جڏهن ڪاروڇاڻ جي بازار ٽپي اڳتي هلڻ لڳاسين تہ زاهد ساڪاٽي بلوچ مليو، هُن سان گڏ ٻہ ماڻهو هئا. زاهد بلوچ اُنهن جو تعارف ڪرايو. امين ميربحر، رشيد ساڪاٽي بلوچ پوءِ سڀئي ڦاٽ درياهہ ڏي هلڻ لڳاسين. جنهن جاءِ تي پتڻ (ٻيڙي) بيٺو هو. پوءِ غلام محمد ساڪاٽي بلوچ، سائين سومار ڪيرواٽي جنهن کي اڇي ڏاڙهي هُئي، اِهي پتڻ تي ويا ٿي، جڏهن پتڻ تي آياسين تہ ٻيڙيءَ منجهہ گهڻا ماڻهو اڳ ۾ ويٺا هئا، ٻيڙيءَ جي سڪاڻ تي جنهن جاءِ تي مشين (ٽنگ مشين) لڳل هئي، ٻيڙي جي ڪڻ (پيٽ) ۾ عورتون ۽ ننڍا ٻار ويٺا هئا، ٻيڙيءَ جي مُهريءَ تي چار ماڻهو ويٺا هئا. اسين ٻيڙيءَ ۾ چڙهي سڪاڻ ڏي وڌي وياسين، زاهد ڪاساٽي بلوچ، غلام محمد ساڪاٽي بلوچ، آءُ سڪاڻ تي ويناسين، زاهد سڪاٽي موٽر جي پاسي ۾ ويهي رهيو اُتي بہ ماڻهو ويٺا هئا. انهن پاڻ کي ٽوال سان ويڙهي ڇڏيو هو، زاهد ڪاساٽي بلوچ هڪ ماڻهوءَ کان وڏو ٽوال (پوتڙو) وٺي اُن سان پاڻ کي ويڙهي ويهي رهيو، جيئن موٽو هلڻ وقت تيل جا ڇنڊا، ڦينگيون هٽي ڪپڙا خراب نہ ڪري، پاتڻي يوسف اچي ويو. هاڻ ماڻهن کي اميد ٿي تہ پتڻ هلندو، تڙ تي ٽي ٻيڙا سڪي وٽ بيٺا هئا. هڪ ٻيڙي جي واڍا مرمت ڪري رهيا، ان کي هيٺيان ڪاٺ جون پٽيون هٽي رهيا هئا.

پاتڻي يوسف سڪاڻ تي ٽنگ مشين چالو ڪئي تہ هوا ۾ مشين جو شور هوا ۾ پکڙجي ويو، ٻيڙي لوڏو ڪائي هلڻ لڳي. آهستي موڙ ڪائي تيزيءَ سان درياهہ جي سيني تي هلڻ لڳي تہ درياهہ جي پاٽيءَ جون

ڇَنڊون ڇوليون (ڦينگون) سڪاڻ ۽ مُهري تي ويٺل ماڻهن جي مٿان ڪرڻ لڳيون، جنهن پاسي کان لهرون اٿل ڪائي ٻيڙيءَ (هوڙو) سان اچي لڳن پيون تہ پاسن کان ويٺل ماڻهن کي پَسايون هليون پيون وڃن. درياهہَ ۾ موج هُئي، واءُ تيز گهلي رهيو هيو. ٻيڙي پينگهہ جيان لڏندي هلندي رهي، ڪنهن مهل درياهہ ۾ ٻيڙي آسيري پاسيري ٿيندي رهي تہ ماڻهو هڪٻئي کي پڪڙي جهلي وَٺن پيا. ڦاٽ درياهہ جي وچ ۾ ٻيڙي هلي رهي هئي. درياهہ منجهہ ڪيترا هوڙا هلندا رهيا، پاتڻي يوسف سڪاڻ تي بيٺو هجي، هن ڪيسي مان گٽڪي جي پُڙي ڪڍي، وات ۾ وجهي، وري پڙيءَ کي ويڙهي سيڙهي ڪيسي ۾ رکيائين. پوءِ مُهريءَ (ٻيڙي جو پويون حصو) تي ويٺلن ماڻهن ڏانهن هليو ويو. اُنهن کان ڀاڙو وٺڻ لڳو.

پتڻ ڪَڍيو، هَٿ ۾ رکو.

يوسف پاتڻي مُهريءَ وارن کان پئسا وٺي پوءِ سُڪاڻ وارن ڏي آيو. انهن کان پتڻ (ڀاڙو) ورتائين، تنهن کانپوءِ ڪُڻ منجهہ ويٺل عورتن ۽ ٻارن کان ڀاڙو ورتو. واپس سڪاڻ تي آيو، هن هر هڪ ماڻهوءَ کان پنجاهہ (5.0) روپيا ڪرايو ورتو، موٽر ۾ ٻڌل رسي کي ڇڪ ڏني تہ ٻيڙي تيزيءَ سان هلڻ لڳي. سامهون تڙ هيو، اُتي پيون ٻيڙيون بيٺل هيون. پاتڻي انهن ٻيڙن کان پري ڦاٽ درياهہ جي ڪنڌي ڏي ٻيڙي جو رُخ موڙيو. ڪجهہ منٽن کانپوءِ ٻيڙي ڪنڌيءَ کان پَر پري ٿي بيهي رهي، ماڻهو شلوار وارا پاچا مٿي کڻي ٻيڙيءَ مان هيٺ لٿا. ڪن ماڻهن کي گوڏن تائين پاڻي آيو ٿي. ڪن کي چيلهہ تائين پاڻي، آءُ ٻيڙيءَ مان هيٺ لَهي، پاڻي جي گپ ۾ پير کُنڊا ڪري هلندو سُڪيءَ تي آيس. ڪناري تي اچي درياهہ جي پاڻيءَ ۾ پير ڇاڇولي (ڌوئي) بوٽ پائي سوزڪيءَ ۾ چڙهي وينس. تڙ تي هڪ ڏاٽسن ۽ هڪ سوزڪي بيٺي هئي، ڪي ماڻهو ڏاٽسن ۾ چڙهيا تہ ڪي سوزڪي ۾ چڙهي ويٺا، ٻئي گاڏيون ماڻهن سان ڀرجي ويون.

زاهد ساڪاٽي بلوچ سان ڪچهري ٿي، هن ٻڌايو تہ ٻاٻيهو ڳوٺ ۾ ڪجهہ ماڻهو سوڪيءَ کان لڏي اچي ويٺا آهن، انهن سان ڪچهري ڪنداسين. ”ادا! هير ٻگهاڻ هلون ٿا، اتي ڪي ماڻهو آهن تہ ٻڌاءِ، انهن سان ملڻ سولو ٿيندو، ڇو تہ آءُ ٻگهاڻ مان ڪراچي هليو ويندس.“

اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ سوزڪي ڀگهاڻ شهر ۾ پهتي، سوزڪي وارو هڪ، هڪ ماڻهوءَ کان پنجاهه روپيه ڀاڙو ورتو، اسين هيٺ لٿاسين، سوزڪيءَ واري کي ڪرايو ڏنو، زاهد بلوچ چيو:

ادا، توهان پندرنهن ويهه منٽ اتي بيهو يا ڪنهن جاءِ تي ويهو، آءٌ ڊاڪٽر کي طبيعت ڏيکاري اچان ٿو. منهنجي ذهن ۾ آيو ته ڪالهه محبوب جي هوٽل تي وينو هوس، چو نه اُتي وڃي ويهي رهان.

زاهد! آءٌ محبوب هوٽل تي وڃي ويهان ٿو.

"ها.... اهو هوٽل ڏٺل آهي، آءٌ اتي اچي ويندس."

زاهد ائين چئي هليو ويو، آءٌ محبوب هوٽل تي آيس. صندل تي ويهي رهيس، بيرو آيو، هن جي هٿ ۾ پاڻي جو گلاس هيو، اهو اڳيان رکيائين.

پاءِ.... هڪ چانهه ڦڪي:

بيرو ڪنڌ لوڏي هليو ويو، شبير ميمڻ جو وڏو پاءُ دڪان تي هيو، اُهو مليو. آءٌ اڌ ڪلاڪ اُتي وينو رهيس، زاهد بلوچ جي فون آئي، اسين اچون پيا. ڪجهه منٽن کان پوءِ هڪ موٽرسائيڪل هوٽل جي اڳيان اچي بيٺي، اُن تي زاهد وينو هو. آءٌ اُتي ويس، پوءِ ٽئي ڄڻا جنگي سَر روڊ تي آياسين. مهراڻ شاپنگ سينٽر کان ٿورو اڳيان ڪي هٽ تي چَنو نهيل هيو، اُتي موٽرسائيڪل بيهاري اسين اندر داخل ٿياسين. هڪ نوجوان سفيد ڪپڙن ۾ وينو هو، بنديءَ تي لکي رهيو هو. شايد حساب ڪتاب لکي رهيو هو، چَني ۾ چار ماڻهو وينا هئا. انهن مان ٻه ڄڻا اُتي هليا ويا، ٻه ڄڻا وينا رهيا، هڪ کي نوجوان جيڪو حساب ڪتاب لکي رهيو تنهن چانهه جو چيو ته وينل ٻن ماڻهن مان هڪڙو اُٿيو ۽ چني کان ٻاهر هليو ويو، وري موٽي آيو. اُن جي پويان چانهه وارو ٿرماس ۽ ٽي ڪوپ ڪنيو اندر داخل ٿيو، نوجوان چيو، هيءَ چانهه انهن ملاحن جي لاءِ چئي هئي، جيڪي اُتي هليا ويا، هاڻ اها چانهه اسين پيئنداسين. پوءِ ڪوپ ۾ چانهه ڏني، ٻئي ڪوپ ۾ پنهنجي لاءِ چانهه لاهي پيئڻ لڳو. ايتري ۾ هن جي فون اچي وئي، ان سان ڳالهائڻ ۾ مصروف ٿي ويو.

آءٌ چانهه پي خالي ڪوپ اڳيان ميز تي رکيو ته ٽي ماڻهو چني منجهه آيا، منهنجي پِر ۾ خالي ڪرسيون پيون هيون، اُن تي اچي وينا. انهن

سان حال احوال ٿيا پوءِ انهن پنهنجو تعارف ڪرايو.

ادا، منهنجو نالو شير محمد ڪاساڻي بلوچ ولد احمد علي ساڪاڻي بلوچ، ڀگهاڻ شهر کان سڄي پاسي تي هڪ ڪلوميٽر ۽ هڪ فرلانگ جي مفاصلي تي ڳوٺ احمد علي ساڪاڻي بلوچ آهي. اهو اسان جو ڳوٺ آهي، هي پُنَ شاخ جي پِر ۾ آهي.

جنهن نوجوان چانهه گهرائي هُئي، ان پنهنجو تعارف ڪرايو. منهنجو نالو جلال احمد پيروزاڻي آهي، ڳاڙهو شهر جي پِر ۾ اسان جو ڳوٺ حاجي رمضان پيروزاڻي آهي.

چَني ۾ وينلن ماڻهن پنهنجا نالا ٻڌايا:

ڇَڇَر ملاح ولد ماڪُو، عباس علي، الله بچايو، ڊانڊل، معشوق ساڪاڻي، زاهد ساڪاڻي بلوچ، علي حسن پيروزاڻي بلوچ، سليمان ملاح، سڪندر رجيرو، علي ملاح.

شير محمد ساڪاڻي بلوچ ڪچهري ۾ ٻڌايو ته اسان جا ڏاڏا، پڙ ڏاڏا سوڪيءَ جا آهن، سوڪيءَ ۾ هندو گهڻا هئا، اُنهن جا پڪا گهر هئي ۽ سوڪي ۾ پائيلا به هُئا. پائيلو جي معنيٰ ڪارخانو، جنهن ۾ چڙ پيسائي ٿيندي هئي.

ڀگهاڻ ۾ وينو هئس ته ڊاڪٽر جليل ڪتيءَ جي فون آئي،

ادا! ڪٿي آهيو؟

ڊاڪٽر! ڀگهاڻ شهر ۾ آهيان.

آءٌ نٽو کان گهارو اچان پيو. تون به اُتي اچ، آءٌ چيئرمين هوٽل تي انتظار ڪندس.

ڊاڪٽر! مهرباني، گهارو شهر ۾ گڏ آهيون.

ڊاڪٽر جليل ڪتيءَ جي فون ڪانپوءِ، دوستن کان موڪلايو، ڀگهاڻ مان سوزڪي ۾ چڙهي، ڳاڙهو شهر ۾ آيس.

خاصخيلي هوٽل وٽ ڳاڙهو کان ڪراچي ويندڙ وين ۾ چڙهيس، جيڪا ابراهيم حيدري وڃي رهي هئي، گهارو ۾ لهي روڊ ٽپي چيئرمين هوٽل تي ويس، ڊاڪٽر جليل وينو هو، ڪچهري ڪندي حال احوال ڪيائين ته،

ادا! چوهڙ جمالي کان اچان پيو، جڏهن نٽو شهر پهتس ته تنهنجو خيال آيو، "منصور سان ڳالهايان." مون کي پڪ هئي، تون نٽي ضلعي ۾ ڪنهن نه

ڪنهن ڳوٺ يا شهر ۾ هوندي، اهو سوچي توهان کي فون ڪئي.

چوهڙ ۾ "ناٿو ولد محمد ميراسي"، سان ملاقات ٿي، ۽ اوستو محمد يوسف خاصخيلي ولد محمد رمضان خاصخيلي سان ملاقاتون ٿيون. اوستو (استاد) ان کي چوندا آهن جيڪو ڪنهن به فن جي ڄاڻ رکندڙ هجي. ناٿو ولد محمد عرس ميراسي ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻڌايو ته ورهاڱي ٿيڻ کي ٽي سال گذريا هئا. راڳ ڳائيندڙ هڪ ٽوليءَ سان، ناچو ٻڻجي سوڪي بندر گاهه ۾ سوڪي شهر ويو هوس، ان وقت منهنجي عمر ٻارنهن سال هئي، اسين سوڪي شهر ۾ آياسين. اتن (اتان) جي ماڻهن پئي چيو،

"هاٽي واٽيا هليا ويا آهن، جيڪي وٽج واپار ڪندا هئا، انهن جي وڃڻ ڪانپوءِ ڪاروبار ۾ اها ڳالهه ڪانهي، هتان جي واپارين جو ٻين شهرن سان ڏيتي ليتي اُها نه رهي آهي. هندو جيڪي ڪاروباري ڄاڻ رکندڙ هئا، سوڪي بندر ۾ سوڪي شهر جا وارث هئا. هاٽي هتان جا مالڪ مسلمان ٻڻيا آهن، ان وقت بازار ۾ هلندين، سوڪيءَ جو شهر گهمندي، ڦرندي مزو اچي رهيو هو.

جنهن راڳيندڙ ٽوليءَ سان ويو هوس، اُهي اڳي واٽين جي وقت سوڪي شهر ۾ بندر تي ايندا ويندا هئا. انهن مِڪي (مون کي) سوڪي جي قصن بابت ۾ سوڪيءَ جي محبتي ماڻهن جا قصا ٻڌايا. اهو به ٻڌايو ته واٽيا فنڪارن جو جهجهو قدر ڪندا هئا.

آءٌ جنهن ٽوليءَ سان ويو هوس. انهن راڳيندڙن جا نالا هينئر به ياد آهن. "منگو ميراثي، مهراڻ ميراثي، ڪريم بخش عرف ڦوتو ميراثي، خادم ميراثي، مِنو مصري ميراثي هئا.

سوڪي شهر ۾ اسان جو رهڻ عثمان شيديءَ جي اوطاق تي ٿيو هو. ماني ٽڪي سڀ اتي کائيندا هئاسين ۽ راڳ جي محفل به عثمان شيديءَ جي اوطاق تي ٿي، سوڪيءَ شهر ۾ ڪيترين ئي ذاتين وارا ماڻهو رهندا هئا، راڳ ٻڌڻ جي لاءِ سوڪي شهر ۾ پرپاسن جا ماڻهو به آيا هئا.

اسان کي پئسو جام ڏنائون، سي ماڻهو راڳ جا وڏا شوقين هجن، اسان فنڪارن جي عزت ڪيائون، مهمانوازي اهڙي جو اڄ ڏينهن تائين، اهو قربائتو ۽ پيار وارو هلڻ، سوڪيءَ جي ماڻهن جو وسري نه ٿو. ان ڪانپوءِ موجو (منهنجو) سوڪيءَ شهر ڏي وڃڻ ڪونه ٿيو.

اسين چيئرمين هوٽل تي ماني کائي ساڪرو شهر کان ايندڙ وين ۾

چڙهي، ريڙهي ميانڻ جي موڙ تي پهتاسين. پوءِ اسان کي هڪ سوزڪي ملي وئي، ريڙهي ڳوٺ ۾ آياسين.

رات جو ڊاڪٽر جليل جي اوطاق تي سائين لطيف الله خاصخيلي آيو. جيڪو پرائمري اسڪول ريڙهي ۾ استاد هجي. اوطاق ۾ ٻه ٻارڙا فائزه ۽ فيضان به اچي ويٺا. سائين لطف الله ڳالهين ۾ هن پنهنجي والد لهر محمد هاشم جنهن کي "لهر ڪيٽوي" به چوندا هئا، ان بابت ٻڌايو.

ادا! منهنجو والد سوڪيءَ ۾ پرائمري ماستر هيو. پاڻ شاعري ڪندا هئا، سوڪي شهر ۾ جوڳيئڙا ڳوٺ ۾ استاد رهيو. سوڪيءَ شهر ۾ جوڳيئڙا ڳوٺ ۾ ٽن ميلن جو فاصلو آهي، جوڳيئڙا ڳوٺ ۾ فصل پلو ٿيندو هو، خاص طور "ساڳ" جوڳيئڙن جو ڏاڍو مشهور هيو. جوڳيئڙا ۾ ساڳ جي پوک سُٺي ٿيندي هُئي، ماڻهو ساڳ وڏي شوق سان کائيندا هئا.

بابا جي هڪ بيت ۾ جوڳيئڙا ڳوٺ جي "ساڳ" جو ذڪر آهي،

جام ملي ٿو جوڳيئڙن، سَرهَ سندو ساڳ،
ڪايو سهڻو ساڳ، ويٺا ڪريون راڳ،
چوءِ پنهنجو ڀاڳ، جنهن جان اڙائي جوڳيئڙن ۾.

جوڳيئڙا ڳوٺ هير به آباد آهي، پر اهو ماضيءَ وارو اوج نه رهيو آهي، جوڳيئڙا جا شاگرد درياهه جو ڊورو اڪري سوڪيءَ جي اسڪول ۾ پڙهڻ ويندا هئا.

بابا جي شاعري جو ڪتاب "لهريون اڇليون وڇڙيون" سندس حياتيءَ ۾ صداقت ڊيپو گاڏي کاتو شايع ڪرايو هو. 1998ع ۾ بابا وفات ڪئي.

ڊاڪٽر جليل ٻڌايو ته چوهڙ ۾ منهنجي ملاقات اُستو محمد يوسف ولد محمد رمضان خاصخيلي سان ٿي، ان چيو ته،

"اسان سوڪيءَ مان 1962ع ۾ لڏ پلاڻ ڪئي، صديق ڪاتڙائي مهاڻو هيو، ان جي ٻيڙي جنهن کي "گاليو" چون. "گاليو" ٻيڙي جو قسم آهي، اسين ان ۾ لڏ ڪٽي (گهر جو سامان) چوهڙ جمالي لڳ "لوڊ موري" جي ڳوٺ جيڪو بچل پاٽڻي جو ڳوٺ هجي، اتي اچي لڏو لاهي ويناسين. پوءِ وري اتان ڏاند گاڏين ۾ لڏ ڪٽي (سامان) چوهڙ شهر جي لڳ "پلو اوٽار" جي پتن تي اچي رهائش اختيار ڪئي. سوڪيءَ آباد شهر هيو، هن شهر جو واپار ڪيترن ملڪن ۾

شهرن سان هلندو هيو.

سوڪيءَ ۾ واڻيا، جن ۾ ڀاٽيا ۽ لوهاڻا ذات وارا هئا، سوڪيءَ جي شهر ۾ ان چڙهڻ ۽ ان پيسڻ وارو ڪارخانو هندو ڀاٽين جو هيو، ان مل کي محمد رمضان خاصخيلي هلائيندو هو.

سوڪي شهر ۾ اسان جا دڪان، هوٽل ۽ ڪئبن بہ هيون، سوڪيءَ جي اتر طرف ۽ اولهہ پاسي ۾ موسو ڪنڀار وارن جا ويهہ کن گهر هئا.

انهن جي پاسي ۾ خاصخيلين جا گهر، انهن گهرن جي ٿورو اڳيان مهاڻن جا گهر هجن.

سوڪيءَ ۾ "ٻنندو مل" ديوان لوهاڻو سريال (چگو مڙس) هوندو هو. جنهن کي هڪ ڏيءَ تارا ۽ هڪ پٽ تارو مل هئا.

واڻين جي وڃڻ ڪانپوءِ جيئن جيئن سوڪي جي چلتي واري ۽ وڻج واپاري سونهن گهٽجڻ لڳي تہ ماڻهو بہ لڏ پلاڻ شروع ڪرڻ لڳا. موسو ڪنڀار سوڪيءَ مان لڏي "باگاڻن" ۾ سائين جلال شاهہ وٽ آيو. ان کان ٻيڙين جي مدد گهريائين. جنهن موسيٰ ڪنڀار کي "دبائي جت" جي ٻيڙي ڏني. ان ٻيڙي ۾ سامان (لڏ) کڻي چوهڙ آيو ۽ ڪجهہ عرصو رهي پوءِ ابراهيم حيدري هليو ويو، هاڻ ان جو اولاد ابراهيم حيدريءَ ۾ رهي پيو.

سوڪي جو شهر "سڪ پريت جو شهر" هيو، اڃان بہ ڪيترا ئي ماڻهو مون کان رهجي ويا آهن، جيڪي سوڪي جا اصل رهواسي هئا. هن وقت مختلف ماڳن تي رهن ٿا. انهن سان ملاقات ڪري ڪو نہ سگهيو آهيان پر جن بہ ماڻهن سان ملاقاتون ٿيون، انهن سڀني سامونڊي سورن جون دانهون ڪيون، سمنڊ جي کاري پاڻيءَ انهن جا اڇا ڦڻائي ڇڏيا، سامونڊي کاري پاڻي لاڙ جي سڪين ستابن پٽن کي "پونو" بڻائي ڇڏيو ۽ اڃان بہ اجاڙيندو اچي پيو. سامونڊي سورن جا داستان ڪنهن کان وسريا ڪونہ آهن.

"موهن جو دڙو" ۽ ان جي اوج واري زماني ۾ سنڌ جا وڏا سامونڊي بندر اُٽويهہ هوندا هئا. انهن جو واپار دنيا جي وڏن ملڪن سان هوندو هو. ان کان سواءِ ڪيترا ئي سون جي تعداد ۾ ننڍا بندر بہ هئا، جيڪي ڏيهي طور تي مختلف وٿون ۽ وکر پيا نيدا ۽ آڻيندا هئا. هي سنڌو سڀيتا جي انتهائي ترقي ۽ تعمير وارو دؤر هيو. هتان جا پَٽي واپاري جيڪي سامونڊي پٽيءَ جي بندرگاهن جا مشهور واپاري هُئا. جن جو خاص طور ڏيساور سان واپار هلندو هو. جن ۾ اهم مُلڪ "سمير" يا "عراق" سان هئا. جتان تجارتي سامان اولهہ (اُن دؤر جي يورپ) ۽ ڏکڻ طرف ۾ "مصر" سان هلندو هو. ان ڳالهہ جون ثابتيون پراڻين تهذيبن، عراق، فلسطين ۽ مصر جي قديم آثارن مان بہ معلوم ٿين ٿيون. سڪندر اعظم يوناني بادشاهہ جي حملي ڪانپوءِ سنڌ جو تجارتي سامان بحري ٻيڙن ۾ ڪچي اهم تجارتي مرڪز "مصر" جي "سڪندريا" پهچندو هو. جتان پوءِ "مصر" جي ٻين علائقن ڏانهن پکڙجي ويندو هو.

سڪندر اعظم يوناني بادشاهہ کان پوءِ يونان ۽ روم تائين پهچندو هو. جي دؤر ۾ سليوڪس نڪوٽار (Seleucus Nicator) شهنشاهہ ٿيو. اهڙي ريت يونان جي گمنام واپاريءَ جاگرافيائي موضوع جي حوالي سان سنڌ جي بندر ۽ بازارين جو ذڪر ڪيو آهي. سندس ڪتاب جو نالو، "پيري پلس آف ايري ٿري ان سي" (Peri plus of Erythraean Sea) سنڌو مها ساگر وارو سامونڊي رستو. مٿيون ڪتاب اصل ۾ يوناني ٻوليءَ ۾ لکيل هيو. جنهن جو انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو 1912ع ۾ ڇپيو.

"سوڪي بندر ۽ سامونڊي سور" هن ڪتاب لکڻ جي لاءِ منصور ڏونگر ڏوريا آهن. ڪشت ڪاٽيا آهن. منصور ٿلهو لکن واڌاين جو مستحق آهي ۽ مون کي يقين آهي تہ هن کان اڳ سنڌ جي بندر "سوڪي" جي حوالي سان "سفر نامو" ڪنهن بہ نہ لکيو آهي.

هي مانائتو ماڻهو سنڌ جو ڀڳت ۽ سنڌ جو پوڄارو آهي. جنهن پنهنجي قلم ۽ لفظن سان سنڌ کي سهي سجدا ڪيا آهن. مون وٽ ايترا اهڙا لفظ موجود ڪونہ آهن جو سندس ڪيس جوڳي ڀيٽا پيش ڪري سگهان.

عطا محمد ڀنڀرو
حيدرآباد